Follow us on: daily pak karachi

ABC CERTIFIED

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

روزاني

پاڪ

ڪراچي

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد:27 اڱارو 25 فيبروري 2025ع بمطابق 26 شعبان المعظم 1446هه قيمت 20 رپيا شمارو: 103

ترقياتي منصوبن ۾ سهڪار تي سنڌ حڪومت جي تعريف، ملڪ کي سياسي لانگ مارچ نه پر معاشي لانگ مارچ جي ضرورت آهي: احسن اقبال

سنڌ حڪومت پاڻي معاملو وفاق اڳيان اٿاري ڇڏيو، احتجاجن بدران قانوني رستو اختيار ڪبو: وڏو وزير

چولستان ڪينال جي منظوري جي رپورٽن باوجود سسٽم ۾ نوان ڪينال ٺهڻ لاءِ پاڻي موجود ناهي، اسان کي اهڙي فيصلي تي ڳڻتي آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي-حيدرآباد موٽروي جي بحالي ۽ سکر-حيدرآباد موٽروي هن سال شروع ڪيو، وڌندڙ آبادي ۾ 2.55 سيڪڙو واڌ جي شرح تي ڳڻتي جو اظهار، آبادي تي ڪنٽرول ڪرڻو پوندو: وفاقي وزير

هيوي ٽريفڪ کي لياري ايڪسپريس وي ڏانهن موڪليو وڃي ته جيئن سامان جي چرپر کي آسان بڻائي سگهجي، شاهراهه ڀٽو کي هلندڙ سال جي آخر تائين مڪمل ڪيو ويندو: گڏيل پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراهه) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاڪستان جي ٽريلين ڊالرن جي معاشي ويزن جي حصول لاءِ اتحاد، اسٽريٽجڪ اقتصادي رٿابندي ۽ بنيادي اسٽرڪچر جي ترقي تي زور ڏنو آهي. هن اها ڳالهه سومر ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ سنڌ حڪومت پاران منعقد ڪيل "اڙان پاڪستان" ورڪشاپ کي خطاب ڪندي چئي. هن پائيدار ترقي جي چئلينجن ۽ موقعن جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

ڪراچي: مرادعلي شاهه ۽ وفاقي وزير احسن اقبال گڏيل پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

اينڊڙ ٻن مهينن ۾ بجلي 6 کان 8 روپيا يونٽ سستي ٿيڻ جو امڪان

حڪومت پاران عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ بينڪ کان 13 سئو ارب قرض وٺڻ لاءِ ڳالهيون جاري

آءِ پي پيز تي 300 ارب رپين جو وياج ختم ڪيو ويو، 6 آءِ پي پيز سان معاهدا ختم ڪيا ويا آهن: پاور ڊويزن اختياريون

حڪومت پاور ڊويزن جو 2300 ارب روپيا قرض ختم ڪرڻ جي لاءِ ڳالهين جو عمل تيز ڪاري ڇڏيو آهي: ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي حڪومت اينڊڙ ٻن مهينن ۾ بجلي جي اگهن ۾ گهٽتائي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. پاور ڊويزن جي عملدارن موجب، حڪومت بجلي جي في يونٽ قيمت 6 کان 8 رپيا گهٽائڻ تي غور ڪري رهي آهي، جنهن /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

اياز لطيف پليجو سان قومي اسيمبليءَ جي اپوزيشن ڌر جي ملاقات، ڇهه نوان ڪئنالن ۽ آئيني ترميم تي بحث

ڪئنال معاملو ملڪي بقا جو معاملو آهي، ان خلاف آواز اٿاريندا سين: اسد قيصر/اياز لطيف پليجو

سنڌ جي هارين سان گڏ آهيون، پاڻي چوري ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين: محمود خان اڇڪزئي/لطيف کوسو

سان پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني ۽ حقيقي جمهوريت چاهيون ٿا: صاحبزاده حامد رضا / ناصر شيرازي

مسئلن جو حل پابندين ۽ ٽڪراءَ نه پر هڪ منصفاڻ، رواداري ۽ جمهوري فيڊريشن آهي: ساجد ترين/حليم عادل

حيدرآباد (بيورو) مخالف ڌر جي وفد قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو جي رهائش گاهه قاسم آباد پهچي سائٽس / ڏسو صفحو 3 بقايا 17

حيدرآباد: اياز لطيف پليجو سان اسدقيصر جي اڳواڻي ۾ وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران غير قانوني اڏاوتن ڪيسن ۾ ايس بي سي اي ۽ ٻين واسطيدار ڌرين کي نوٽيس جاري

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ موجود آئيني بينچ جي سربراهه جسٽس ڪي ڪي آغا ۽ جسٽس يوسف سعيد تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

رمضان المبارڪ 2 مارچ 2025 کان شروع ٿيڻ جو امڪان

اسلام آباد (م ڊ) اسپيس اينڊ اپر ايٽموسفيئر ريسرچ ڪميشن ملڪ ۾ رمضان المبارڪ جو چنڊ نظر /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

انٽربينڪ ۾ ڊالر 9 پئسا مهانگو، 279 روپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) انٽربئنڪ ۾ پاڪستاني رپئي جي پيٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

ارمغان اداڪار ساجد جي پٽ ساحر کان منشيات خريد ڪندو هو: مصطفيٰ قتل ڪيس ۾ انڪشاف

ڪراچي: (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي جي علائقي ڊفينس مان /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

باڪو: وزيراعظم شهباز شريف کي گارڊ آف آنر ڏنو پيو وڃي

وزيراعظم آذربائيجان پهچي ويو، صدر الهام عليوف سان ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

پاڪستان ۽ آذربائيجان ۾ واپار، دفاع ۽ ٻين ڪيترن ئي شعبن ۾ مختلف معاهدا

آذربائيجان پاڪستان ۾ ٻه ارب ڊالر جي سيڙپڪاري ڪندو جيڪا سٺي ڳالهه آهي: شهباز شريف

ٻنهي ملڪن ۾ واپاري ۽ اقتصادي سهڪار کي هٿي وٺرائڻ جا ڪيترائي موقعا موجود آهن: صدر آذربائيجان

باڪو (م ڊ) پاڪستان ۽ آذربائيجان وچ ۾ واپار، دفاع ۽ ٻين ڪيترن ئي شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي، جنهن جي سلسلي ۾ مختلف معاهدن ۽ ايم او يوز تي صحيحون ڪيون ويون. وزيراعظم شهباز شريف، /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

صوبائي وزير شرجيل ميمڻ جي صدارت ۾ اجلاس، ٽرانسپورٽ بابت ڪيل فيصلن تي فوري عمل ڪرائڻ جون هدايتون

سنڌ سرڪار پاران موٽر وهيڪل انسپيڪشن سينٽرز هڪ هفتي اندر فعال ڪرڻ جو فيصلو

روڊ سيفٽي قاعدن تي عمل کي يقيني بڻائڻ لاءِ هڪ هفتي اندر ايم وي آءِ سينٽرز کي فعال ڪيو وڃي: شرجيل ميمڻ

گاڏين جي فٽنس کي يقيني بڻائڻ لاءِ فيصلائتا قدم کڻون پيا، شعبي ۾ بهتري لاءِ سخت فيصلا ضروري آهن: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: امداد سومراهه) سنڌ سرڪار سڄي صوبي /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

ڪراچي: شرجيل ميمڻ جي صدارت ۾ ٽرانسپورٽ جي حوالي سان اجلاس ٿي رهيو آهي

آفاق احمد جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي بغير ڪنهن ڪارروائي جي ملتوي

ڪراچي(رپورٽر) مقامي عدالت گاڏيون ساڙڻ واري ڪيس ۾ مهاجر قومي مومنٽ جي چيئرمين آفاق /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

صوبائي محتسب سنڌ جي هدايتن تي حيدرآباد آفيس ۾ شڪايتي سيل قائم

حيدرآباد (بيورو) صوبائي محتسب سنڌ جي هدايتن تي /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

پارليامينٽ تي حملو ٿئي ته ڇا ان لاءِ به الڳ عدالت جوڙي ويندي؟: جسٽس مندوخيل

سپريم ڪورٽ جي 7 رڪني بينچ فوجي عدالتن ۾ سويلينز جي ٽرائل خلاف انٽرا ڪورٽ اپيل تي ٻڌڻي ڪئي

ڪو بهادر وزيراعظم ناهي آيو جنهن مدو پورو ڪيو هجي (جسٽس مسرت) فوجي آمرن جو مدو ٻه وڌايو: مندوخيل

ڇا ڪورٽ مارشل عدالتي ڪارروائي ناهي؟ (جسٽس مندوخيل) ڪورٽ مارشل رڳو فوج تي لاڳو ٿئي ٿو: وڪيل

اسلام آباد (م ڊ) فوجي عدالتن ۾ عام شهرين جي ٽرائل بابت انٽرا ڪورٽ اپيل جي ٻڌڻي دوران جسٽس جمال مندوخيل رمارڪس ڏنا ته جيڪڏهن پارليامينٽ تي حملو ٿئي ته ڇا ان لاءِ به الڳ عدالت جوڙي ويندي؟ سپريم ڪورٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 43

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران گم ٿيل ماڻهن جي ڪيسن ۾ اڳڀرائي نه ٿيڻ تي ڪاوڙ جو اظهار

ٻه رڪني بئنچ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي لاءِ 6 داخل درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي جاچ آفيسر پيش

پوليس پاران پائرن اقبال حسن ۽ محمد حسن جي گمشدگي جو ڪيس داخل ڪري رپورٽ پيش

عدالت پاران سنڌ حڪومت کان رپورٽ طلب ڪندي بازيابي بابت 18 مارچ تائين جواب جمع ڪرائڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ظفر احمد راجپوت ۽ جسٽس تسنيم سلطانه تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي لاءِ 6 داخل درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي نه ٿيڻ تي عدالت ڳڻتي جو اظهار ڪيو. عدالت گم ٿيل ماڻهن جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 46

سنڌ سمال انڊسٽري ڪارپوريشن حيدرآباد جي ملازمن پاران پگهارن لاءِ احتجاج

حيدرآباد(رپورٽر) سنڌ سمال انڊسٽري ڪارپوريشن حيدرآباد جي ملازمن بند ٿيل پگهارن جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 45

مسافرن لاءِ بُري خبر، سر سيد ايڪسپريس سروس بند ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي کان لاهور ويندڙ مسافرن لاءِ بري خبر اچي وئي، سر سيد ايڪسپريس /ڏسو صفحو 3 بقايا 44

لاڙڪاڻي ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ جي ڪئنالن خلاف ريلي، جناح چوڪ تي ڌرڻو

جسقم ايوب ڪالوني يونٽ ريلي ڪڍي جناح باغ چوڪ تي ڌرڻو هنيو، جنهن سبب گاڏين جون قطارون لڳي ويون

درياهه ڪروڙين سنڌين جو جياپو آهي، نوان ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ سُڪي ۽ بنجر بڻجي ويندي: محمد مراد جتوئي

ڪئنالن خلاف جدوجهد جي ميدان ۾ آهيون، حڪمران مافيا کي ڪنهن صورت ۾ ڪئنال ٺاهڻ نه ڏينداسين: اڳواڻ

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ يونٽ ايوب ڪالوني طرفان سنڌو درياهه مان 6 ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي جناح باغ چوڪ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب ايندڙ /ڏسو صفحو 3 بقايا 47

لاڙڪاڻي ۾ ايم پي اي فريال ٽالپر جي مقتول سنجي ڪمار جي وارثن سان تعزيت، مڪمل سهڪار جي خاطري

ظالم جو ڪو مذهب ناهي هوندو، سنجي ڪمار جي خون سان انصاف ٿيندو: فريال ٽالپر

هندو کي هندو نه چئجي، اهڙي قسم جو واقعو ڪنهن سان به ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته واردات ڪرڻ وارو ظالم آهي

پوليس مٿان مسلسل پريشر وڌو آهي ته جوابدار کي پڪڙيو، وارثن سان سهڪار ڪنداسين: صحافين سان ڳالهيون

لاڙڪاڻو (رابيل جاگيراڻي) پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيزونگ جي مرڪزي صدر ايم پي اي فريال ٽالپر لاڙڪاڻي پهچي ڪجهه ڏينهن اڳ ٽارگيٽ ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

فريال ٽالپر ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

بدين ۾ ڏاڍائي الزام هيٺ آيل واپاري مٿان ٿيل مبينا حملي جو ڪيس داخل

ٿنهن سان زبردستي زنا الزام هيٺ آيل حسن ميمڻ تي ٿيل مبينا حملي جو ڪيس داخل ٿي ويو

ڪيس داخل ٿيڻ بعد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا، گرفتاري عمل ۾ ناهي آئي: پوليس

بدين (ڊ ر) ماڊل ٿاڻي بدين تي عدالتي حڪم بعد ڪپڙي جي واپاري ۽ تاجر الائنس بدين جي نائب صدر حسن ميمڻ سميت ٻن ٻين جوابدارن /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

ايس ايس پي فرخ لنجار جي بورچي کي مبينا گرفتار ڪرڻ تان ايس ايڇ او بدين معطل

ايس ايڇ او انور لغاري ايس ايس پي حيدرآباد فرخ لنجار جي بورچي کي ڪوڙي چيڪ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو هو

ڳالهه گهرو وزير تائين پهچڻ بعد ايس ايس پي عبدالخالق پيرزاده ايس ايڇ او انور لغاري کي معطل ڪري ڇڏيو: ذريعا

معطلي بعد ايس ايڇ او چارج نه ڇڏي، نئون ايس ايس پي اچڻ کان اڳ ايس ايڇ او ٿاڻي جي ڪوشش شروع ڪري ڇڏي

بدين (رپورٽ: دودو پنهور) بدين ٿاڻي جي ايڇ او کي بدين ضلعي جي چارج رکندڙ ايس ايس پي اختيارن جي غير قانوني استعمال تي معطل ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

بدين: معطل ٿيل ايس ايڇ او بدين ۽ ايس ايس پي جو فائيل فوٽو

جي يو آءِ پاران ڪئنالن خلاف اڄ ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ مظاهرن جو اعلان

ڪئنالن جي اڏاوت ٿي ته سنڌ جي معيشت تباهه ٿي ويندي: راشد محمود سومرو

ڪارڪن مظاهرن ۾ ڀرپور شرڪت ڪري حقن جو تحفظ يقيني بڻائين: بيان

سکر(بيورو رپورٽ). جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني ۽ درياءَ سنڌ تي نون ڪئنالن جي تعمير /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

مرتضيٰ جتوئي جي ڦرءِ پوليس مقابلي واري ڪيس ۾ ضمانت منظور، آزاد ڪرڻ جو حڪم

خيرپور جي سيشن ڪورٽ ۾ اڳوڻي وفاقي وزير ۽ جي ڊي اي اڳواڻ کي پوليس پاران پيش ڪيو ويو

عدالت ٻنهي ڪيسن ۾ مرتضيٰ جتوئي جي هڪ لک روپين جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪئي

فتح هميشه حق سچ جي ٿيندي آهي جتوئي خاندان نهايت ئي شريف خاندان آهن: وڪيل جون ڳالهيون

هنگورجا (ن پ ڪ) خيرپور جي عدالت پاران جي ڊي اي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي جي هنگورجا ٿاڻي تي /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

ميئر ڪراچي پاران شهر جو دورو، پاڻي لائينن جي مرمت جي ڪم جو معائنو، عملدارن پاران بريفنگ

ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان سميت ٻيا اعليٰ عملدار مرتضيٰ وهاب سان پڻ گڏ هئا

شهر ۾ پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ لائينن جو ڪم تيز ڪيو پيو وڃي: ميئر ڪراچي

پاڻي فراهمي ۽ نيڪالي جي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيحات ۾ شامل آهي: ڳالهيون

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب شهر جو دورو ڪري پاڻي جي لائينن جي مرمت /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جو دورو ڪندي، ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن بريفنگ ڏئي رهيو آهي

مٽياري پرسان ٽرالر ڊرائيور کان 50 هزار ۽ ٻه موبائيل فون ڦر

قومي شاهراهه تي موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن جي ڪارروائي

ٽرالر ڊرائيور عالمگير ۽ ڪلينر سعيد احمد تي سخت تشدد پڻ ٿيو

مٽياري (رپورٽ شهمير ميمڻ). گذريل رات مٽياري لڳ قومي شاهراهه تي واقع النور پيٽرول پمپ وٽ ٽي نامعلوم موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

ڪنڊيارو پرسان روڊ حادثو، عورت فوت، مڙس زخمي

ڊوڙيا اسٽاپ وٽ ٽريڪٽر ٽرالي جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، جماعتي فوت

زخمي پيارو خان بروهي کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪنڊيارو(آزاد علي گوپانگ) قومي شاهراهه ڊوڙيا اسٽاپ وٽ ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل روڊ حادثو موٽر سائيڪل سوار تي سوار هڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

جج پاران ڪوٽڙي ڪبير ۾ اسڪولن دورو، ناقص انتظامن تي ڪاوڙ جو اظهار

محرابپور جي جوڊيشنل مئجسٽريٽ نصير حسين شاهه اوچتو دوري تي نڪري پيو

جج پاران فرنيچر جي کوٽ ۽ عمارت جي حالت ڏسي ڪاوڙ جو سخت اظهار پڻ ڪيو

ڪوٽڙي محمد ڪبير(ن پاڪ) محرابپور جي جوڊيشنل /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

حزب الله ختم ناهي ٿي، مضبوط ٿي آهي: سکر ۾ تقريب

حزب الله جي قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪيون ٿا: چوڌري اظهر حسن

حزب الله هاڻ وڌيڪ مضبوط آهي ۽ رهندي: مولانا سيد اسلم ۽ ٻين جو خطاب

سکر(بيورو رپورٽ) مجلس وحدت مسلمين سکر پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

سکر: حزب الله جي شهيدن کي ميڻ بتيون ٻاري ڀيٽا ڏني پئي وڃي

دادو ۾ غلام مرتضيٰ جتوئي جي گرفتاري خلاف مظاهرو، نعريبازي

مرتضيٰ جتوئي کي سياسي انتقامي ڪاروائي ڪري ناحق گرفتار ڪيو ويو آهي: اسلم

جتوئي خاندان خلاف سياسي انتقامي ڪاروائي جو سلسلو بند ڪيو وڃي: جتوئي برادري

دادو (ڊ ر) مرتضيٰ جتوئي ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي جي گرفتاري خلاف دادو ۾ جتوئي برادري روڊن تي نڪري آئي ضلعي جي مختلف علائقن /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

ڪي اين شاهه روڊ تي جوهي ٻئراج مان نوجوان جو لاش هٿ

ٻئراج جي موري تي موجود آبپاشي عملي لاش ڏسي، مڙهه کي ٻاهر ڪڍي ورتو

لاش جي سڃاڻپ وارڊ 6 جي رهواسي وسيم پٽ لکمير سولنگي طور ڪئي وئي

سيتاروڊ (منور اڪبر سولنگي) سيتاروڊ شهر جي ٻاهران سيتا. ڪي اين شاهه روڊ تي جوهي ٻئراج مان نوجوان جو لاش هٿ آيو آهي ٻئراج جي موري تي /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

ڪشمور ٿاڻي جي حد ۾ پوليس مقابلو، ٻه ڌوهاري زخمي، گرفتار

ڌوهارين جي سڃاڻپ راڻو ميراڻي ۽ معشوق ماڇي نالي سان ٿئي

گرفتار ڌوهاري 5 ڪيسن ۾ گهربل ۽ اشتهاري ڌوهاري آهن: ايس ايڇ او

ڪنڌڪوٽ رپورٽ(ذوالفقار علي سومرو) ڪشمور ٿاڻي جي حد زيرو پل ويجهو ايس ايڇ او زياد علي نوناري سنڌن جي ٽيم دوران پيٽرولنگ /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

لڪي ۾ مهر_جتوئي تڪرار ٻيهر تيز ٿي ويو، هڪ ڄڻو بيدردي سان قتل

هٿياربندن هوٽل تي ويٺل ڳوٺ عبدالمجيد ڪرسي جتوئي واسي غلام شبير کي گولين جو کاڄ بڻائي ڇڏيو

واقعي بعد جوابدار انڌاڌن فائرنگ ڪندي فرار ٿي ويا، لڪي ۽ جهان خان پوليس پهچي لاش اسپتال ڪٽائي وئي

ڀاءُ غلام شبير مائٽن سان گڏ مال پڙي تي ويل هو واپسي ۾ هوٽل تي ويٺا ته واقعو پيش آيو: مقتول جو ڀاءُ سرور

لڪي غلام شاهه (رپورٽ: گوگي رام) لڪي غلام شاهه ويجهو مهر جتوئي چڪتاڻ هڪ دفعو وري تيز ٿي ويو. ڳوٺ عبدالمجيد ڪرسي جتوئي /ڏسو صفحو 3 بقايا 48

لڪي غلام شاهه: قتل ٿيل نوجوان، ٻي پاسي حياتي جي تصوير

ايس ايس پي سکر پاران شهر جو دورو، دڪاندارن سان ملاقاتون، مسئلا ٻڌا

ڪامورو اظهر خان علي سيڪورٽي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ دوري تي نڪري پيو

امن امان قائم رکڻ لاءِ پوليس نفري ۾ اضافو ڪيو ويو آهي: ايس ايس پي جون ڳالهيون

سکر (رپورٽ:شڪيل عاجز) ايس ايس پي سکر اظهر خان علي واهن شهر جي بازار جو دورو ڪيو دوڪاندارن ۽ شهري ماڻهن سان ملاقاتون /ڏسو صفحو 3 بقايا 49

بسپ چيئرپرسن روبينا خالد پاران پروگرام جو جائزو وٺڻ لاءِ حيدرآباد جو دورو، ڊي جي بسپ ۽ ٻين سان ملاقات

پروگرام کي شفاف بڻائڻ لاءِ سخت قدم کنيا وڃن، ڪٽوتي ڪندڙن خلاف ايڪشن ڪنيو وڃي: روبينا خالد

بسپ چيئرپرسن ميئر، ڪاشف شورو، ڊي جي بسپ ذوالفقار علي شيخ، ڊي سي زين العابدين ميمڻ سان ملاقات به ڪئي

بسپ هڪ مالي امداد جو پروگرام ناهي بلڪ عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ زندگين کي تبديل ڪرڻ جي جدوجهد آهي: ڳالهيون

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) جي چيئرپرسن سينيٽر روبينا خالد اڄ حيدرآباد جو دورو ڪيو ته جيئن پروگرام جي نفاذ جو پاڻمرادو جائزو وٺي سگهي_ هن چيو ته اهو پروگرام عورتن کي /ڏسو صفحو 3 بقايا 50

حيدرآباد: بسپ چيئرپرسن روبينا خالد ٻوٽي کي پاڻي ڏئي رهي آهي

جي ڊي اي حيدرآباد پاران مرتضيٰ جتوئي جي گرفتاري خلاف احتجاج

حڪمران انتقامي ڪارروايون ڪرڻ ۾ پورا آهن: حاجي محمد هارون

انتقامي ڪارروايون فورن بند ڪري ڪيس ختم ڪيا وڃن: محمد عمر

حيدرآباد(رپورٽر) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس حيدرآباد پاران جي ڊي اي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي مٿان داخل ڪيس ۾ ٿيل گرفتاري خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي حاجي محمد /ڏسو صفحو 3 بقايا 51

صوبائي وزير ايڪسائيز، ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون تيز

روهڙي ۾ مسافر ڪوچ تي ڇاپو، 80 ڪروڙ جي 14 ڪلو هيروئن هٿ

انٽيليجنس معلومات تي نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ سنڌ ۽ سول وفاقي انٽيليجنس بيورو سکر پاران گڏيل آپريشن

منشيات جي روڪٿام لاءِ بي ترتيب آپريشن تيز ڪيا وڃن، انٽيليجنس نيٽ ورڪ کي وڌيڪ فعال بڻايو وڃي: مڪيش ڪمار

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي ايڪسائيز، ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا جي هدايتن تي، پوري صوبي ۾ منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروايون تيز ڪيون ويون آهن. /ڏسو صفحو 3 بقايا 52

سمس اسپتال انتظاميا جي بي حسي، ايمبولنس ڏيڻ کان انڪار، وارث مڙهه ڦٽا رڪشا ۾ ڪٽائي ويا

فقير ڏٽي بخش پنهور واسي عبدالڪريم پنهور کي دل ۾ تڪليف ٿيڻ سبب سمس اسپتال آندو ويو

پوڙهيت عبدالڪريم ڊاڪٽرن جي بي ڌياني ۽ صحيح علاج نه ڪرڻ سبب اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

3 هزار ڪرايو گهريو ويو (فوتي جي والده جو الزام) جاچ ڪري ايڪشن ڪنيو ويندو: ڊائريڪٽر سمس

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) سمس اسپتال شهدادپور ۾ ڪروڙين رپين جي فنڊن باوجود ايمرجنسي وارڊ ۾ دل جي دوري سبب پٽ جو لاش ڳوٺ ڪٽائي وڃڻ لاءِ ماءُ کي اسپتال /ڏسو صفحو 3 بقايا 53

شهدادپور: دل جي تڪليف ٿيڻ سبب فوت ٿيل پوڙهيت جو مڙهه پيل آهي

نشي جي واهپي ڪنڊ ڪوٽ واسي کان زندگي کسي ورتي

غريب آباد پاڙي مان هٿ آيل لاش جي عنايت الله طور سڃاڻپ

نوجوان جو موت گهڻو هيروئن واپرائڻ سبب ٿيو آهي: حد جي پوليس

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ منشيات فروشن خلاف ڪاروائي نه ٿئي ڳيرو نوجوان پنهنجي زندگي نشي جي لپيٽ ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 54

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، اٺين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي_فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

اڱارو 25 فيبروري 2025ع بمطابق 26 شعبان المعظم 1446هه



معاشي ويزن جي حاصلات لاءِ رٿابندي تي زور

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاڪستان جي ٽريلين ڊالرن جي معاشي ويزن جي حصول لاءِ اتحاد، اسٽريٽجڪ اقتصادي رٿابندي ۽ بنيادي اسٽرڪچر جي ترقي تي زور ڏنو آهي. هن اها ڳالهه وزيراعليٰ هائوس ۾ سنڌ حڪومت پاران منعقد ڪيل "اڙان پاڪستان" ورڪشاپ کي خطاب ڪندي چئي. هن پائيدار ترقي جي چئلينجز ۽ موقعن جو ذڪر ڪيو. پروگرام ۾ رٿابندي، ترقي ۽ خاص قدمن (MoPDSI) بابت وفاقي وزير احسن اقبال، سينيئر وزير شرجيل ميمڻ، منصوبابندي ۽ ترقي واري صوبائي وزير ناصر شاهه، وڏي وزير جو خاص مددگار سيد قاسم نويد، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه ۽ صوبائي ۽ وفاقي سيڪريٽرين شرڪت ڪئي. وڏي وزير برآمدات ۾ گهٽتائي تي زور ڏيندي چيو ته معاشي ترقي لاءِ توانائي ۽ انفراسٽرڪچر جي ترقي تمام ضروري آهي. هن چيو ته قابل اعتماد توانائي ۽ جديد انفراسٽرڪچر ڪانسواءِ اسان برآمدات وڌائي نٿا سگهون. هن نشاندهي ڪئي ته بندرگاهن کي رسد جي گهٽتائي سبب استعمال نه ڪيو ويو ۽ تجويز ڏني وئي ته هيوي ٽريفڪ کي لياري ايڪسپريس وي ڏانهن موڪليو وڃي ته جيئن سامان جي چرپر کي آسان بڻائي سگهجي. انفراسٽرڪچر ۽ اقتصادي ترقي: وڏي وزير اعلان ڪيو ته شاهراهه ڀٽو کي هلندڙ سال جي آخر تائين مڪمل ڪيو ويندو، هيوي ٽريفڪ لاءِ متبادل رستو فراهم ڪيو ويندو. هن ٽرانسپورٽ کي هٿي وٺرائڻ ۽ اقتصادي سرگرمين کي تيز ڪرڻ لاءِ رنگ روڊ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو ۽ ڌابيجي ۽ خيرپور اقتصادي زونن جي صلاحيت کي اجاگر ڪيو ۽ اسٽيڪ هولڊرن تي زور ڏنو ته هو ايڪسپورٽ انڊسٽريز کي سپورٽ ڪن. وڏي وزير چيو ته ٿرڪول جو استعمال گهٽ آهي ۽ جهمپير ڪوريڊور جي 50 هزار ميگاواٽ گنجائش هجڻ باوجود پاڪستان رڳو 2 هزار ميگاواٽ بجلي پيدا ڪري رهيو آهي. هن قابل تجديد توانائي ۾ سيڙپڪاري وڌائڻ تي زور ڏنو ته جيئن درآمد ٿيل تيل تي دارومدار کي گهٽائي سگهجي. ڊجيٽل ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي: ڊجيٽل ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقيءَ بابت ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته پاڪستان جي نوجوانن وٽ بي پنا صلاحيتون آهن پر تيز رفتار انٽرنيٽ ۽ ڊجيٽل انفراسٽرڪچر جو فقدان سندن عالمي سطح تي مقابلو ڪرڻ جي صلاحيت ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيو آهي. هن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڊجيٽل ڪنيڪشن بابت خدشن جو اعتراف ڪندي آئي ٽي جي شعبي ۾ وڌيڪ سيڙپڪاري تي زور ڏنو. آبادي ۾ واڌ: آبادي ۾ واڌ بابت ڳالهائيندي وڏي وزير مراد علي شاهه آبادي کي پاڪستان جو سڀ کان وڏو چئلينج قرار ڏيندي چيو ته جيڪڏهن ملڪ علائقائي رجحانن تي عمل ڪري ها ته ملڪ جي آبادي موجوده سطح بدران 130 ملين هجي ها. هن چيو ته پاڙيسري ملڪن موثر طريقي سان آبادي جي واڌ تي ڪنٽرول ڪيو آهي جڏهن ته پاڪستان اهڙين حڪمت عملين تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. موسمياتي تبديلي: موسمياتي تبديليءَ بابت ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته بينظير ڀٽو 2008ع جي منشور ۾ موسمياتي تبديليءَ بابت منصوبو شامل هو جنهن کي تازي ٻوڏ ڪانپوءِ وڏي اهميت حاصل ٿي آهي. هن اعلان ڪيو ته سنڌ حڪومت پاڻي جي بچاءَ جي منصوبن ۾ وڏي پيماني تي سيڙپڪاري ڪري رهي آهي پر وڏي پيماني تي پاڻي جي بنيادي اسٽرڪچر جي شروعاتن ۾ وفاق جي مدد جي ضرورت آهي. وڏي وزير پاڪستان کي خوشحال مستقبل ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ اتحاد ۽ اجتماعي عمل جي ضرورت تي زور ڏنو هن چيو ته اسان کي پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ اهڙو ملڪ ڇڏڻ گهرجي جتي اهي حقيقي طور عروج ماڻي سگهن. پريس ڪانفرنس: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ وفاقي وزير احسن اقبال گڏيل پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي موسمياتي آفتن بابت سنڌ جي خطري کي اجاگر ڪندي چيو ته 2022ع جي ٻوڏ ۾ صوبو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيو هن موسمياتي تبديليءَ جي سخت ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته سمنڊ جي سطح ۾ واڌ سان سنڌ جا ساحلي علائقا تباهه ٿي رهيا آهن. وفاقي وزير احسن اقبال چيو ته هن بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي گرين ريووليوشن 2.0 تي عمل ڪرڻو پوندو. توانائي ۽ بنيادي اسٽرڪچر جي ترقي: پاڪستان جي توانائي جي مستقبل جو ذڪر ڪندي احسن اقبال چيو ته سنڌ وٽ 400 سال پراڻا ڪوئلي جا ذخيرا آهن جن کي سنڌ حڪومت جي سهڪار سان صوبي کي توانائي جو مرڪز بڻائڻ لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي. هن اهو پڻ اعلان ڪيو ته ڪراچي_حيدرآباد موٽروي جي بحالي سان گڏ سکر_حيدرآباد موٽروي پروجيڪٽ هن سال شروع ڪيو ويندو ۽ ان کي بندرگاهن جي رابطن لاءِ وڌيڪ موثر بڻايو ويندو. احسن اقبال پاڪستان جي وڌندڙ آبادي ۾ 2.55 سيڪڙو واڌ جي شرح تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن روڪيو نه ويو ته اها معيشت کي تباهه ڪري سگهي ٿي. هن زور ڏنو ته ترقي يافته قومون، مسلم ۽ غير مسلم ٻنهي، اقتصادي ترقي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي آبادي تي ڪنٽرول ڪيو آهي.

پي ٽي آءِ جون سياسي رانديون

رياض ابڙو

جڏهن پي ٽي آءِ جي سرڪار هئي تڏهن هنن اهڙو ڪهڙو منفرد فيصلو ڪيو هيو جنهن مان اها ڳالهه واضح هجي هان ته هنن قانون ۽ آئين جي اهڙي بالادستي قائم ڪئي هئي. جنهن ۾ پارٽي جي ٻلي ٻلي ٿي هئي، چو ته پي ٽي آءِ پنهنجي احساس ڪمتري واري سياسي طرز تحت رياست جي اندر ئي پنهنجي رياست قائم ڪري ڇڏي هئي. پي ٽي آءِ ان ٽائيم تي اهڙي ڪا ڳالهه ڪري وڃي هان جنهن ۾ اهي ڪاغذي انقلاب مان نڪري حقيقي انقلاب تي اچن هان ته ڳالهه مڃجي به هان. هاڻي به پي ٽي آءِ وارن وٽ انقلاب جي لفظي ۽ نجي معني رڳو "رجيم چينج" آهي ۽ عمران خان کي ٻاهر ڪڍڻ آهي. پوءِ هنن جي حق ۾ هجي هنن سان ناحق ٿيندي هجي. يا حقيقي انقلاب معني رڳو ڪرسي ملڻ ٿي هجي اها ڳالهه به عالم آشڪار هئي ته هنن پي ٽي آءِ وارن اندروني سياسي پريشر ڪيئن گهٽايا هيا. جنهن اسپيڊ سان هنن پنهنجي دور جي سياستدانن کي گهٽايو هيو ان جا مثال ملڻ به سياسي تاريخ ۾ مشڪل آهن. چو ته هنن رڳو بدلي جي سياست ڪئي هئي ۽ اهي هڪ ئي سياسي مائينڊ سيٽ ڪئي پئي هليا. رڳو چورچور ڪين ٻيو ڪجهه به نه. پي ٽي آءِ وارن نوازشريف کي پاڻ "سيف اسڪيپ" ڏنو ته تون لنڊن ۾ وڃي بهترين زندگي گذار ۽ هتي خان کي ٻوڙو ٻارڻ ڏي. ان ڪري جو هنن پي ٽي آءِ وارن کي نئون پاڪستان ٺاهڻو هيو. ڪشمير آزاد ڪرائڻو هيو. نوان 33 بل رات پيٽ ۾ پاس به ڪرائڻا هيا. "اي وي ايم" به پاس ڪرائڻو هيو جو ابوجهه عوام کي ان اليڪٽرونڪ ووٽنگ مشين ذريعي چريو به ڪرڻو هيو ۽ باقي ٻيا اڻ ٽٻا ۽ بيڪار نظريا ته رهيا الڳ. وري صدارتي ايڪسٽينشن ۽ ٽينشن جا الڳ باب هيا. جنهن ۾ سنڌ جي ساحلي پٽي تي وفاقي مڱي ۽ هوڏ الڳ هئي. پر ڳالهه اها به هئي ته هي واحد حڪمران هيو جنهن کي ادارن جي لفٽ به وڏي هئي. پر حڪومت ۾ هوندي ننڍڙا ننڍڙا مسئلا به حل نه ڪري سگهيو ۽ ان وڏي لفٽ جي هوندي به خان جي سياست به نبري نه سگهي. ملڪي ليول تي بهترين ڳالهه نه ڪري سگهيو هن جي بيڪار سياست ۾ نوازشريف جا لنڊن ۾ ڏکيا سکيا سال ته گذري ويا. پر خان جي گهاتي سرنهن عوام ڏٺي ته هي جيترين ٻاڙون هڻيون اوترو ڪري نه سگهيو. رڳو سڪنا حوال ڪتي هليو ويو. هن پنهنجي دور ۾ معيشت کان وٺي اندروني ۽ بيروني بيڪار ترين سياست ڪري ويو. بنا سبب خان رونشي تي بدلي جي سياست ڪئي. ڪڏهن شهبازشريف کي جيل مان ٻاهر ڪيدرائي وري حمزا شهباز کي جيل ۾ واڙي وري مريم نواز جي لاءِ ڳوڙ ڪري. وري رهيل ڪهيل ۽ ڪاڪڙ ڪوڪڙ سياستدانن جي پٺيان نيب کي ڊوڙائيندو رهيو. ان ڪري هي جملو پي ٽي آءِ جي سياست جي لاءِ ٺهڪي ٿو ته "لڪ ٻڙي اٺند ٻڙ ٺٺنگ" چو ته هن پنهنجي دور ۾ جيڪا سياست ڪئي ان ۾ ڪي پختيون شيون نه ڪيائين. رڳو ڳوڙ ڪري ڪري هليو ويو معني "سڪٽي ڪُني گهٽو ايامي". هن جي سياسي طرز بيڪار هئي جنهن ۾ سڪٽا ڏڪا ڏڏي هليو ويو ۽ پيو ڪجهه به نه. هن جي دور جي نحوست اها به هئي ته ڪووڊ جهڙي وبا لهي آئي (ڀلي اها ڪرونا سڄي دنيا ۾ به آئي هئي) پر هن جي سرڪاري نياڳ ۾ هن جي حڪومتي طرز به ليکجي ٿي، پر هن کي حڪومت ڪرڻ نه آئي. ان ڪري جو "نه ڪم نبريس نه غم نبريس" نه معيشت سڌي پير ڪيائين نه پنهنجي سياست پوري پير تي ڪري سگهيو. هاڻوڪي صورتحال ڪٿي سوائي ڏکي اٿن. ان ڪري ته شهبازسرڪار ۾ معيشت ۽ سياست پنهنجي جاءِ تي پر ماڻهن جي زندگي لڙهي هلي وئي آهي. جو آبپاشي کاتي کي خبر ئي ناهي ته پاڻي ڪاڏي وڃي ۽ ڪاڏي نه وڃي. بهرحال. وري نيب کي پاڻ عمران خان اهڙي طرح استعمال ڪيو جو عوام سمجهي پيو ته هي نيب وارا به پي ٽي آءِ جي سياست جو اٽوٽ حصو آهن. جنهن ۾ هنن نيب جا چيئرمين پنهنجي مرضي جا هلايا. پر هاڻوڪي سياسي اٿبٽ ۾ اها ڳالهه ٿهي ۽ ٺهڪي نه ٿي. جڏهن عمران خان روز روز پنهنجا بيان ٿو مٽائي ته آرمي چيف کي ايڪسٽينشن نه ڏيو. فلاڻن فلاڻن خاندانن مان آرمي چيف جي سليڪشن نه ڪيو يا عسڪري ادارا پي ۽ نون ليگ جي صلاحن تي اعتبار نه ڪن. پر هي پاڻ به ان ٽائيم تي مونجهاري جو شڪار ٿي ويو هيو جو جڏهن جنرل فيض حميد کي آءِ ايس آءِ جي چيئرمين شپ تان هٽائي ڪي پي جو ڪورڪمانڊر رکڻو هيو. عسڪري ادارن جي اپوائنٽمينٽ ڪرڻ هن جي وس جي ڳالهه نه هئي. جڏهن هن پنهنجي مرضي ۽ منشا هلائي تڏهن هن جي عسڪري ادارن سان وري اٿبٽ ٿي پئي ۽ هي عسڪري ادارن سان نه نباهي سگهيو. ان ڪري سياست خان جي وس جي ڳالهه ناهي. 58 ٽو بي جي خاتمي ڪانپوءِ آرمي چيف جي سليڪشن ۾ وزيراعظم جي مداخلت ۽ منشا شامل ضروري هوندي آهي. ان ڪري ضروري ناهي ته جنهن سان عمران خان جي سياست يا طبيعت نه ملي ته ان سان سڀني سياستدانن جي طبيعت نه ملندي هجي. هر اڳواڻ ۽ سياسي نمائندو پنهنجي پنهنجي طبيعت ملائي ٿو هلي يا سمجهي ٿو هر ماڻهو سان گڏيو هلجي. ان ڪري جو سياست ڪا راند ناهي جنهن ۾ ڪيڏي بس ڪبي ته فيصلو ٿي ويندو ته ڪنهن کٽيو يا ڪنهن هارايو. پر سياست جي پائيداري ان ۾ آهي ته اها سنڀالي ڪجي ۽ سڀني کي گڏ ڪٺي هلجي. عمران خان کي عسڪري شخصن جي ايڪسٽينشن ايترو ته متنازعا ڪيو جو ماڻهو انهن ادارن کي ملڪ جي خلاف سمجهڻ لڳا. اٿين به ناهي ته جيئن عمران خان چئي تيئن ٿي پيو يا ايمٿا واري ڳالهه به ناهي ته جيئن عمران خان جيئن چوندو تيئن ٿي ويندو.

خواجا آصف به ان سڄي مونجهاري ۾ 12 مارچ واري سياسي اٿبٽ ۽ لڱوٻازي ڪانپوءِ اسيمبليءَ جي فلور تي اهڙو ته منجهيل ۽ فرسٽريٽ بيان ڏنو هيو جنهن ۾ هن به اهو بي ساختا چيو هيو ته آرمي چيف جي سليڪشن هاڻي اهي پنهنجو پاڻ ڪن. ان ڪري جو اتي سياسي مداخلت جي ڪري ميرٽ جي لتاڙ ٿئي ٿي. جيڪي به عسڪري ادارن ۾ معيون پوسٽون هجن ٿيون. انهن ۾ سياسي دخل اندازي گهٽي هجي ٿي. پسنديدگي يا ناپسنديدگي شامل هجڻ جي ڪري اهي عسڪري سينئر شخص ڪٿهن ڪٿهن رهجي ٿا وڃن. ان ڪري ڳالهه جو مثال ذوالفقارعلي ڀٽي صاحب کان ئي شروع ڪيون جو ان ٽائيم تي عسڪري شخصن جي وفا به وڏي ڳالهه هئي. پر بيروني پريشرن وڏي وڃڻ جي ڪري ڪنهن کي اگنور ڪرڻ يا سليڪٽ ڪرڻ به ساڳي ڳالهه هئي. ان ٽائيم تي جيڪي بيروني پريشر هيا، انهن جي زد ۾ اچي هر فيصلو به ڪرڻو هيو جيڪي فيصلا وري وڏي اهميت جا حامل هيا. پر ساڳي جاءِ تي سياست ۾ مڃون ٿا ته ڪو به "سياسي ڪوڊ آف سائلينس" ناهي ٿيندو ان ڪري هڪ جي پازيٽو سياست ٻئي جي لاءِ نيگيٽو سياست هجي ٿي. اهي سمجهندا آهن ته هر ڪو ماڻهو سمجهي ٿو ته هنن جي سياست ڀلي آهي يا جڏهن اهي سياست ڪن ته صحيح آهي پر جي انهن ئي اشوز تي جي ڪٿي مخالف سياست ڪن ته غلط آ. نحوست هر سرڪار جو مقدر به هوندي آهي. جيڪا انهن جي پويون لڳي پئي هوندي آهي (جيئن ڪووڊ ۾ اهي پي ٽي آءِ وارا ڪجهه نه ڪري سگهيا تيئن هي شهبازسرڪار به بي يارو مددگار لڳي پئي آهي. ان ڪري جو ٻوڏ متاثر ماڻهن جا حال هيٺا ۽ سور بيٺا ڪري ڇڏيا هيا. جيترا عام ماڻهو متاثر ٿيا، اوترا حڪومت وارا به پريشان هيا. ان ڪري هن حڪومت جو به ساڳو حال آهي جو بجيٽ ڊيفيسٽ کان وٺي وري فارين رزورس ۽ ڪرنٽ اڪائونٽن جا خسارا وڏي ڪنٽرول نه ٿا ڪري سگهن). خان جڏهن پاڻ ڪرسي تي هيو ته سڀ ڪجهه صحيح هيو پر هاڻي هي به ڪرڪيٽ ڪمينٽيٽرن واري ڳالهه ٿو ڪري ته جڏهن اهي پاڻ "فل يارڪ بال" تي زيرو تي آئوٽ ٿي ويندا آهن. پر جڏهن اهي ئي ڪرڪيٽ جي ڪامينٽري ڪرڻ لڳندا آهن ته ان ئي بال تي بيٽسمين کي اها صلاح ڏيندا آهن ته جيڪر "فرنٽ فٽ" تي کيڏي هان ته ڀلو هيو جيڪر هيئن ڪوَرَ تي شاٽ هڻي هان. هيئن ڪري هان ته ڀلو هيو يا هونءَ ڪري هان ته ڀلو هيو هي ساڳي ڳالهه ٿو ڪري. پر شيون جنرلائيز نه ٿيون ڪري سگهجن. ان ڪري سڀ آرمي چيف ضياء جهڙا ناهن يا سڀ آرمي چيف مشرف وانگي آرٽيڪل 6 جي پڇڪڙي نه ٿا ڪري سگهن. ڪهريل شيون، حالتون، سياست، اندروني ۽ بيروني پريشر به اهميت جا حامل هجن ٿا جن کان انڪار ناهي. ان ڪري شين کي بهتريءَ طرف ڏسجي ته ڀلو آهي. دنيا کي ڪٽجي هلڻ ۾ به عافيت ناهي. نائين اليون ڪانپوءِ جهڙي صورتحال پاڪستان جي لاءِ جڙيل هئي، اها هاڻي ناهي. روس جي بس انٽيگريشن به هڪ الڳ بحث آهي، جنهن جا پرتوا به پاڪستاني سرڪار جي مٿان پوندا رهيا آهن. ان وقت جي حڪمرانن به اهي اثر قبول ڪيا هيا. پوءِ هاڻي واري صورتحال وري ڪجهه مختلف آهي. ان ڪري سياسي حڪمت عمليون ئي ڪم ڪري سگهن ٿيون جن جي ضرورت به آهي ته سڀ سياسي پارٽيون ان اندروني ۽ بيروني مسئلي تي ويهي سوچن ۽ پائيدار حل ڳولهن.

چاگريند اپوزيشن الائنس جي سنڌ ياترا مقصد ماڻيندي

حبيب ٽالاٽي

ڪجهه ڏينهن اڳ ملڪ جي مخالف ڌر جي تنظيمن پاران جوڙيل تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جا اڳواڻ ملڪ جي سينيئر سياستدان محمود خان اڇڪزئي جي اڳواڻي ۾ سنڌ جي راڄڌاني شهر ڪراچي پهچي راڄا هلوس تي جي ڊي اي سربراهه پير پاڳاري ۽ ٻين اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي وفد ۾ محمود خان اڇڪزئي کان سواءِ اسد قيصر سلمان اڪرم راجا اڳوڻو گورنر پنجاب لطيف کوسا حليم عادل شيخ ۽ الائنس جا ٻيا اڳواڻ شامل ها تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي اڳواڻن جي سنڌ ياترا جو اصل مقصد پنهنجي اتحاد ۾ جي ڊي اي کي شامل ڪرڻ جي ڪوشش آهي اهو ان ڪري ته سنڌ ۾ اها مخالف ڌر الائنس بلڪل غير فعال آهي ۽ ڪٿي لين ڇڇي ته نه هجڻ برابر آهي ته غلط نه هوندو جو هڪ اهم سبب اهو آهي ان مخالف ڌر ۾ شامل پارٽيون سياسي طرح سان سنڌ ۾ ڪو خاص وجود نه ٿيون رکن سواءِ پي ٽي آءِ جي ۽ پي ٽي آءِ جي سنڌ جي قيادت حليم عادل شيخ جي اڳواڻي ۾ سياسي وڪيٽ جي ٻنهي پاسن کيڏي رهي آهي جڏهن به پي ٽي آءِ قيادت ملڪ گير احتجاج جو سڏ ڏيندي آهي ته ڪراچي ۾ پي ٽي آءِ جو احتجاج يا ته بلڪل مختصر هوندو آهي يا وري ڪا حد مقرر ٿيل محسوس ٿيندي آهي جتان اڳ تي يا ته پي ٽي آءِ وارا ويندا ناهن يا وري اتي انهن کي پيار ۽ محبت سان سنڌ سرڪار جي مشينري پاران روڪيو ويندو آهي ۽ اهي ويچارا ستريل ۽ وڙن جو چيو وٺندڙ پارجيان اتان ئي واپس ٿيندا آهن جي وري ڪٿي ملڪ ۾ ٻي ڪنهن هنڌ احتجاج لاءِ ڪراچي مان قافلا نڪرندا آهن ته پوءِ جامشورو ٽول پلازا وٽ انهن کي روڪيو ويندو آهي جيئن ڪجهه وقت کان ٿيندو اچي پيو باقي جام شوري واري ٽول پلازا کان اڳ انهن پي ٽي آءِ وارن خاص ڪري حليم عادل شيخ کي نه روڪڻ جو اصل سبب حليم عادل شيخ ئي ٻڌائي سگهي ٿو پر لڳي ٿو ته حليم عادل شيخ وٽ اهڙي ڪا تعويز آهي جو روڪڻ وارا جامشوري جي ٽول پلازا کان اڳ حليم عادل شيخ کي ڏسي ناهن سگهندا ان ڪري حليم عادل جام شوري واري ٽول پلازا تائين پهچي ويندو آهي اتي پهچي ڪري شايد تعويز جو اثرختم ٿي وڃي ٿو ۽ حليم عادل شيخ سڀني کي نظر اچي ٿو وڃي ۽ سڀني جن کي اتي ئي روڪيو وڃي ٿو وري اهم ڳالهه اها ته شايد روڪڻ وارن کي به خبر آهي ته حليم عادل جي نظر نه اچڻ واري تعويز جو اثر اتي پهچڻ سان ختم ٿي ٿي خبر اها ته اندر جي ڳالهه آهي پر ان توڙي ڪجهه ٻين سببن جي ڪري سنڌ ۾ ان مخالف ڌر جي گريند الائنس جو جڳ ته وجود ئي ناهي ان ڪري مخالف ڌر جي ان اتحاد جي ڪوشش آهي ته سنڌ ۾ جي ڊي اي کي پنهنجي اتحاد ۾ شامل ڪجي توڙي جو سنڌ صوبي ۾ جي ڊي اي عام چونڊن ۾ ڪا خاص ڪاميابي ماڻي ناهي سگهي پر جي ڊي اي وٽ احتجاج ڪرڻ جي صورت ۾ اسٽريٽ پاور ضرور موجود آهي ان ڪري مخالف ڌر اتحاد وارا سنڌ سطح تي جي ڊي اي کي تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان سان اتحاد ۾ آڻڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا آهن پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا جي ڊي اي وارا پي ٽي آءِ ۽ محمود خان اڇڪزئي جي الائنس سان اتحاد ڪندا؟ ان حوالي سان مخالف ڌر جي اتحاد تحفظ تحريڪ آئين پاڪستان تي نظر وجهي ڏسجي ته ان اتحاد ۾ اهم ڌريون ٽي آهن هڪ پي ٽي آءِ ٻي ڌر محمود خان اڇڪزئي ۽ ٽين ڌر بلوچستان جون ڪجهه قوم پرست تنظيمون آهن ۽ وري اهم ڳالهه اها ته ان اتحاد ۾ شامل ٽنهي ڌرين جا الڳ الڳ سياسي مفاد آهن مثال طور تي پي ٽي آءِ کي صرف ۽ هر حالت ۾ عمران خان جي آزادي ۽ ملڪ ۾ جلد کان جلد نيون عام چونڊون گهرجن جيئن اهي اقتدار ۾ اچن ان ڳالهه جو اظهار اڳوڻي وزير اعظم سربراهه عوام پاڪستان پارٽي شاهد خاقان عباسي پڻ ڪري چڪو آهي ۽ وري محمود خان اڇڪزئي ويچارو جيڪو هميشا آئين ۽ جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو آهي پر هن ڀيري جتي هڪ پاسي هن جي پارٽي کي هارايو ويو آهي ته اتي ٻي پاسي هو پنهنجي سياسي ساک بچائڻ لاءِ ان پليٽ فارم کي استعمال ڪري رهيو آهي رهي ڳالهه اخترمينگل جي ته هو ڪڏهن عمران سان گڏ هو ڪڏهن شهباز شريف سان گڏ هو حڪومتن ۾ شامل رهڻ ڪري بلوچستان ۾ هن جي سياسي اميج کي ڪافي ڌڪ رسيو آهي هاڻي هن وٽ احتجاج ڪري پارٽي کي جيارڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به آپشن ئي ناهي رهيو هاڻي جڏهن تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان ۾ شامل سياسي پارٽين جا مفاد ئي هڪ ٻي کان الڳ هجن ته پوءِ اتحاد ڪامياب ٿي مقصد ڪيئن ماڻيندي؟ اها گريند الائنس ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين ان الائنس جي ناڪام ٿيڻ جا سبب به اهي آهن ته ان اتحاد ۾ شامل سڀني پارٽين جا سياسي مفاد جدا جدا آهن جتي جلسو ٿيندو احتجاج ٿيندو هر سياسي پارٽي پنهنجي ڳالهه ڪندو پي ٽي آءِ وارا چوندا عمران خان کي آزاد ڪريو اسان جو منڊيٽ واپس ڪيو منڊيٽ واپس ڪرڻ مطلب نيون چونڊون ڪرايو محمود خان اڇڪزئي وري آئين جي ڳالهه ڪندو من ڪٿي ٻاڳ کلي وري مينگل صاحب پنهنجي اندر جي باهه اسٽيبلشمنٽ مان ڪيندو هاڻي جڏهن اتحاد ۾ شامل پارٽين جا مطالبا هڪ ٻي کان مختلف ۽ صرف پنهنجي سياسي مفادن جا هجن ته پوءِ اهڙي اتحاد جو هشر هن تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جهڙو ٿيڻو آهي باقي اڳ تي هلي ان اتحاد ڪجهه حاصل ڪيو ته اها الڳ ڳالهه هوندي هن وقت اهو چوڻ غلط نه هوندو ته تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان بلڪل به بيوقتلتو ۽ بي فائدا اتحاد آهي ان ڪري جي ڊي اي جو ان اتحاد سان شامل ٿيڻ ناممڪن آهي اهو ان ڪري ته جيڪڏهن جي ڊي اي ان اتحاد ۾ شامل ٿي ۽ سنڌ ۾ جلسو ٿي پير پاڳارو پاڻ يا ان جي پارٽي شرڪت ڪري ۽ اتي پي ٽي آءِ وارا محمود خان اڇڪزئي ۽ اخترمينگل ۽ ٻيا اڳواڻ پنهنجي سياسي مفادن خاطر اسٽيبلشمنٽ خلاف سخت سخت ٻوليون ڳالهائن ته ڇا اهو پير پاڳاري کي قبول هوندو؟ اهو ان ڪري جو فنڪشنل ليگ هميشا اسٽيبلشمنٽ جي ويجهو رهي آهي جيڪڏهن هاڻي فنڪشنل ليگ اسٽيبلشمنٽ کان ڪجهه پري آهي ته پوءِ به پيرپاڳارو پنهنجي ڪنهن اتحاد کي اسٽيبلشمنٽ خلاف استعمال ٿيڻ نه ڏيندو هونئن به جي ڊي اي پاڪستان پيپلزپارٽي خلاف ناهي وئي آهي اسٽيبلشمنٽ خلاف نه ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان موجوده حڪومت سان گڏو گڏ بلڪل صاف صاف اسٽيبلشمنٽ سان ٽڪراءِ ۾ آهي ان ڪري پير پاڳاري جي ڊي اي تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان سان الائنس نه ڪندي پر جيڪڏهن هاڻي جيئن مرتضي جتوئي کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ اڳ تي هلي جي ڊي اي جي ٻين اڳواڻن خلاف به ڪاروايون ڪيون ٿيون وڃن ته پوءِ به جي ڊي اي وارا پ پ جي سنڌ حڪومت خلاف احتجاج ڪندا پوءِ اهڙي ڪنهن احتجاج ۾ حليم عادل شيخ شريڪ ٿي سگهي ٿو باقي جي ڊي اي ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان وچ ۾ الائنس جو گهٽ ۾ گهٽ هن وقت ڪو به امڪان ناهي هونئن به پي ٽي آءِ جي موجوده قيادت تي ڪنهن کي يقين ناهي ان ڪري ته بيرسٽر گوهر ۽ اسد قيصر سميت سڀئي اڳواڻ عمران خان جي حڪم تي هلندا آهن انهن وٽ ڪي به اختيار ناهن ان ڪري اهي پي ٽي آءِ وارا عمران خان جي چئي تي ڪنهن به وقت ڪنهن به الائنس کان الڳ ٿي سگهن ٿا ۽ ڪنهن نئين الائنس ۾ به شامل ٿي سگهن ٿا ۽ سڀني اتحادين کي ڇڏي عمران خان جي چئي تي حڪومت يا اسٽيبلشمنٽ سان معاملا طي ڪري سگهن ٿا جيئن اڳ ۾ پي ٽي آءِ وارن ڪيو ج هڪڙي پاسي حڪومت ۽ اسٽيبلشمنٽ خلاف محمود خان اڇڪزئي ۽ اختر مينگل سان گڏجي تحفظ تحريڪ آئين وجود ۾ آندو ۽ مولانافضل الرحمن سان ڳالهيون ڪيون پر جڏهن عمران خان جو حڪم ٿيو ته سڀني اتحادين کي ڇڏي وڃي حڪومت ۽ اسٽيبلشمنٽ سان ڳالهيون ڪيون جيڪي اهي ڳالهيون ناڪام ٿيون ته همراهه وري پڳا اتحاد جي پريان. ان ڪري انهن تي اعتبار ڪرڻ سياسي غلطي هوندي چو ته اهي بي اختيار آهن ٻي ڳالهه ته سڀني اتحادين جا الڳ مفاد آهن ان ڪري سي هن وقت تائين تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان پنهنجا مقصد ماڻڻ توڙي حڪومت ۽ اسٽيبلشمنٽ کي سوڙهو ڪرڻ ۾ مڪمل طورتي ناڪام وئي آهي ۽ في الحال انهن وٽ ڪامياب ٿيڻ جا ڪي به آثار ناهن پر هي پنهنجي ملڪ جي سمجهه ۾ نه ايندڙ سياست آهي هتي ٿيندڙ شيون رهجي وينديون آهن ۽ وري ڪڏهن ڪڏهن نه ٿيندڙ شيون ٿي وينديون آهن جن کي چئبو آهي سياست جا رنگ.

بقايا ---------- 01

ٽائون ڪميٽي جتيا ڪلين سوئيپ ڪندڙ پ پ جي 10 ڪائونسلرن مان پ پ جي 8 ڪائونسلرن جو چيئرمين خلاف بي اعتمادي ڪري بغاوت،ڪري ڇڏي ترقياتي ڪمن ۾ نظرانداز ڪرڻ جو الزام، تدارڪ نه ٿيڻ جي صورت ۾ تحريڪ هلائڻ جو چتاءُ شهدادپور جي ٽائون ڪميٽي جتيا ۾ بلدياتي چونڊن ۾ ڪلين سوئيپ ڪندڙ پ پ جي چونڊيل 10 ڪائونسلرن مان 8 ڪائونسلرن وائيس چيئرمين چودري نثار احمد آرائين، سابق چيئرمين ۽ ڪائونسلر راڻا محمد رمضان راجپوت، محمد سليمان بروهي، مدد علي چانڊيو، نصر الله خيبر، راڻا ڪامران راجپوت، وزير علي بروهي، امداد علي نوناري چيئرمين سجاد جوڻيجو تي بي اعتمادي ڪري پريس ڪلب شهدادپور پهچي احتجاج ڪندي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو آهي ته شهدادپور جي ٽائون ڪميٽي جتيا 10 واردن تي مشتمل آهي 2 سال اڳ بلدياتي چونڊن ۾ ٽائون ڪميٽي جتيا جي سمورن واردن تي پ پ جي ڪائونسلرن سوپ ماڻي ڪلين سوئيپ ڪئي ۽ سال ٿي ويا آهن پر ٽائون ڪميٽي جتيا جو چيئرمين اسان جي واردن ۾ ٽڪي جو به ترقياتي ڪم ناهي ڪرايو توڙي جو اسان حڪمران جماعت جا چونڊيل نمائيندا آهيون پر ان باوجود اسان کي نظر انداز ڪري، عوام اڳيان اسان کي ذليل ڪيو پيو وڃي. هنن چيو ته عوام اسان کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو آهي. اسين پنهنجي واردن جي ترقي چاهيون ٿا. پر ٽائون ڪميٽي جو چيئرمين سجاد علي جوڻيجو ڪوبه اجلاس گهرائڻ بجاءِ اسان کي نظر انداز ڪري ڪوبه ڪم وغيره ۽ ترقياتي اسڪيم ڏيڻ لاءِ تيار ڪونهي. هنن صدر پاڪستان آصف علي زرداري، پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، پ پ پ اڳواڻ فريال ٽالپر، وزير بلديات، سميت پ پ پ قيادت جو ڌيان ڇڪائيندي گهر ڪئي ته اسان جي واردن ۾ ڪائونسلرن جي حصي جو ترقياتي فنڊ جاري ڪري ضروري ڪم ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي. هنن چتاءُ ڏنو ته تدارڪ نه ٿيو ته سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا ---------- 02

اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ايس ايڇ او محمد صادق عباسي روزانو جي بنياد تي گشت ڪندي بغير لائيسنس هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ شهزاد علي ڊومڪي کي گرفتار ڪري سندن مٿان ڪيس داخل ڪري لاڪپ ڪيو ويو آهي. ايس ايڇ او محمد صادق عباسي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ پوليس ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي امن امان قائم ڪرائڻ اولين ترجيح آهي ڪنهن به کي هرگز بخش نه ڪيو ويندو گرفتار نوجوان وٽان بغير لائيسنس هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ سندن کي گرفتار ڪيو ويو آهي

بقايا ---------- 03

(بيورورپورٽ) ضمير ويليفئر فروغ تصوف ۽ داؤ يونيورسٽي جي ليڪچرار مس ثناء علي جي طرفان اسڪول t/45 آلم هڪ شاندار تقريب جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردين کي اعزازي انعامن سان نوازيو ويو هن موقعي تي ضمير ويليفئر جي باني ۽ سربراهه ڊاڪٽر محمد نبيل الحق، محمد نديم الحق (صدر)، محمد ايان الحق، محمد حسام الحق ۽ محمد عبدالمنان الحق موجود هئا. اسڪول جي هيڊ مسٽريس صائمه اشفاق ۽ اسڪول انچارج حافظ احتشام شرڪت ڪندڙن کي خوش آمديد چيو ۽ انعامن جي تقريب ۾ طلباء جي ڪارڪردگي جي ساراهه ڪئي ان کان پوءِ اسڪول جي استاد مس صبا، مس منيره، مس شاهينه ۽ ٻين اسٽاف ممبرز به تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي محنت ڪندڙ طلباء کي ساراهيو ضمير ويليفئر طرفان رمضان المبارڪ دوران انعامن جو سلسلو شروع ڪيو ويو.

بقايا ---------- 04

جهيڙو ٻنهي ڌرين جا 4 ڄڻا سخت زخمي، هڪ ڄڻي جي حالت نازڪ هئڻ ڪري رحيم يار خان منتقل ڪيو ويو. تفصيل موجب ڪشمور ٿاڻي جي حد ڳوٺ چوهاڻ سولنگي ۾ سولنگي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ زميني تڪرار تان جهيڙو ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي مٿان لٺين ۽ ڪهاڙين جو آزادانو استعمال لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 4 ڄڻا سخت زخمي ٿيا پيا، زخمين ۾ عمر سولنگي جا ٽي پٽ، جنهن ۾ منير علي، خورشيد، سونو ٻئي ڌر پناهه سولنگي جو پٽ مومن علي زخمي ٿيو اطلاعن موجب، ٻنهي ڌرين وچ ۾ زمين جي مالڪي تان پراڻو تڪرار هلندڙ هو جيڪو تڪراري زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش دوران جهيڙي ۾ تبديل ٿي ويو ٻنهي ڌرين لٺين ۽ ڪهاڙين سان هڪٻئي تي حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ چار ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا زخمين کي تعلقي اسپتال ڪشمور منتقل ڪيو ويو جتي انهن کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي مومن خان سولنگي جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري وارث ڪيس رحيم يار خان کڻائي ويا آهن واقعي جي اطلاع بعد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال کي ڪنٽرول ۾ آڻي ڪجهه ماڻهن کي گرفتار ڪري پڇا ڳاڇا لاءِ ٿاڻي تي کڻائي آئي پوليس موجب، معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون ۽ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي هوڏانهن ڳوٺاڻن انتظاميه کان مطالبو ڪيو آهي ته تڪرار ختم ڪرڻ لاءِ ڌرين وچ ۾ ڪوششون ڪيون وڃن ته جيئن وڌيڪ خونريزي کان بچي سگهجي

بقايا ---------- 05

جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي رهواسين پاران ٽائون چيئرمين نظير احمد ڀٽو مٿان گلن جي ورکا ڪري سندس شاندار استقبال ڪري گلن جا هار ۽ اجرڪ پارايا. رهواسين پيئڻ جي صاف پاڻي، سيوريج ۽ پيور بلاڪ سميت بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ تي ٽائون چيئرمين نظير احمد ڀٽو جا ٿورا مڃيا. ريڙهي ڳوٺ جي قاسماڻي پاڙي، جت پاڙي، خاصخيلي پاڙي ۽ ملاح پاڙي جي رهواسين ٽائون چيئرمين نظير ڀٽو کي سلام پيش ڪندي چيو ته اسان صدين کان هتي آباد آهيون پر اسانجي ڪنهن به مالڪي نه ڪئي ۽ نه ئي اسانکي بنيادي سهولتون ڏنيون ويون. ٽائون چيئرمين نظير ڀٽو جي اچڻ بعد اسانکي پيئڻ جي پاڻي سيوريج ۽ پيور بلاڪ جي سهولت ملي آهي. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي ٽائون چيئرمين نظير احمد ڀٽو چيو ته يوسي ريڙهي جي عوام کي پيئڻ جو پاڻي، سيوريج، روڊ ۽ ٻيون بنيادي سهولتون ڏيڻ اسان پنهنجو فرض ادا ڪيو آهي ريڙهي ڳوٺ پاڪستان پيپلز پارٽي جو ڳڙهه آهي هتان جي عوام هميشه پيپلزپارٽي کي ووٽ ڏنو آهي. اليڪشن وقت عوام سان جيڪي واعدا ڪيا هئا انهن کي ترقياتي اسڪيمن ذريعي پورو ڪيو آهي پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايات تي محدود وسيلن باوجود عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪري رهيا آهيون آءِ بلاول ڀٽو جو سفير آهيان. پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي منشور تي هلندي بنا ڪنهن سياسي فرق جي عوام کي بنيادي سهولتون ڏيئي رهيا آهيون اسان تعصب جي سياست ۾ يقين نٿا رکون انسانيت جي خدمت عبادت سمجهي ڪندا آهيون

بقايا ---------- 06

مريض رياض حسين سولنگي چيو ته پيٽ ۾ تڪليف سبب سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ ڊاڪٽر کي طبيعت ڏيکاري، سرڪاري ڊاڪٽر گوريون لکي ڏنيون مان غريب آهيان گوريون خريد ڪرڻ جي سگهه نه ٿو رکان جنهن ڪري سول اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر مبين راجپوت وٽ ويس ۽ ڪيس ٻڌايو ته ڄاڻايل دوائون اسپتال جي سرڪاري اسٽور ۾ موجود ناهن جنهن ڪري مون کي سرڪاري کاتي مان ايل پي ڪري دوائيون خريد ڪري ڏنيون وڃن پر ايم ايس جواب ڏنو جنهن تي ايم ايس ڊاڪٽر جون لکيل دوائن بجاءِ ان جي متبادل طور پاڻ وٽ پيل مدي خارج سيمپل ڏئي ڇڏيا جنهن جو مدو جنوري مهيني ۾ ختم ٿيل هو ٻئي پاسي جسقم اڳواڻ اياز راڄپر ٻڌايو ته ڄاڻايل مريض انتهائي غريب آهي جنهن سان مان پاڻ دوائن لاءِ ايم ايس وٽ وٺي ويو هئس جنهن اسان کي مدي خارج دوائون ڏئي روانو ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا ---------- 07

در،دريون سميت لکين روپين جو سامان ٺيڪيدار پاران کڻائي وڃڻ خلاف سرڪاري گرلس پرائمري اسڪول جي هيڊ ماستريائي آپا حميده پنگرجي اڳواڻي ۾ استادياڻين ۽ شاگرديائين اسڪول اندر احتجاج ريڪارڊ ڪرايو ان موقعي تي اسڪول جي هيڊ ماستريائي آپا حميده ٻڌايو ته نامعلوم چور اسان جي اسڪول جي واش رومن مان در ۽ پاڻي سپلائي ڪندڙ سمورو سامان چوري ڪري ويا آهن ڪجهه عرصو اڳ ٺيڪيدار اسڪول جي عمارت تيار ڪرڻ لاءِ سامان کڻائي آيو هو. جنهن اسڪول جي عمارت کي ڊهرائي ان مان نڪتل لکين روپين جو سامان کڻي اسڪول جي عمارت جي پراڻي ڊي پي سي تي ڪجهه آڏاوت ڪري لهرايل سمورو سامان کڻائي غائب ٿي ويو آهي، جنهن سبب استاديائين توري شاگرديائين کي وڏي مشڪلات کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هنن وڏي وزير مراد علي شاهه، وزيرتعليم ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول جي عمارت جو ڪم جلد مڪمل ڪرايو وڃ ۽ اڌ ۾ ڪم ڇڏي سمورو سامان لوهه گارڊر،ٽيئر کڻي ويندڙ ٺيڪيدار خلاف سخت قدم کنيو وڃي.

بقايا ---------- 08

ويا،شهرين پاران فلٽر پلانٽ کولرائي صاف پاڻي مهيا ڪرڻ جي گهر. ڪنڊيارو جي ڪچي واري علائقي ڪمالديرو شهر جو واحد فلٽر پلانٽ ڪيترن ئي مهينن کان بند پيل آهي،فلٽر پلانٽ بند هجڻ ڪري ڪمالديرو جا شهري توڙي آس پاس جا رهواسي جر جو ڪارو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن ڪارو پاڻي پيئڻ جي ڪري ڪيترائي رهواسي مرد،عورتون ۽ ٻارڙا مادي ۽ پيٽ جي ٻين بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا آهن فلٽر پلانٽ مسلسل بند هجڻ سبب نامعلوم موالي فلٽر پلانٽ ٻاهران لڳل پاڻي جون ٽوٽيون به پٽي چورائي ويا،ڪمالديرو جي شهرين پاران فلٽر پلانٽ کولرائي صاف پاڻي مهيا ڪرڻ جي گهر ڪئي وئي آهي.

بقايا ---------- 09

جي حلف برداري ۽ تربيتي ورڪشاپ براءِ سال 2025 جي عظيم الشان تقريب ٿي گذري، تقريب جا مهمان خاص درگاهه غريب آباد شرف لاڙڪاڻا جا گادي نشين ۽ حضرت پير مِٺا سائين رحمت الله عليه جا ڏوهٽا، صاحبزاد حضرت محمد ديدهه دل غفاري صاحب جن هئا۔ ان کان علاوه جماعت اصلاح المسلمين صوبا سنڌ جا پريس سيڪريٽري جناب ڊاڪٽر سعيد احمد اعوان طاهري سميت ٻيا صوبائي عهديدار پڻ تقريب ۾ خصوصي شريڪ ٿيا ـ تقريب ۾ جماعت اصلاح المسلمين ضلع ڪشمور لت ڪنڌڪوٽ جي ضلعي ۽ برانچن جي عهديدارن سميت وڏي انگ ۾ اراڪين ۽ ميمبرن پڻ شرڪت ڪئي تقريب جي شروعات تلاوت قرآن مجيد سان ڪئي وئي . ان کان بعد نعت ۽ منقبت پيش ڪئي وئي تنهن کان بعد علماء ڪرام ۽ مختلف شعبن سان وابسته دوستن جا ليڪچرز پڻ ٿيا۔ ان کانپوءِ جماعت اصلاح المسلمين ضلع ڪشمور جي صدر خليفا حافظ ذوالفقار علي طاهري برانچن جي نئين چونڊيل عهديدارن کي حلف کڻايو_ ۽ تنظيم بابت ڄاڻ ڏني . ڪنهن به اڻٽندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ جي لاءِ انتظام طرفان حفاظتي انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا ـ تقريب کي مختصر خطاب ڪندي مهمان خاص حضرت صاحبزاد محمد ديدهه دل غفاري صاحب جن فرمايو ته اسان ۽ توهانکي هتي هميشه ناهي رهڻو۔اڄ هتان عزم ۽ ارادو ڪري واپس وڃون ته ڪنهن سان به اختلاف نه رکنداسين ۽ ڪڏهن به قبائلي جهيڙن جي طرف نه وينداسين چو ته جهيڙا صرف تباهي جو سبب بڻبا آهن ـ پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياريو اهو ئي الله پاڪ ۽ انجي رسول صلالله عليه وسلم ۽ اولياء الله جو پيغام آهي ـ آخر ۾ درود سلام ڪانپوءِ خصوصي دعا گهري وئي.

بقايا ---------- 10

خان ڳورڙ جي ٻي ورسي ميهڙ جي دٻئي شادي هال ۾ ملهائي وئي، جنهن ۾ سوين ماڻهن ۽ مختلف برادرين جي سردارن، چڱن مڙسن، پڳدارن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي سرائي سائين ڏتو خان ڳورڙ جي فرزند ٽي او سيڪنڊري ميهڙ، تعليمدان ظفر علي ڳورڙ جي دستاربندي ڪئي وئي ، تعليمدان ظفر علي ڳورڙ جي پڳ ڪي پ پ پ سنڌ ڪائونسل جي ميمبر امتياز پاشا ڀٽ ، سردار دستگير ڳورڙ، سردار احمد خان ڀٽ، سيد فيض محمد شاهه، تمندار حنيف چانڊيو، ڊاڪٽر اختر ڳورڙ، سردار منور جهتيال ، ڊاڪٽر خليل سڪندر ڪونهارو، محمد قاسم ڳورڙ، بشير سڪندر ڪونهارو، ڊاڪٽر مجيد ٻليدائي، اڪبر خان جانوري، اڳوڻي ڊي او محمد حسن شاهه ، مظهر علي ڀٽ ، سرائي عزيز ڳورڙ، ناميارو اديب آزاد انور ڪانڌڙو، علي شير ڳورڙ، ميهڙ پريس ڪلب جي صدر بدر سهول، سهيل عباسي، ظهير عباس پنهور، فقير عظيم جانوري، ارباب جهتيال ۽ ٻين سوين ماڻهن پڳ ڪي ور ڏنا. مقررين چيو ته سرائي سائين ڏتو خان ڳورڙ برادرين ۾ تڪرارن جي نبيري لاءِ متحرڪ ڪردار ادا ڪيو. هو فقير منش ماڻهو هو.

بقايا ---------- 11

امداد علي ڏاهري ۽ نادر علي زرداري جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب جمال شاهه اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن چيو ته وفاقي حڪومت سنڌ جي پاڻي تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿي، اسان سنڌو درياءَ مان ڪئنال ناهڻ هرگز نه ڏينداسين، هنن چيو ته ڪئنال ناهڻ سان سنڌ تباهه ٿي ويندي، پاڻي جو وڏو بحران پيدا ٿيندو. جنهن سبب سنڌ جي زراعت ختم ٿي ويندي ۽ ماڻهو پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ به پريشان ٿي ويندا. هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ حڪومت انهن ڪئنالن خلاف سخت مزاحمت ڪري سنڌ ڌرتيءَ سان پنهنجي وفاداري ثابت ڪري، ٻي صورت ۾ تاريخ انهن کي ڪڏهن به معاف نه ڪندي ۽ قومپرست پارٽيون ڪئنالن جي رد ٿيڻ تائين پنهنجو احتجاج جاري رکنديون.

بقايا ---------- 12

۽ نناڻ جي مڙس ظهور جکراڻي، نناڻن رشيده، عمره ۽ سس سميت ٻين گهرڀاتين پاران تشدد ڪرڻ ۽ ٻارن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ٻڌرائڻ خلاف ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب مليرجي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو، ان موقعي تي ثناءَ ابڙو صحافين کي ٻڌايو ته مٿي ڄاڻايل منهنجا ڏير ۽ نناڻون ۽ سندس مڙس گهر جي جاءِ حاصل ڪرڻ جي لاءِ مون سميت منهنجي ٻارن کي سخت تشدد جو نشانو بڻائن ٿا ۽ شاهه لطيف ٿاڻي تي چوري جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري منهنجي غريب مسڪين ٻارن کي آئي ڏينهن پوليس هٿان ٻڌرائي ڪترايو وڃي ٿو هوءَ منهنجي مڙس سليم کان گهر جي جاءِ حاصل ڪرڻ چاهين ٿا منهنجي مٿان ۽ منهنجي ٻارن کي پوليس هٿان ڪترائڻ ۽ منهنجي مٿان تشدد جي انتها ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته ڄاڻايل شخص هڪ ڀيرو منهنجي ننڍڙي پٽ طالب کي اغوا پڻ ڪيو ڄاڻايل شخص مون کي 2 ڀيرا ڪهاڙي سان قتل ڪرڻ ڪوشش پڻ ڪئي ۽ اسان کي خدشو آهي ته هو منهنجي پٽن کي پڻ اسڪول ويندي اغوا ڪري سگهن ٿا. شاهه لطيف پوليس جوابدارن جي ڌر ٻڌيل آهي ۽ پوليس سندن خلاف ڪا به ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي.

بقايا ---------- 13

(چاچڙ گروپ) ۽ سنڌ اسمال انڊسٽريز ڪارپوريشن سکر ايمپلائيز سنڌ جي زير اهتمام ملازمن جي جائز مطالبن جي حاصلات لاءِ ڪلرڪن وڏي انگ ۾ مرڪزي، صوبي ۽ مقامي اڳواڻن محمد علي مظهر علي ۽ ٻين جي اڳواڻي سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته گذريل ستن مهينن کان ملازمن کي پگهار نه ملي آهي ۽ نه ئي پينشنرز کي پينشن ادا ڪئي وئي آهي، جنهن سبب ملازم ۽ پينشنرز سخت مالي مشڪلاتن جو شڪار آهن 2016 کان ڪلرڪ اسٽيٽس اپ گريڊ نه ڪيو ويو آهي، 2022 کان گروپ انشورنس به مڪمل نه ٿي سگهي آهي، رٽائرڊ ملازمن جا سمورا واجبات به ادا نه ڪيا ويا آهن. جڏهن ته پگهار ۽ پينشن آن لائين نه ڪئي پئي وڃي،
2

بقايا ---------- 14

امتحانن ۾ ڪامياب ٿيل شاگردن لاءِ پر وقار تقريب ڪوٺائي وئي،تقريب ۾ سياسي سماجي اڳواڻن سميت والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڊان ايڪيڊمي هاءِ اسڪول جي ايڊمن سينئر استاد انور آرائين جي ميزباني هيٺ ٿرڊ ٽرم ۾ پهرين ڪلاس کان 10 ڪلاس تائين پوزيشن ماڻيندڙ وڏي تعداد ۾ شاگردن جي مان ۾ تقريب ٿي گذري جنهن ۾ ڪامياب ٿيل شاگردن ۾ گولڊ مڊل توڙي ڪيش انعام ورهايا ويا،جڏهن ته شاگردن تقريب ۾ بهترين ٽيبلو پيش ڪري داد وصول ڪيو ان موقعي تي سيد امتياز شاهه ۽ انور آرائين خطاب ڪندي چيو ته تعليم صرف ڪمائي جو ذريعو ناهي هوندو شاگرد پنهنجي والدين جو نالو روشن ڪري سگهن ٿا پر انهن کي تعليم جي ميدان ۾ توجهه ڏيڻ جي ضرورت آهي

بقايا ---------- 15

پوليس 3 ڏينهن کان کنيي گم ڪيل پٽ جو ڪوبه ڏس پتو نٿي ڏي، نوجوان جي امڙ گلان خاتون سولنگي ۽ ٻين جو احتجاج. فريدآباد خان جو ڳوٺ واسڻ مسمات گلان خاتون سولنگي پنهنجي ٻارڙن احسان، سراج، عبدالرحمان ۽ ٻين وارث عورتن سان گڏ پٽ جي بيگناهه گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي دانهيو ته نوجوان پٽ انور سولنگي ڪراچي کان ڳوٺ ناناڻي اچي رهيو هو ته سي آءِ اي پوليس خيرپورناٿن 3 ڏينهن اڳ ڪيس ڪوچ مان لاهي کنيي گم ڪري ڇڏيو آهي جنهن جو پوليس 3 ڏينهن کان ڪوبه ڏس پتو ڏيڻ لاءِ تيار ناهي پٽ جي زندگيءَ کي خطرو آهي هن چيو ته اگر منهنجي پٽ خلاف ڪو ڪيس وغيره داخل آهي ته ڪيس ظاهر ڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي.هن وڌيڪ چيو ته سي آءِ اي پوليس پٽ جي آزادي لاءِ 5 لک روپيا گهري رهي آهي اسين مسڪين پورهيت آهيون 5 لک روپيا ڪٿان آڻيون.

بقايا ---------- 16

جي ڳوٺ ٽرڙي چتوجي رهواسڻ رٽائرڊ ليڊي ڊاڪٽر مختيار خاتون زال سڪندر علي جتوئي پنهنجي پٽ طحه دانيال جتوئي سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳايو آهي ته سجاول تعلقي جي ديهه ٻيلاٽو ۾ اسان جي زرعي زمين آهي، جيڪا مون سميت منهنجي پٽ طحه دانيال جتوئي جي نالي تي آهي، جڏهن ته گذريل ڏينهن آئون پنهنجي هارين ۽ ڪمدار سان گڏجي زمين کي آباد ڪرائڻ لاءِ زمين تي پهتس، جتي ڊي ايس پي اسد الله ڀٽي پوليس نفري سان ڪري اسان کي پنهنجي زمين مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن سان اسان جون ڳالهيون هلن پيون ته پوليس جي موجودگي ۾ علائقي جي بااثر آغا خان جتوئي سندس پٽ عامر زيب جتوئي پنهنجي هٿيارٻند سائين علي حسن پرڳڙي، منور عرف منو ڪلهوڙو، عبدالله جتوئي ۽ ٻين سان گڏجي اسان مٿان انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي، جنهن حملو ۾ اسان جا ٻه ماڻهو ارباب جلباڻي ۽ پيروز سناڻي گولين لڳڻ سبب موقعي تي ئي قتل ٿي ويا، جڏهن ته رضوان جلباڻي سخت زخمي ٿي پيو پر آخر تائين ڊي ايس پي اسد الله ڀٽي جوابدارن خلاف ڪابه ڪاروائي نه ڪئي، جيڪو بااثر هٿيارٻندن سان ٻڌ ٻڌيل آهي، اهڙي واقعي جو ڪيس منهنجي فرياد تي حد جي سجاول ٿاڻي تي مٿي ڄاڻايل جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي. پر تنهن باوجود پوليس هن وقت تائين جوابدار ڌر خلاف ڪابه ڪاروائي نه ڪئي آهي، ويتر بااثر جوابدار اسان کي وڌيڪ نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن چيو ته سال 2022ع دوران ڄاڻايل ساڳئي جوابدارن اسان جي نئين تعمير ٿيندڙ ڳوٺ واري رهائشگاهه کي باهه ڏيڻ بعد گهر ۾ پيل سونا زيور، گاڏيون، لائيسنس وارا هٿيار ۽ ٻيو سامان کڻي ويا هئا. جنهن کان پوءِ جوابدارن اسان جي هارين جي گهرن ۾ داخل ٿي انهن جا گهر ڊاهي پٽ ڪرڻ بعد هارين کي لڏ پلاڻ تي مجبور ڪيو جيڪو ظلم جي انتها آهي. هن پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، صوبائي گهرو وزير ضياء الدين لنجار، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي مٿي ڄاڻايل سمورن جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ اسان کي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا ---------- 17

مرحوم سرائي محمد عارف ٻلهڙو، سائين برڪت علي ٻلهڙو،ساءِ بنده علي ٻلهڙو جي ايصال ثواب لاءِ مفت اکين جي ڪئمپ قائم ڪئي وئي ڪئمپ جو افتتاح پ پ پ اڳواڻ امتياز علي پاشا ڀٽ، سردار غلام دستگير ڳورڙ، ڊاڪٽر محمد خان شيخ، صدر ميهڙ پريس ڪلب بدر سهول، ناميارو اديب آزاد انور ڪانڌڙو ايڊووڪيٽ امجد ٻلهڙو، مير صدام ٻلهڙو، زور اختر علي جويو، وسيم چانڊيو، قادر چانڊيو سهيل عباسي، عرفان بدر سهول ۽ ٻين گڏجي ڪيو ان موقعي تي اکين جي مريض عورتن مردن جا مفت آپريشن ڪيا ويا. ڪئمپ جي انتظام ڪندڙ مير صدام ٻلهڙو چيو ته ڳوٺ صابن ٻلهڙو ۽ آسپاس جي رهواسين اکين جي مريضن لاءِ مفت ڪئمپ قائم ڪئي آهي

بقايا ---------- 18

گهوٽڪي پهتو. اسپتال. مختلف واردن. بورچيخاني، مسجد ۽ اسڪول جو دورو ڪري صفائي سٿرائي جو جائزو ورتو خبر موجب ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي سنڌ گهوٽڪي فضل محمد شيخ جيل سپرنٽنڊنٽ سراج الدين مهر ڊسٽرڪٽ جيل گهوٽڪي پهچي جيل جي مختلف واردن، اسڪول، اسپتال، بورچيخاني جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو ۽ قيدين کان مسئلا معلوم ڪيا. ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو ته محتسب اعلي سنڌ جو مقصد ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ آهي ان سلسلي ۾ جيل جو دورو ڪيو آهي ته جيئن قيدين جا جائز مسئلا معلوم ڪري انهن جو ازالو ڪري سگهجي. هن چيو ته جيل ۾ صفائي سٿرائي سميت کاڌ خوراڪ جو معيار اطمينان جوڳو آهي جڏهن ته قيدين جي جائز مسئلن کي حل ڪرڻ بابت جيل سپرنٽينڊنٽ کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن.

بقايا ---------- 19

ڊاڪٽر نديم اشرف جوکيو پنهنجي آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ليڊي هيلٿ ورڪر شبانه ٻڙدي، پاران مون مٿان لڳايل حراساني جا الزام بي بنياد آهن. ڊاڪٽر نديم اشرف چيو ته شبانا ٻڙدي يوسي شاهه لطيف ۾ ليڊي هيلٿ ورڪر آهي جنهن کي سياسي سفارش تحت سپروائيزري جي(لڪ آفٽر)چارج ڏنل هئي، پر شبانا ٻڙدي نوڪري کان غير حاضر رهي پئي، ليڊي هيلٿ ورڪرس عورتن کي بنا جواز تنگ ڪري پئي، جنهن ڪري شبانا ٻڙدي جي ناقص ڪارڪردگي بابت سيڪريٽري هيلٿ کي آگاهه ڪرڻ بعد شبانا ٻڙدي کان سپروائيزري جي چارج واپس ورتي آهي جنهن تان ناراض ٿي شبانا ٻڙدي مون مٿان بي بنياد الزام پئي لڳائي، هن سلسلي ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرس جي ڊسٽرڪٽ انچارج ڊاڪٽر شاندانه سروهي، اي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر نائلا عباسي،ليڊي هيلٿ ورڪر عورتن ناز بانو، روشن تارا ،سميرا ،شهناز ،فريدان ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان سڀ عورتون آهيون اسان ڊي ايڇ او جي ٽيم جون ورڪرس آهيون پر ڊاڪٽر نديم اشرف جوکيو اسان کي ڪڏهن ميري اک سان ناهي ڏٺو شبانا ٻڙدي جن ڊاڪٽر نديم اشرف جوکيو ۽ عبدالستار ميتلو مٿان ڪوڙا الزام لڳائي اداري کي ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرس کي بدنام پيون ڪن، جنهن عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا، هنن چيو ته شبانا ٻڙدي لوڪ آفٽر سپروائيزري چارج تان هٽائڻ تي ڏمرجي پئي آهي هنن مطالبو ڪيو ته جيڪڏهن ڊاڪٽر نديم اشرف جوکيو يا عبدالستار ميتلو پاران شبانا ٻڙدي يا ڪنهن به ليڊي هيلٿ ورڪرس کي حراسان ڪيو ويو آهي ته ان جا ثبوت منظر عام تي آندا وڃن، ٻي صورت بي بنياد الزام لڳائڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي.

بقايا ---------- 20

چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ دادو پهچايو جتي نينگر پنهنجو نالو علي ٻڌايو ۽ چوڻ هو ته هو يتيم آهي والدين فوت ٿي ويا آهن طارق روڊ ڪراچي جو رهواسي آهيان، چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر سيد هدايت علي شاهه جو چوڻ هو ته هٿ آيل لاوارث نينگر بابت چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي کي آگاهه ڪيو آهي نينگر جي وارثن جي ڳولا لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون دادو ۾ لاوارث ٻارن لاءِ ڪوبه شلٽر هوم ناهي جنهن سبب پوليس سان رابطو ڪري ٻار کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويندو.

بقايا ---------- 21

ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پورهيت غلام نبي جتوئي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته آئون انتهائي غريب مسڪين آهيان ۽ مونکي 6 ٻارن جي اولاد آهي، جڏهن ته سر تڳاري جو پورهيو ڪري گهر ڀاتين جو پيٽ پاليندو آهيان هن چيو ته سال 2022ع دوران پيل برساتن ۾ منهنجو گهر ڊهي پٽ پئجي ويو هو جنهن بعد سرسو جي ٽيم گهر جي سروي ڪري وئي ۽ بعد ۾ منهنجي قسط فرسٽ وومين بئنڪ لاڙڪاڻي ۾ آئي آهي، پر بئنڪ جو عملو چيڪ بڪ نه هجڻ جو جواز ڄاڻائي قسط جي رقم ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، اهڙيون شڪايتون سرسو آفيس توڙي ڄاڻايل بئنڪ جي اعليٰ عملدارن سان ڪيترائي ڀيرا ڪيون آهن، پر تنهن باوجود ڪو تدارڪ نه ٿي سگهيو آهي، هن وس وارين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي گهر سروي جي قسط ڏياري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا ---------- 22

پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي، مظاهرين سرفراز چنا، اعجاز نثار خاصخيلي، محبوب پنهور ۽ ٻين دانهيو ته گذريل 7 مهينن کان پگهارون ۽ پينشن بند هجڻ سبب ملازم ڦاڪاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن هنن چيو 7 ساڍا سئو ملازمن ۽ اڍائي سئو پينشنرجي 7 مهينن کان پگهار نه ملڻ سبب سندن خاندان سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي جڏهن ته سنڌ سرڪار ملازمن جون پگهارون روڪي معاشي قتل عام ڪري رهي آهي، هنن چيو ته پگهارون نه ملڻ سبب ملازم خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن ملازمن جي ٻارڙن کي اسڪول انتظاميا فيس نه ملڻ سبب نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي سندس ٻارن جو مستقبل پڻ داءُ تي لڳي ويو آهي، هنن چيو ته ملازمن جون پگهارون ۽ پينشن آن لائين ڪري ٽريزري ذريعي هر مهيني پگهارون جاري ڪيون وڃن 2016 کان رهيل ملازمن جي اپگريڊيشن ۽ پروموشن ڪيا وڃن ملازمن جا جائز مطالبا حل نه ٿيا ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا ---------- 23

علماءِ اسلام ڪنڊيارو پاران صحافين جي مان ۾ چانهه پارٽي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڪنڊيارو جي سينئر صحافين ايف اي گهانگهرو، شبير ملاح، عبدالغفور مگريو ، اي ڊي گهانگهرو، محمد سومر گهانگهرو، عبدالوحيد چنا، آغا وحيد جي يو آءِ ضلع نوشهروفيروز جي جنرل سيڪريٽري مولانا عبدالعليم گهانگهرو مولانا حماد بروهي، مولانا حسين احمد عباسي،قاري امتيا علي گهانگهرو عبدالشڪور پيرزادو، عبدالرحيم ملاح ۽ عبدالمجيد عباسي سميت ٻيا ڪيترائي شريڪ ٿيا. ان موقعي تي مولانا عبدالعليم گهانگهرو جو چوڻ هيو ته صحافي ڪنهن به پارٽي جي پروگرام يا تحريڪ ۽ عوامي مسئلن کي منظر تي آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا،ڪنهن به بهتري واري پروگرام کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ انهن جو سهڪار انتهائي ضروري هوندو آهي،جيڪڏهن صحافي ۽ ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙ پارٽيون ۽ ادارا سماجي برائين ۽ ٻين مسئلن تي گڏجي ڪم ڪن ته وڏي تبديلي اچي سگهي ٿي مولانا عبدالعليم گهانگهرو جو وڌيڪ چوڻ هيو ته عام ۽ بي پهچ ماڻهن جون اميدون صحافين ۾ هجن ٿيون جيڪي پنهنجي حصي جو صحيح طرح نيڪ نيتي سان ڪم نه ڪندا ته ناانصافي ۽ ظلم گهٽجي ويندو ان موقعي تي صحافين پاران جي يو آءِ اڳواڻن کي يقين ڏياريو ويو ته هو عوامي ڀلائي لاءِ هر بهتر ڪم ۾ سندن ساٿ ڏيندا

بقايا ---------- 24

فوجي اهلڪار شاهد مگريو کي وارثن بيهوشي واري حالت ۾ کڻائي علاج لاءِ چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن رٽائرڊ فوجي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائيندي ڪيس طبي امداد ڏني. ان موقعي تي رٽائرڊ فوجي جي اهلڪار پٽ نديم مگريو الزام لڳائيندي ٻڌايو ته شاهد مگريو ڪجهه سال اڳ پاڪ فوج مان رٽائرڊ ٿيڻ هو جيڪو خيرمحمد آريجا ۾ سِرن جو ڀٽو لڳائي روزگار ڪرڻ چاهي ٿو جنهن کي اڄ منشي امان الله هليو جي چرچ تي يونيورسٽي ايٽ خيرمحمد آريجا ٿاڻي جي پوليس بيگناهه گرفتار ڪرڻ بعد ڪنداق هٽي بدترين تشدد جو نشانو بڻائي ڪيس مرٽينگ ڪرڻ بعد بيهوشي واري حالت ۾ قٿو ڪري ڇڏيو جنهن کي اسان بيهوشي واري حالت ۾ کڻائي اسپتال داخل ڪرايو آهي. هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته پٽات شاهد مگريو کي تشدد جو نشانو بڻائيندڙ يونيورسٽي ايٽ خيرمحمد آريجا ٿاڻي جي پوليس خلاف ڪاروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا ---------- 25

گنڌارا پرائيويٽ لميٽيڊ جي سهڪار سان حاجي شير آٽوز نئون پاران قائم ڪيل آٽوز جي ڊيلرشپ سروس ۽ اسپيئر پارٽس نئون برانچ جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ گنڌارا پرائيويٽ لميٽيڊ جو سي اي او خالد مهر هينو پاڪ فرنٽيئر جي سي اي او خورشيد خان ايڇ آر سي جي مالڪ رحمت الله خان ڪوٽل پارڪو جي ڪامران پٽيل شير موٽرز جي محمد شير پناهه ذاڪر خان ۽ ٻين گڏيل افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي موٽرز ڪمپني جي سي اي او خالد مهر خورشيد خان ۽ حاجي شيرخان چيو ته پختون موٽرز جي قيام سان هتان جي گاڏين جي مالڪن ۽ ڊرائيورن کي وڏي سهولت ميسر ٿيندي نئي سجاول بدين ۽ اسلام ڪوٽ تائين هلندڙ گاڏين کي ريپيئر ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ هتي ئي سمورو ٽيڪنيڪل اسٽاف ۽ جينئن پارٽس جو سامان ميسر هوندو

بقايا ---------- 26

جن جي 69 هين سالگره تقريب ٿي گزري جنهن جي باقائده شروعات تلاوت ڪلام الاهي سان ڪئي وئي جنهن جي سعادت حافظ مولانا امام بخش سڪندري حاصل ڪئي ان بعد حمد ۽ نعت ۽ منقبت شريف سانگهڙ کان کهي آيل حافظ حمز علي راڄڙ ۽ حافظ ڪاظم مري گڏ پڙهي ان بعد علاما ومولانا مفتي محمدمريد سڪندري حافظ مختياراحمد سڪندري علامه مفتي محمد رفيق سڪندري جامعه راشديه درگاهه شريف پير جو ڳوٺ حافظ امام بخش سڪندري پروفيسر ڊاڪٽرجلال پيو فقيرسانوڻ راڄڙ ادي ثانيا سهتو سيد دوست علي شاهه فقير اختيار علي درس علي نواز راڄڙ آفرا يوسف سهتو بلوچستان کان فضا ايوب سهتو بلوچستان کان ڪرن رحيم سهتو ڪراچي' کان اچي خيالن جو اظهار ڪيو جڏهن ته فقير آربي راڄڙ ۽ محمديوسف ڪيريو ڪمپيئرنگ ڪئي ۽ فقيرحاجي اسحاق راڄڙ سليمان راڄڙ فقير محمد ارشد چوڌري محمد نواز ڀٽي محمد ساجن گجو ۽ ٻين حرجماعت سان گڏ سماجي ۽ شهري اڳواڻن شرڪت ڪئي سالگره جو ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو پير سائين سردار دامت البرڪات جي خضري حياتي لاءِ وطن جي سلامتي ۽ پاڪ فوج جي لاءِ پڻ دعائون گهريون ويون ۽ لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو

بقايا ---------- 27

شاندار طريقي سان پنهنجي پڄاڻي تي پهتو فيسٽيول ۾ ڊي ايڇ او مليرجي سهڪار سان مفت ميگا ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي جنهن ۾ خدمت عوام ويلفيئر ميموريل آئي ڪلينڪ جنهن ۾ آئي ڪيمپ الٽراسائونڊ جنرل فزيشن سميت هيلٿ جي ٽيم ڀرپور ڪردار ادا ڪيو جڏهن ته پاپوليشن ڊپارٽمنٽ جي ٽيم عورتن جي ماهر ڊاڪٽرن جي نگراني ۾ سوين عورتن جو چيڪ اپ ڪري ڪين دوائون ڏنيون انهي موقعي تي لائيو اسٽاڪ جي ٽيم علائقي واسين جي جانورن جو مفت علاج ڪري ڪين مختلف بيمارين کان بچاءُ جون ويڪسين پڻ لڳايون جڏهن ته عوامي فيسٽيول ۾ سنڌ جي ثقافتي راند ملاکڙي جا شاندار مقابلا پڻ ڪرايا ويا،فيسٽيول جي شروعات سنڌ جي ثقافتي راند ملاکڙو سان ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي نامور مله پهلوانن حصو ورتو ملاکڙي جي پهرين ڏينهن تي بهترين مله پهلوانن راهب شيدي بوسڪي پنجابي نصرالله شيدي شيرو جوکيو رياض نوڙيو قائم جوکيو يوسف شيدي ۽ ٻين حصو ورتو ۽ سخت مقابلا ڪري ڏسڻ وارن کي دلچسپ مقابلن ذريعي بهترين تفريحي فراهم ڪئي. فيسٽيول دوران جنرل ميڊيڪل ڪيمپ جو ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ملير ڊاڪٽر وجي ڪمار پاپوليشن ڊپارٽمنٽ جو ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نعيم صديقي خدمت عوام ويلفيئر آرگنائيزيشن جي چيئرمين زاهد رحيم عقيله سميت مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ڪيمپ جو دورو ڪيو جڏهن ته فائنل ملاکڙي ۾ چيئرمين يوسي غريب آباد علي نواز پرهيار سماجي اڳواڻ سليم خميساڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي . انتظاميا موجب اهڙا فيسٽيول سنڌ جي ثقافت ۽ عوامي ڀلائي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا،جن جي فروغ لاءِ حڪومت کي سماجي تنظيمن سان گڏجي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

بقايا ---------- 28

اڄ سنڌس آفيس شهباز بلڊنگ حيدرآباد ۾ منعقد ٿيو_ اجلاس ۾ لاڳاپيل اختيارين ۽ واپاري نمائندن شرڪت ڪئي _ ڊپٽي ڪمشنر اجلاس دوران هدايت ڪئي ته کير جي قيمت 220 رپيا في ليٽر مقرر ڪئي وئي آهي جڏهن ته ان کان وڌيڪ قيمت وٺندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي جنهن ۾ ڏنڊ ۽ ڪريڪ ڊائون شامل هوندا _ اهڙي طرح اتفاق راءِ سان گوشت جي نئين مقرر قيمتن ۾ ڳئون جو گوشت هڪ هزار رپيا في ڪلو، مينهن جو گوشت 800 رپيا في ڪلو، ٻاڪرو گوشت 1850 رپيا في ڪلو مقرر ڪيو ويو _ ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ چيو ته ضلعي انتظاميا جي اولين ترجيحي عوام کي رليف مهيا ڪرڻ آهي ته جيئن رمضان المبارڪ دوران حيدرآباد جي شهرين کي وڌ کان وڌ سهولتون ميسر ٿي سگهن.

بقايا ---------- 29

الزام هنيو ته ڳوٺ پيرمحمد هنگور جي رهواسڻ اسان جي ننڍي ڀيڻ سويرا ڪجهه ڏينهن اڳ اسان وٽ گهمڻ جي بهاني اچي ماءُ جي وڊيو ٺاهي آهي ته اسان ان تي تشدد ڪيون ٿا وڊيو ٺاهڻ جي شڪايت اسان سويرا جي مڙس کي ڏنيون ته ان مڙس جي اسان کي پنهنجي گهران ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيو ۽ ڌمڪيون ڏيندي چيو ته منهنجي خلاف ڪٿي شڪايت ڪئي يا احتجاج ڪيو ته اوهان تي ڪوڙا الزام هڻي يا الهڏنوچنا ۽ اوهان کي نوڪري مان ڪڍائيندس ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائيندس انهن وڌيڪ چيو ته هاڻ اسان کي پنهنجي ڀيڻ مان خطرو آهي ته ڪٿي ڪوڙا ڊراما ٺاهي اسان کي ڦاسائيندو اسان غريب مسڪين ماڻهو آهيون اسان پنهنجي ماءُ تي ڇو تشدد ڪنداسين ماءُ اڄ به اسان سان گڏ آهي جي ماءُ جي اسان وٽ رهڻ سان ان کي تڪليف آهي ته پاڻ وٽ رهائيس اسان جي جان ڇڏي اسان غريب مسڪين نوڪري ڪري پنهنجو پيٽ پالي رهيا آهيون . اسان آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي مٽياري کي ۽ وس وارن کي اپيل ٿا ڪيون ته ڀيڻ سويرا جي ظلمن کان بچائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا ---------- 30

ٻڌيل. رات ٿيندي ئي نامعلوم چورن جا ٽول گوزو ۽ ان جي ڀرسانگرائي جي علائقن ۾ گهمندي نظر اچن لڳا گوزو پوليس انتظاميه اگهور ننڊ ستل گوزو شهرواسي ۽ ان جي ڀرسانگرائيءَ وارن ڳوٺن ۾ بدامني عروج تي، گذريل رات ڳوٺ دريا خان کوسو ۾ محمد عمر کوسو جي گهر اندر نامعلوم چور داخل ٿي هڪ مينهن ڪاهي هليا ويا . محمد عمر کوسو قرآن پاڪ کڻي آس پاس وارن علائقن ۾ گهمايو ۽ اپيل ڪئي ته مان مسڪين پورهيت آهيان منهنجي گهرآندر نامعلوم چور داخل ٿي مينهن ڪاهي ويا. آهن اهڙي دانهن گوزو پوليس اسٽيشن تي پڻ ڏني آهي پر افسوس سان چوڻو ٿو پئي ته پوليس هن وقت تائين ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آڻي سگهي آهي ان لاءِ مان سڀني وس وارن کي قرآن پاڪ جا واسطا ڏيان ٿو ته خدا ڪارڻ مون مسڪين جي مينهن قرآن شريف جي واسطي واپس ڪئي وڃي.

بقايا ---------- 31

ڊاڪٽر نديم اشرف جوکيو پنهنجي آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ليڊي هيلٿ ورڪر شبانه ٻڙدي، پاران مون مٿان لڳايل حراساني جا الزام بي بنياد آهن. ڊاڪٽر نديم اشرف چيو ته شبانا ٻڙدي يوسي شاهه لطيف ۾ ليڊي هيلٿ ورڪر آهي جنهن کي سياسي سفارش تحت سپروائيزري جي(لڪ آفٽر)چارج ڏنل هئي، پر شبانا ٻڙدي نوڪري کان غير حاضر رهي پئي، ليڊي هيلٿ ورڪرس عورتن کي بنا جواز تنگ ڪري پئي، جنهن ڪري شبانا ٻڙدي جي ناقص ڪارڪردگي بابت سيڪريٽري هيلٿ کي آگاهه ڪرڻ بعد شبانا ٻڙدي کان سپروائيزري جي چارج واپس ورتي آهي جنهن تان ناراض ٿي شبانا ٻڙدي مون مٿان بي بنياد الزام پئي لڳائي، هن سلسلي ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرس جي ڊسٽرڪٽ انچارج ڊاڪٽر شاندانه سروهي، اي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر نائلا عباسي،ليڊي هيلٿ ورڪر عورتن ناز بانو، روشن تارا ،سميرا ،شهناز ،فريدان ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان سڀ عورتون آهيون اسان ڊي ايڇ او جي ٽيم جون ورڪرس آهيون پر ڊاڪٽر نديم اشرف جوکيو اسان کي ڪڏهن ميري اک سان ناهي ڏٺو شبانا ٻڙدي جن ڊاڪٽر نديم اشرف جوکيو ۽ عبدالستار ميتلو مٿان ڪوڙا الزام لڳائي اداري کي ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرس کي بدنام پيون ڪن، جنهن عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا، هنن چيو ته شبانا ٻڙدي لوڪ آفٽر سپروائيزري چارج تان هٽائڻ تي ڏمرجي پئي آهي هنن مطالبو ڪيو ته جيڪڏهن ڊاڪٽر نديم اشرف جوکيو يا عبدالستار ميتلو پاران شبانا ٻڙدي يا ڪنهن به ليڊي هيلٿ ورڪرس کي حراسان ڪيو ويو آهي ته ان جا ثبوت منظر عام تي آندا وڃن، ٻي صورت بي بنياد الزام لڳائڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي.

بقايا ---------- 32

اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ايس ايڇ او محمد صادق عباسي روزانو جي بنياد تي گشت ڪندي بغير لائيسنس هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ شهزاد علي ڊومڪي کي گرفتار ڪري سندن مٿان ڪيس داخل ڪري لاڪپ ڪيو ويو آهي. ايس ايڇ او محمد صادق عباسي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ پوليس ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي امن امان قائم ڪرائڻ اولين ترجيح آهي ڪنهن به کي هرگز بخش نه ڪيو ويندو گرفتار نوجوان وٽان بغير لائيسنس هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ سندن کي گرفتار ڪيو ويو آهي

بقايا 01

شاندار ڪانفرنس ٿي گذري. ڪانفرنس ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي نالي وارن عالمن پير ڪرم الله المعروف دلبر سائين، ٽي ايل پي بلوچستان جي امير مفتي وزير احمد رضوي بلوچ، ٽي ايل پي ٽنڊو محمد خان جي امير پير محمد علي جان مجددي، اهلسنت سجاول جي اڳواڻ حافظ غلام مصطفیٰ ڪتي قادري، ٽي ايل پي ضلعي سجاول جي امير غلام سرور عرف بابو جمن ڪتي قادري ۽ سهيل مصطفي ڪتي قادري ختم نبوت، نظام مصطفي ﷺ ۽ شان مصطفي ﷺ تي ايمان افروز خطاب ڪري ٻڌندڙ جو ايمان تازو ڪري ڇڏيو. ڪانفرنس ۾ اعجاز اختر ڪڇي، حافظ اعجاز سومرو، ڏٽي ڏنو جاڪرو، منور لغاري، مولوي منظور لغاري، غلام قادر لغاري، عامر عطاري، دلشاد ڪرمي، سڪندر ڪتي، رياض ڪتي، سراج مصطفي ڪتي سميت وڏي تعداد ۾ عاشقان رسول ﷺ شرڪت ڪئي.

بقايا 02

۾ شاخ جي سيڪريٽري ڊاڪٽر عابده گهانگهرو سميت آمنه ابڙو، رضيه ڪوڪر، انيس گهانگرو، خالده نسرين، نعيم بانو، سيما عباسي، شهناز راهو، خالده نسرين ۽ منڻ سومرو شرڪت ڪئي گڏجاڻي جي شروعات ڊاڪٽر آڪاش انصاري ، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، ڊاڪٽر پرويز پيرزادي ۽ شهناز راهو جي والده جي لاڏاڻي تي تعزيت سان ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ مادر ٻولين جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان خالده نسرين پنهنجو نظم پڙهيو جڏهن ته سرتين مادري ٻولي جي حوالي سان خيال ونڊيا ڊاڪٽر عابده گهانگهرو مادري ٻوليءَ جي اهميت ۽ مقصديت تي روشني وجهندي چيو ته ٻولي مرندي تڏهن آهي جڏهن ان سان محبت ڪرڻ ڇڏي ڏبي آهي ۽ ٻچندي تڏهن آهي جڏهن اها ڳالهائبي رهي ۽ ان ۾ علم ادب ڇپبو، پڙهبو ۽ سرجندو رهي، ڊاڪٽر رضيه ڪوڪر سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ بيان ڪندي ٻڌايو ته ارغون ترخان دور ۾ ماڻهن ۾ هراس ڦهلائي لاءِ لکن جي تعداد ۾ موجود علم ادب جي ڪتابن کي ساڙيو ويو. منڻ سومرو چيو ته رومن لپيءَ سان سنڌي موجود صورتخطي متاثر ٿيڻ جو انديشو آهي. خالد نسرن چيو ته ٻارن جي مادري ٻوليءَ کان پري هجڻ جا ڏوهاري اسين پاڻ به آهيون ۾ تعليم ڪاتو ٻان جو ذميوار آهي بهتر اسڪول ڪاليج ۾ پڙهڻ هر ماڻهوءَ جو حق آهي ۽ هر اسڪول ۽ ڪاليج ۽ خاص طور تي پرائيويٽ تعليمي ادارن ۾ سنڌي مضمون پڙهائڻ لازمي قرار ڇو نه ٿو ڏنو وڃي. سيما عباسيءَ چيو ته ٻوليءَ جي معاملن تي ادارن جو ڪردار فعال نظر نه ٿو اچي، تعليمي ادارن ۾ سليبس بهتر بڻائڻ جي سخت ضرورت آهي. انيس گهانگهرو چيو ته ٻلي ماڻهو پرڏيه ۾ رهي پر پنهنجي مادري ٻولي ضرور ڳالهائجي. اسان جا ٻار پرڏيه ۾ رهڻ جي باوجود گهر ۾ سنڌي ڳالهائن ٿا ان تي اسان کي فخر آهي. آمنه ابڙو ۽ نعيم بانو چيو ته گهڻ ٻولياڻي شعور هجڻ انسان جي خاصيت آهي. رومن لپيءَ جي ضرورت پوي ٿي. انفرادي طور تي اسين سڀ ڪوشش ڪريون ٿا پر اجتماعي طور تي ٻوليءَ کي زنده رکڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ جي سخت ضرورت آهي گڏجاڻي ۾ ٻيش ڪيل قرار دادن ۾ آڪاش انصاري جي قتل جي اڻ ڏرڻي ۽ شفاف جاچ جو مطالبو ۽ يونيورسٽين مان بي ايس ڪلاسن مان ٻولين جو لازمي مضمون ختم ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي ۽ ٻيهر بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

بقايا 03

صدر رضوان علي پٽو، صدر بدرالدين پنهيا، صدر محمد عالم سميجو، جنرل سيڪريٽري نياز احمد بگهيو، شهباز احمد بگهيو ۽ عرفان علي پنهور سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 2022 کان اڄ تائين سنڌ ورڪرز ويلفيئر بورڊ ۾ ڪا به اسڪيم نه هلائي وئي آهي. مهراڻ ليبر فيڊريشن پاڪستان، ويلفيئر بورڊ جي آفيسرن جي ڪرپشن خلاف تحريڪ هلائيندي رهي آهي ۽ پنهنجو واضح موقف رکيو آهي ته ڪرپشن، بدعنواني ۽ رشوت جو خاتمو آڻڻ گهرجي.هن وڌيڪ چيو ته هاڻ سنڌ جو بهادر ۽ ايماندار ليبر سيڪريٽري محمد رفيق قريشي، جيڪو تازو ئي سنڌ ورڪرز ويلفيئر بورڊ ۾ مقرر ٿيو آهي، ايڊيشنل چارج ملڻ ڪانپوءِ مزدورن لاءِ شفاف ويلفيئر اسڪيمون هلائڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنرن سان صلاح مشورا ڪري رهيو آهي. ضلعي انتظاميه طرفان اضافي تصديق جي عمل سان بدعنواني، رشوت ۽ جعلي اسڪيمون روڪڻ ۾ مدد ملندي. ۽ بغير ڪنهن رشوت يا بليڪ ميلنگ جي، مزدورن جي بيواهن کي ڏيتيه گرانٽ جي رقم جي ادائيگي ممڪن ٿيندي. ان کان علاوه، ڏهريز گرانٽ، هاءِ ايجوڪيشن، ٻارن جي بينيفٽ ايجوڪيشن، ۽ ڏيتيه گرانٽ جون رقمون مزدورن جي بئنڪ اڪائونٽس ۾ سڌو منتقل ٿينديون.

بقايا 04

ان سلسلي ۾ مراد ميمڻ ڳوٺ ٿاڻي جي ايس ايڇ او گل بيگ ميڊيا سان کي ٻڌايو ته واردات بابت وارثن پاران فرياد داخل ڪئي وئي آهي ڪنهن به صورت ۾ جوابدارن کي بخش نه ڪيو ويندو ۽ جلد ئي جوابدار قانون جي گرفت ۾ آندا ويندا، هن چيو ته ڏوهي ماڻهن خلاف پوليس تحرڪ ۾ آهي، هوڏانهن گهر ڌڻي قمر بلوچ عمري جي سعادت لاءِ سعودي عرب ويل آهي جڏهن ته سندس پاءِ زبير بلوچ پاران فرياد داخل ڪرائي وئي آهي، زبير بلوچ ٻڌايو ته 8 هٿيارٻند جنهن منهن تي ماسڪ چڙهيل هو تن گذريل رات دير سان اسان جي گهر هٿيارن جي زور تي گهڙيا، گهر ڀاتين کي يرغمال بڻايو ويو ۽ سڄي گهر جي جهڙتي ورتي، 21 لک روپيا روڪ، 50 تولا سون ۽ گهر جو قيمتي سامان ڪٺي فرار ٿي ويا، هن چيو ته اسان جي ڪنهن به ماڻهو سان دشمني نه آهي پر تنهن جي باوجود اسان جي گهر ۾ هٿيارٻندن جو گهڙڻ غير معمول واقعو آهي جنهن جي تحقيقات پڻ ڪرائي وڃي. هوڏانهن ايم پي اي يوسف مرتضيٰ بلوچ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مراد ميمڻ ڳوٺ جيڪو منهنجو اڳوڻو حلقو هو ۽ منهنجي والد جو تنهن ۾ وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن پوليس ماڻهن کي تحفظ فراهم ڪري ۽ جوابدار گرفتار ڪري علائقي ۾ بدامني، ڦرلٽ ۽ چورين کي بنجو ڏياريو وڃي.

بقايا 05

آڏو گهرواري جي ڳولا لاءِ قرآن پاڪ کڻي مدد جي اپيل ڪئي، ان موقعي تي سيد چيزل شاهه جو چوڻ هو ته ٽي مهينا اڳ ڳوٺ کان نياڻي جي علاج خاطر انڊس اسپتال ڪراچي ۾ آياسين جتي اسپتال جي صفائي دوران عملي پاران پين کي ٻاهر نڪرڻ جو چيو، منهنجي گهرواري 60 سالا سيده نيڪ بيبي جنهن جو ذهني توازن درست نه هو ۽ لاپته ٿي وئي آهي، ٽي مهينا گذرڻ ۽ ڳولا ڪرڻ باوجود سندس ڪو به ڏس پتو ناهي پئجي سگهيو. هن قرآن جا واسطا ڏيندي اپيل ڪندي چيو ته منهنجي گهرواري جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي

بقايا 06

(وچ ۾ هڪ يادداشت نامي (MoU)تي صحيحون ڪيون ويون، جنهن جو مقصد تعليم، تحقيق، جدت، ۽ معاشي ترقي کي فروغ ڏيڻ آهي. هي شراڪت تعليمي ادارن ۽ صنعتن وچ ۾ لاڳاپا مضبوط ڪندي، شاگردن، پروفيشنلز ۽ علائقائي معيشت لاءِ نوان موقعا پيدا ڪندي.شراڪت جا اهم مقصدن ۾ تعليم ۽ صنعت جو ملاپ، تعليمي ادارن ۽ ڪاروباري شعبي وچ ۾ سهڪار ذريعي عملي سکيا، جدت، ۽ ڪاروباري موقعا پيدا ڪرڻ. جدت ۽ ڪاروباري واڌاري کي هٿي، تحقيق، صنعتي سهڪار، ۽ نون ڪاروباري منصوبن جي حمايت. تحقيق ۽ جاڻ جي ڏي وٺ، نئين تحقيق، ٽيڪنالاجيءَ جي واڌاري ۽ وسيلن جي حصيداريءَ کي هٿي ڏيڻ. صلاحيتن جي واڌاري جا پروگرام، شاگردن لاءِ جديد تربيت، ووڪيشنل ٽريننگ، ۽ صنعت جي گهرجن مطابق صلاحيتون وڌائڻ. معاشي ترقي، نوان روزگار موقعا، ڪاروباري واڌاري، ۽ سيڙپڪاري کي وڌائڻ. سماجي ۽ ماحولياتي اثر، روزگار، تعليم، صحت، ۽ ماحولياتي تحفظ جي بهتريءَ لاءِ قدم شامل هئا. ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر چارم غلام مرتضيٰ سهتو، پرنسپال خيرپور زرعي ۽ مينيجمينٽ سائنسز ڪاليج (KCAMS)، چيو ته هي معاهدو تعليم، تحقيق، ۽ صنعتي سهڪار کي نئين بلنديءَ تي وٺي ويندو، جنهن سان شاگردن لاءِ نيون پيشورانيون موقعون پيدا ٿينديون ۽ علائقائي معيشت کي هٿي ملندي." عبدالعظيم عقيل، CEO SEZMC، چيو ته "تعليم ۽ صنعت جي وچ ۾ سهڪار جدت، سيڙپڪاري، ۽ سنڌ جي معاشي ترقيءَ لاءِ نهايت اهم آهي". پائيدار ترقيءَ جي مقصدن سان هم آهنگي هي شراڪت گڏيل قومن جي پائيدار ترقيءَ جي مقصدن (SDGs) سان هم آهنگ آهي، خاص طور تي :SDG معياري تعليم، :SDGبهتر روزگار ۽ معاشي ترقي، :SDG 9صنعت، جدت، ۽ بنيادي ڍانچو :SDG 11پائيدار شهر ۽ ڪميونٽيز شامل هيو. تقريب ۾ محمد علي مهيسر (زون آپريشن مئنيجر) ، پروفيسر ڊاڪٽر چارم غلام مرتضيٰ سهتو (پرنسپل (KCAMS، انجنيئر اجيت ڪمار (ليڪچرر، پوسٽ هارويسٽ ٽيڪنالاجي ۽ پروسيس انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ)، ۽ آغا مسيح الله خان KESEZ IT) ڪوآرڊينيشن آفيس) پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 07

ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو آهي قومي ڪميشن برائي انساني حقوق مذهبي هم آهنگي، اينٽي ڪرائم اينڊ نارڪو ٽيڪس ۽ ٻين تنظيمن طرفان مير خادم حسين عمراڻي . مير اخلاق ٽالپر ،جاويد اقبال راجپوت .محمد شريف سومرو جي اڳواڻي ۾ علمدار روڊ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي آهي احتجاجي ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته شهر ۾ سرعام منشيات خاص ڪري آئس جي نشي جو وڪرو عروج تي پهتل آهي، شهر ۾ آئس ،شراب ،گٽڪي ،فحاشي جا اڏا بغير ڪنهن روڪ ٽوڪ جي هلي رهيا آهن منشيات جي سرعام

وڪري سبب نوجوان نسل کي تباهي طرف ڌڪيو پيو وڃي جيڪي نوجوان پنهنجي گهر وارن لا ڪمائي اينڊا هئا اهي هاڻي منشيات جي لت ۾ مبتلا ٿي پنهنجي ۽ گهر وارن جي زندگي تباهه ڪري رهيا آهن مظاهرو ڪندڙن پوليس تي سنگين الزام مڙهندي چيو ته اهي ادارا جيڪي عوام جي حفاظت لا ناهيا ويا هئا اهي منشيات فروشن کان منٿليون اوڳاڙي کين تحفظ فراهم ڪري رهيا آهن انهي ڪري هي زهر جو ڪاروبار سموري شهر ۾ بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي جاري آهي شهر جي هر پاڙي ۽ گهٽي ۾ منشيات آساني سان دستياب آهي جڏهن ته آئس ۽ شراب وارپرائڻ سبب ڪيترن ئي گهر تباهه ٿي چڪا آهن مظاهرو ڪندڙن وزيراعليٰ سنڌ ،آئي جي سنڌ ، ايس ايس پي سانگهڙ ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو آهي ته شهر ۾ سرعام هلندڙ منشيات خاص طور تي آئس جي نشي جو ڪاروبار ڪندڙن خلاف سخت ڪاروائيون ڪري نوجوان نسل کي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا 08

به راشن تقسيم ڪرڻ وارو عمل جاري رهيو۔ ڪوٽ نواب ڳڙتل ۾ دبئي جي شهزادي شيخ بن نيهان بن زيد پاران رمضان مهيني جي آمد دوران هر سال جيان هن سال به ميهڙ کي اين شاهه، جوهي،وارهه،قمبر شهدادڪوٽ تعلقي جي ڪاچي واري پٽي ۾ قائم فريدآباد، موجهڙ،سالاري،ميان نصير محمد، حمل، ميريون، گاهي جي ڳوٺ سميت سوين ڳوٺن جي مستحق هزارين عورتن ۽ مردن کي ڳڙتل واري علائقي ۾ مينيجر شيرخان شبير خان ضمير خان ،عمرحيات ۽ ٻين جي نگراني ۾ 6 هزار مستحق ماڻهن ۾ رمضان پيڪيج تقسيم ڪيو ويو. راشن تقسيم ٿيڻ وارو عمل ٽين ڏينهن به تائين جاري رهندو.

بقايا 09

ڪاليج ڪرمپور ۾ ٽيون ساليانو والدين جو ڏهاڙو ملهايو ويو، جنهن ۾ چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر محترم سيد ڪميل حيدر شاهه مهمان خاص طور شرڪت ڪئي. تقريب جو آغاز تلاوت قرآن مجيد سان ڪيو ويو. تقريب جي مهمانن ۾ محترم سهراب سرڪي، ڊسٽرڪٽ ڪميشنر ڪشمور افضل امير اويسي، سردار تيغو خان تيغاڻي سميت ٻين مهمانن ۽ والدين شرڪت ڪئي. هن تقريب ۾ چيمپئين پرچم جي تبديلي، پريڊ جو جائزو، مارچ پاسٽ يا سلامي، پي ٽي شو سنڌ جي ثقافتي راند ملاڪڙو ۽ ثقافتي ناچ سميت ٻيون ڪيٽريون ئي سيگمينٽس شامل هيون. جنهن ۾ ڪيڊٽس شاندار انداز سان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي والدين ۽ معزز سامعين کان داد وصول ڪيو. پروگرام ۾ ڪيڊٽ ڪاليج ڪرمپور جي پرنسپال محترم محمد هاشم ميمڻ. ڪاليج جي سڄي سال جي شاندار ڪاميابين جي حوالي سان گڏ مهمان خاص ۽ معزز مهمانن کي ڀليڪار جو خطاب پڻ ڪيو. جنهن ۾ پرنسپال فخر محسوس ڪندي چيو ته اسان جو ادارو ڪيترن ئي معاملن تي ملڪ جي معزز ادارن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن ڪاليج تمام گهٽي لگن، همت ۽ محنت سان پنهنجو نالو ڪمايو آهي. قومي زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ ڪرمپورين جي ڪارڪردگي ۽ ڪردار قابل تعريف ۽ اداري لاءِ حوصلا افزائي ۽ فخر جو باعث آهي. سائين جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان جا ڪيڊٽ نه رڳو ڪاليج ۾ پر ملڪ جي مختلف معزز ادارن پاران منعقد ڪيل مختلف گڏيل نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺندا آهن ۽ ڪاليج جو نالو روشن ڪندا آهن. تقريب جي آخر ۾ مهمان خاص محترم سيد ڪميل حيدر شاهه سال 2024ع ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ ڪيڊٽس ۾ انعام تقسيم ڪيا ۽ خطاب پڻ ڪيو. جنهن ۾ هن 2025ع ۾ ڪلاس يارنهن ۽ ٻارنهن ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙن لاءِ اسڪالرشپ ڏيڻ جو اعلان پڻ ڪيو. صدارتي خطاب ڪندي سائين جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڪاليج جي زندگيءَ ئي حقيقي زندگي گذارڻ سيکاري ٿو. سائين جو وڌيڪ چوڻ هو ته هي لمحو والدين لاءِ فخر جو لمحو آهي. ڪيڊٽ ڪاليج ڪرمپور جي پرنسپال محترم محمد هاشم ميمڻ مهمان خاص کي ڪاليج جو يادگار (مومينٽو) پڻ پيش ڪيو. اڄ جي پروگرام ۾ مهمان خاص سائنس ايگزيبيشن جو دورو ڪيو ۽ ڪيڊٽس جي محنت کي ساراهيندي تمام اسٽالس، بائيولاجي جي ڪيڊٽس، ڪيميسٽري جي ڪيڊٽس، فزڪس جي ڪيڊٽس، ڪمپيوٽر جي ڪيڊٽس، رياضي جي ڪيڊٽس ۽ فائين آرٽ جي ڪيڊٽس جي هر هڪ ڪيڊٽ کي 20 هزار روپيا انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو. سائنس ايگزيبيشن جي دوري سان پروگرام پنهنجي پڄاڻي تي پهتو.

بقايا 10

سنڌ رورول سپورٽ آرگنائيزيشن جي انسٽيٽيوٽ آف مينيجمينٽ اينڊ اسڪِل ڊولپمينٽ پاران شڪارپور ضلعي جي صحافين لاءِ "ڊجيٽل دور ۾ ترقياتي صحافت" جي عنوان هيٺ هڪ ڏينهن جي اوريئنٽيشن ورڪشاپ 19 فيبروري 2025 تي سرسو ڪامپليڪس سکر ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ ڪراچيءَ کان آيل سينيئر صحافي قاضي آصف، آزاد انور ۽ سرسو جي ٽريننگ شعبي جي سربراهه زبيرسومري تربيت ڪار شرڪت ڪئي، جڏهن ته شڪارپور ضلعي جي ارڙهن صحافين تربيت حاصل ڪندڙ طور شرڪت ڪئي. تربيت جا اهم موضوع ترقياتي شعبي جي رپورٽنگ بابت قيمتي ڄاڻ فراهم ڪرڻ، ميڊيا جي تعميراتي منظرنامي کي ڳولڻ ۽ ان جي ڪردار تي روشني وجهڻ ۽ سرسو بابت بنيادي ڄاڻ ڏيڻ شامل هئا. ميڊيا انڊسٽري ۾ صحافين جي پيشورانين ڪوشش کي ساراهيندي، سنڌن صحافتي ڪردار جي اعتراف طور صحافين کي شيلڊ ۽ سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنو ويو. تربيت ۾ سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙي سرسو جي ڪم ڪار بابت تفصيل ٻڌايا ۽ صحافتي شعبي جي مختلف رخن تي پڻ روشني وڌي.

بقايا 11

پاڪستان جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري راهب علي سميجو جي اڳواڻي ۾ مهراڻ ليبر فيڊريشن پاڪستان جي صدر رضوانه علي پٽو صدر بدرالدين پنهيار صدر محمد عالم سميجو جنرل سيڪريٽري نياز احمد باگهيو شهباز احمد بگهيو عرفان علي پنهور پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته 2022ع کان وٺي اسان ورڪرز فيڊريشن بورڊ پاڪستان ۾ ڪا به اسڪيم نه هلائي وئي آهي. هو وقت بوقت آفيسرن جي ڪرپشن خلاف تحريڪ هلائيندو رهيو آهي ۽ واضح موقف اختيار ڪندو رهيو آهي ته هو ڪرپشن، ڪرپشن ۽ رشوت خوري خلاف بيٺا آهن. هاڻي هڪ بهادر ۽ ايماندار ليبر سيڪريٽري سنڌ محمد رفيق قريشي جنهن کي ڪجهه ڏينهن لاءِ سنڌ ورڪرز ويلفيئر بورڊ ۾ مقرر ڪيو ويو آهي، اضافي چارج ملڻ بعد، ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تي مزدورن لاءِ صاف ۽ شفاف فلاحي اسڪيمون هلائڻ جي هدايت ڪئي آهي. ان سان رقم جي ادائيگي ۾ مدد ملندي ۽ اهڙي طرح ڏاج جي گرانٽ اعليٰ تعليم ۽ ٻارن جي فائدي واري تعليم ۽ موت جي گرانٽ جي رقم آساني سان حقيقي حقدار مزدورن جي بئنڪ اڪائونٽن ۾ منتقل ٿي ويندي. ليبر سيڪريٽري رفيق احمد قريشي پنهنجي ويلفيئر بورڊ ۾ اضافي چارج سنڀالڻ ڪانپوءِ ٻهرين (جي بي) جي اجلاس ۾ انهن ريجنل ڪميٽين کي ختم ڪري ڇڏيو جيڪي اڪثر ويلفيئر اسڪيمن ۽ مزدورن جي ڪم ۾ رڪاوٽون هيون.

بقايا 12

ٻڪريون چوري، ڪنڊيارو پرسان ڳوٺ محمد عمر راڄپر مان نامعلوم چور ڳوٺائي علي بخش راڄپر جي گهر مان سهڻي نسل جو چار ٻڪريون چور چوري ڪري فرار ٿي ويا.

بقايا 13

ڪلب پهچي سس سميت احتجاج ڪندي چيو ته 3 ڏينهن اڳ جمعي رات جو درگاهه قلندر لعل شهباز مزار تي حاضري لاءِ آياسين ته آئون پنهنجي گهر واري ۽ ٻارڙن کي درگاهه تي ويهاري سامان وٺڻ ويس واپس موٽي اچڻ تي منهنجي گهرواري ٻن نياڻين سميت 3 سالا سهانا، ۽ 9 مهينين جي ايمان گم ٿي ويون جنهن بعد گهڻي ڳولا بعدهٽ نه اچي سگهيون آهن جڏهن ته سيوهڻ ٿاڻي تي رپورٽ درج ڪرائي آهي هن اعلي اختيارين کان اپيل ڪندي گهر ڪئي ته منهنجي گهرواري ۽ نياڻين جي ڳولا ۾ منهنجي مدد ڪري وڌيڪ پريشاني کان بچايو وڃي

بقايا 14

فيصلي ۾ وينٺل غلام رسول مري پاران رياض چيما کي ڏوهي قرار ڏيندي رياض حسين چيما واري ڌر تي 5 لک روپيا ڏنڊ رکيو ويو جڏهن ته محمد ياسين جٽ پاران 2 لک روپيا ڏنڊ جي رقم موقعي تي معاف ڪئي وئي فيصلي بعد اڳرائي ڪندڙ ڌر مٿان 10 لک روپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو جڏهن ته ٻئي ڌريون هڪ ٻئي مٿان داخل ڪرايل ڪيسن تان پڻ هٽ ڪڻ جون پابند هونديون

بقايا 15

ڪچي ضمانت منظور ڪري ورتي تفصيل موجب جوابدار عطاءالله جوڻيجو سيف الله جوڻيجو علي حسن جوڻيجو , سابقه ايس ايچ او غلام محمد سهتو محمد جمن انڙ , عمران انڙ , محمد خان عرف بابو ڪيريو , محبوب الحق جڪرو , جانو لانڊر , عبدالجبار خاصخيلي ۽ عزيزالله ڪيريو اڄ دهشتگردي ڪورٽ عدالت نوابشاهه جي جج سامهون پيش ٿيا جڏهن ته فريادي ڌر فدا حسين جوڻيجو عرفان جوڻيجو ۽ ٻيا پڻ عدالت ۾ پيش ٿيا ڪيس جي ٻڌڻي بعد دهشتگردي ڪورٽ عدالت جي جج عبدالغفور ڪلهوڙي جوابدارن جي وڪيل جا دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ جوابدارن جي ضمانت ۾ ڇٺ ڏينهن جو واڌارو ڪري 28 فيبروري تائين کين ڪچي ضمانت ڏئي کين ڇٺ ڏينهن بعد ٻيهر حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو ياد رهي ته عطاءالله جوڻيجي سميت 11 جوابدارن جي 5/5 لکن جي مچلڪن عيوض ڪچي ضمانت منظور ٿيل هئي جنهن جي اڄ
ٻڌڻي ٿي ۽ جج ڇهن ڏينهن تائين سنڌن ڪچي ضمانت ۾ واڌ ڪري ڇڏي جڏهن ته جوبدارن جي پڪي ضمانت جي ٻڌڻي 28 فيبروري تي ٿيندي،ٻئي طرف سانگهڙ پوليس جوڻيجارين سانحي جي ايف آئي آر ۾ نامزد هڪ ٻئي جوابدار نصير راڄڙ کي گرفتار ڪري دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ پيش ڪري 5 ڏينهن جو ريمانڊ ورتي ڇڏيو آهي جنهن کي 27 فيبروري تي ڪيس ۾ گرفتار 10 جوابدارن سان گڏ ٻيهر دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو , جوڻيجارين سانحي واري ڪيس ۾ گرفتار جوابدارن جو ڪل تعداد 11 ٿي ويو آهي جڏهن ته ڪيس جا 11 جوابدار ڪچي تي ضمانت تي آهن جڏهن ته 7 جوابدار اڃا تائين روپوش آهن واضح رهي ته 26 جنوري تي جوڻيجارين ٿاڻي جي حد ڳوٺ جاني جوڻيجو ۾ مال جي پيل تان ٿيل فائرنگ جي نتيجي ۾ جوڻيجا برادري جا 3 ڄڻا مشتاق جوڻيجو، الله بخش جوڻيجو ۽ عبدالرسول جوڻيجو مارجي ويا هئا جڏهن ته 21ڄڻا زخمي ٿي پيا هئا، پريس ڪلب سانگهڙ جي آڏو 4 ڏينهن لاش رکي ڌرڻو هڻڻ ڪانپوءِ 29 ڄاڻل ۽ 10 اڻ ڄاڻل جوابدارن سميت ٽوٽل 39 ماڻهن تي ايف آئي آر داخل ٿي هئي جنهن مان هيننر تائين 11 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جيڪي 27 فيبروري تائين پوليس ريمانڊ ۾ آهن

بقايا 16

لاءِ بئنڪن کان 1300 ارب روپين جي قرض بابت ڳالهه ٻولهه جاري آهي. عملدارن جو چوڻ آهي ته هي قرض مقرر شرح ۽ خاص مدت لاءِ حاصل ڪيو ويندو، جنهن سان گردشي قرض ختم ڪرڻ ۾ مدد ملندي. عملدارن موجب، حڪومت کي آزاد بجلي گهرن (آءِ پي پيز) سان ڳالهين دوران 700 ارب روپين جي بچت ٿي آهي. ان ڪانسواءِ آءِ پي پيز تي 300 ارب روپين جو وياج ختم ڪيو ويو آهي. 6 آءِ پي پيز سان معاهدا ختم ڪيا ويا آهن. جڏهن ته 25 آءِ پي پيز سان "ٽيڪ اينڊ پي" معاهدي تي ڳالهه مڪمل ٿي چڪي آهي. سرڪاري پاور پلانٽن بابت ٽاسڪ فورس سان ڳالهه ٻولهه جاري آهي ۽ اميد آهي ته ايندڙ ٻن مهينن ۾ في يونٽ بجلي 6 کان 8 روپيا سستي ڪرڻ ۾ ڪاميابي ملندي. عملدارن موجب، پاور سيڪٽر جو گردشي قرض لڳ ڀڳ 2300 ارب روپيا آهي. جنهن کي جلد کان جلد ختم ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 17

ملاقات ڪئي. وفد ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ اڳوڻو اسپيڪر اسد قيصر، صاحبزاده حامد رضا، محمود خان اڇڪزئي، سردار لطيف کوسو، ناصر شيرازي، ساجد ترين، حليم عادل شيخ ۽ ٻيا شامل هئا. اجلاس ۾ 26 هين آئيني ترميم، پي اي سي اي ايڪٽ ۽ سنڌو درياءَ مان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ جي معاملي تي بحث ڪيو ويو. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌي صوبن کي ڳنڍڻ جا ذريعا آهن. عليءَ ۽ سنڌو درياهه آهي. سنڌ سڄي ملڪ ۽ گورننس ۽ آئيني بالادستي جو بحران آهي. جيڪڏهن چولستان ۽ ٻيا ڪئنال ناهيا ويا ته سنڌ جو پاڻي بند ٿي ويندو. اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر ۽ سني اتحاد ڪائونسل جي صاحبزاده حامد رضا چيو ته موجوده پارليامينٽ ۾ عوام جو مينڊيٽ شامل ناهي. عليعر کي 26 هين آئيني ترميم ۽ صحافت کي پيڪا ذريعي قتل ڪيو ويو. اياز لطيف پليجي چيو ته مسئلن جو حل پابنديون ۽ ٽڪراءُ نه پر هڪ منصفانه، رواداري ۽ جمهوري فيڊريشن آهي. سنڌ جي بقا ۽ مستقبل سنڌو درياءَ سان آهي. اسد قيصر ۽ صاحبزادي حامد رضا چيو ته اسين سنڌ جي هارين سان گڏ آهيون، اسين ڪنهن کي به سنڌ جو پاڻي چوري ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين. ملڪ ۾ ظلم آهي، چونڊون چوري ڪيون ويون. اياز لطيف پليجي چيو ته حڪمرانن لاءِ ماڻهو، نوڪريون، زراعت ۽ پاڻي اهم نه رهيا آهن. جيڪڏهن آئين کي نقصان پهتو ته عوام کي نقصان پهچندو سنڌ کي لينڊ مافيا ۽ قبضا گيرن جي پناهه گاهه ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. حڪومت اقتداري مفادن لاءِ عوامي حقن تان دستبردار ٿي چڪي آهي. اسد قيصر سلمان اڪرم راڄا چيو ته اسين ماڻهن جي حقن لاءِ وڙهي رهيا آهيون. اسين هر دروازي تي دستڪ ڏينداسين. اسان ٿئين امپائر ڏانهن نه ڏسي رهيا آهيون. اياز لطيف پليجي چيو ته گرين پاڪستان جي نالي تي سنڌ جي زمينن ۽ پاڻي تي قبضو بند ڪيو وڃي. ملڪ ۾ عوام جي نمائندگي ڪندڙن جي ڪا به اسيمبلي ناهي. محفل ترجي اڳواڻن چيو ته سنڌو درياءَ تي نوان ڪئنال ناهڻ ملڪ جي بقا جو معاملو آهي. اسان ان خلاف آواز اٿارينداسين. 6 نون ڪئنالن جي تعمير جي خلاف سنڌ جي موقف جي حمايت ڪريون ٿا. اياز لطيف پليجي ۽ اسد قيصر چيو ته اسان پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني ۽ حقيقي جمهوريت چاهيون ٿا.

بقايا 18

گلشن 13 ڊي، ريلوي سوسائٽي ۾ غير قانوني الاٽمن جي ڪيس ۾ ريلوي سوسائٽي ريزيڊنٽ ايسوسيئيشن پاران غير قانوني الاٽمن خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. عدالت ايس بي سي اي ۽ ٻين واسطيدار ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ايندڙ ٻڌڻي تي ڌرين کان جواب طلب ڪري ورتو آهي. ٻڌڻي دوران عدالت ۾ درخواستگذار جي وڪيل چيو ته ٽن پلاٽن تي غير قانوني الاٽمن ٿي رهيون آهن. عدالت درخواستگذار کان پڇائو ڪندي چيو ته توهان هيءَ درخواست ڇو داخل ڪئي آهي ؟ درخواستگذار جي وڪيل چيو ته درخواستگذار اتان جو رهواسي آهي اتي الاٽمن منصوبي ۾ ناهن ۽ منظوري کان سواءِ ٿي رهيون آهن.

بقايا 19

قتل ڪيل هندو نوجوان واپاري سنجي ڪمار جي وارثن سان تعزيت ڪري واقعي تي ڏک جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايم پي اي فريال ٽالپر چيو ته هندو ڪو هندو نه چئي اهڙي قسم جو واقعو ڪنهن سان به ٿي سگهي ٿو چاڪاڻ جيڪو واردات ڪرڻ وارو ظالم آهي جن لاڙڪائي ۽ نئون ديرو ۾ خون ڪيا آهن. ظاهري ڳالهه آهي ته قاتل ڪنهن مذهب نه ٿا سڃاڻن. واقعي کان پوءِ مان پوليس مٿان مسلسل پريشر وڌو آهي ته جوابدار کي پڪڙيو هتان جا چونڊيل نمائندا ۽ پوليس جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪوشون ڪري رهي آهي. اسان جي متاثر خاندان سان مڪمل ۽ پرپور سهڪار آهي. هن چيو ته مان سيني کي عرض ڪنديس ته نئون ديرو ۾ آئيس، برگس ۽ جوا جي ٻاري ۾ ڪنن وٽ ڪو به اطلاع هجي ته پوليس کي اهڙو اطلاع ڏئو وڃي، اسان جي ڪوشش آهي ته اهڙن کي قانون جي گرفت ۾ آڻي ضلعي مان منشيات جو خاتمو آڻيون. هن چيو ته منهنجي پوليس ۽ انتظاميه سان رابطو آهي، پوليس قاتلن ۽ ظالمن کي جلد کان جلد گرفتار ڪندي. پاڪستان پيپلز پارٽي جي شروعات کان اها ڪوشش آهي ته جيڪي اهڙي قسم جا لوفر وارداتون ڪري رهيا آهن انهن کي پڪڙيون. هن چيو ته ڪو زمانو هو جڏهن مان پهريان ايم اين اي هيس ته 100 ڄڻا اغوا ٿيل هئا، اڄڪلهه ڪو به اغوا ناهي پر اهڙي قسم جون وارداتون ٿي رهيون آهن جن تي اسان جي نظر آهي ۽ پوليس به پوري ڪوشش ڪري رهي آهي جن اهڙن واقعو ڪيو آهي انهن کي گرفتار ڪيو وڃي. ان بعد ايم پي اي فريال ٽالپر ٽراما سينٽر پهچي ڦرورن مزاحمت تي زخمي ٿيل رونق آهوجا جي عيادت پڻ ڪئي. ان موقعي تي ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو، اقليتي ايم اين اي رميش لال، اڳوڻو صوبائي گهرو وزير سهيل انور سيال، چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاڙڪاڻو اعجاز احمد لغاري، چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل شڪارپور ذوالفقار ڪماريو، غلام مصطفيٰ لغاري، هندو پنچائت لاڙڪاڻو جو چيئرمين هريش لال سميت پيپلز پارٽي جا ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا.

بقايا 20

خلاف قاتلاڻي حملي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ان ڏس ۾ ڪيس جي فريادي شهزاد ميمڻ ڪيس داخل ڪرائيندي الزام هنيو آهي جوابدار حسن ميمڻ جي خلاف سندس ڀيڻ ثمرين سان زبردستي زنا ڪرڻ جو ڪيس عدالت ۾ هلندڙ آهي. جنهن تان هٽ ڪڻائڻ جي لاءِ جوابدار جي طرفان کين مسلسل ڌمڪيون ملي رهيون هيون جنهن ڪانپوءِ 25 جنوري تي ڏينهن ڏٺي جو جوابدار حسن ميمڻ شيراز ميمڻ ۽ اقبال ميمڻ وارن اسان جي گهر ۾ داخل ٿي خون ڪرڻ جي ارادي سان مون تي حملو ڪري چاقوجا وار ۽ ڪهاڙي جا ڌڪ هڻي زخمي ڪر گارڪندي ڪري هليا ويا آهن جنهن جي پوليس ۾ رپورٽ ڪرڻ علاج ڪرائڻ بعد ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج بدين وٽ داخل درخواست ڪئي جتان عدالتي حڪم تحت ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ پهتو آهيان پوليس موجب ڪيس داخل ڪرڻ بعد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن پر ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آئي آهي

بقايا 21

چڙيو آهي ان ڏس ۾ ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته گذريل ستن سالن کان ٿاڻي تي مقرر ايس ايچ او انور لغاري مبينا طور ڪرپٽ چيڪ جي ڪيس ايس ايس پي حيدرآباد فرخ لنجار جي بورچي کي ايس ايس پي هائوس حيدرآباد مان نڪرندي گرفتار ڪري بدين ٿاڻي تي آڻي لاڪ اپ ڪري ڇڏيو هو جنهن جي شڪايت ايس ايس پي حيدرآباد ذريعي گهرو وزير ضياء لنجار تائين پهچڻ کان پوءِ ايس ايس پي سجاول ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادي جنهن وٽ بدين ضلع جي چارج پڻ هئي مبينا طور اختيارن جو ناجائز استعمال ڪرڻ تي ايس ايچ او بدين انور لغاري کي معطل ڪري ڇڏيو آهي ان ڏس ۾ معلوم ٿيو آهي ته گهرو وزير جي حڪم تي معطلي جي باوجود ايس ايچ او بدين ٿاڻي جي چارج نه ڇڏي آهي ان ڏس ۾ معلوم ٿيو آهي ته حيدرآباد جي ايس ايس پي خلاف وڪيلن جي تحريڪ سبب معاملو ٿڌو ٿيڻ بعد نئين آيل ايس ايس پي قمر
رضا جسڪاڻي جي چارج وٺڻ کان اڳ ئي معطل ايس ايچ او بااثر سياسي پوتران دوستن پارن ذريعي توڙي معافي تلافي ذريعي پاڻ بچائڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن

بقايا 22

جي خلاف 25 فيبروري تي صوبي جي سيني ضلعي هيڊڪوارٽرز ۾ پريس ڪلبن جي سامهون وڏن احتجاجن جو اعلان ڪيو آهي ان سلسلي ۾، جي يو آءِ سنڌ جي انفارميشن سيڪريٽري، ڊاڪٽر اي جي انصاري، جاري ڪيل بيان ۾ ڪارڪنن ۽ عوام کي انهن احتجاجن ۾ ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪئي آهي.علامه سومرو چيو آهي ته انهن ڪئنالن جي تعمير سان سنڌ جي پاڻي جي وسيلن تي منفي اثر پوندا، جيڪي صوبي جي زراعت ۽ معيشت لاءِ تباهه ڪن ثابت ٿيندا.هوڏانهن جي يو آءِ ضلعي جيڪب آباد جي پريس سيڪريٽري، اسدالله حيدري، اعلان ڪيو آهي ته 25 فيبروري تي جامع قاسم العلوم، جيڪب آباد ۾ ضلعي مجلس عمومي جو اهم اجلاس منعقد ڪيو ويندو جنهن کان پوءِ ڪئنالن ۽ بدامني جي خلاف وڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو.جي يو آءِ جي قيادت سيني ڪارڪنن ۽ پارٽين ۽ عوام کي اپيل ڪئي آهي ته اهي انهن احتجاجن ۾ ڀرپور شرڪت ڪن ته جيئن صوبي جي حق جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي ۽ صوبي ۾ امن امان جي بحالي لاءِ مؤثر قدم کنيا وڃن

بقايا 23

ڦر ۽ پوليس مقابلي واري ڪيس ۾ ضمانت منظور. آزاد ڪرڻ جو حڪم . تفصيلي خبر موجب سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج خيرپور سيد اختر حسين شاهه جي عدالت اڳوڻي وفاقي وزير ۽ جي يو آءِ جي اڳواڻ غلام مرتضيٰ خان جتوئي جي هنگورجا ٿاڻي تي پوليس پاران داخل ڪيل ڦر ۽ پوليس مقابلي واري ڪيس ۾ سندس جي هڪ لک روپين جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪري ورتي آهي ۽ ڪيس آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي . هن ڏس ۾ غلام مرتضيٰ خان جتوئي جي وڪيل لياقت علي جتوئي ٻڌايو ته حڪومتي ڌر پوليس کي استعمال ڪري مختلف ٿاڻن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري رهي آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هن چيو ته فتح هميشه حق سچ جي ٿيندي آهي جتوئي خاندان نهايت ئي شريف خاندان آهن انهن خلاف من گهڙت ڪيس ناهڻ شرم جهڙي ڳالهه آهي

بقايا 24

جي ڪم جو معائنو ڪيو ۽ هلندڙ ڪم جو جائزو ورتو دوري جي دوران ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان سميت ٻيا اعليٰ عملدار ساڻس گڏ هئا ان موقعي تي هن مرمت جو ڪم مقرر وقت اندر مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ مرمت جو ڪم هنگامي بنيادن تي ڪرڻ جون هدايتون جون جاري ڪيون ميئر ڪراچي جو چوڻ هو ته شهر ۾ پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ لائينن جو ڪم ڪيو پيو وڃي جڏهن ته ليڪيجز جي خاتمي سان لياري صدر اولڊ سٽي ايريا ڪلفٽن چنيسر ٽائون جناح ٽائون ناظم آباد نارٿ ناظم آباد ۽ سينٽرل ضلعي سميت سڄي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي وڌيڪ بهتر ٿيندي هن چيو رمضان المبارڪ کان اڳ سمورن ليڪيجز جي ختم ڪرڻ جي لاءِ سخت قدم کنيا ويا آهن ڇاڪاڻ ته ليڪيجز جي مرمت جو ڪم جو مقصد رمضان المبارڪ جي مهيني دوران شهر ۾ پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ آهي هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيحات ۾ شامل آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڀرپور قدم کنيا پيا وڃن

بقايا 25

گشت ڪري رهي هئي ته ڦر جي ارادي سان بيٺل ڌوهارين سان مقابلو ٿيو پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ پوليس جي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ ڌوهاري زخمي سائي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب، پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ڌوهارين جي سڃاڻپ راڻو ميراڻي ۽ معشوق ماڇي جي نالي سان ٿي، ايس ايچ او زاهد علي نوناري رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته پوليس روزانو معمول مطابق گشت ڪري رهي هئي خفيه اطلاع ملڻ تي زيرو پل پهتاسين ڌنوسين ته ڦر جي ارادي سان ڌوهاري بيٺل آهن ڌوهارين پوليس کي ڏسندي جي سڌي فائرنگ شروع ڪري ڏني پوليس پنهنجي بچاءَ لاءِ جوابي فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ڌوهاري زخمي ٿيا آهن سندن جا ساٿي فرار ٿي ويا آهن سندن جي ڳولا لاءِ سرچ ڪري رهيا آهيون. زخمين کي طبي امداد ڏيارڻ لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي گرفتار ڌوهاري 5 ڪيسن ۾ گهربل ۽ اشتهاري ڌوهاري آهن سندن مٿان ڪشمور ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيل آهن سندن وٽان ٻه عدد پسٽل ۽ ڦريل موبائل فونز برآمد ڪيا ويا آهن

بقايا 26

موجود آبپاشي عملي نوجوان جو مڙهه پاڻي مان ٻاهر ڪڍي ورتو جنهن جي سڃاڻپ وارڊ 6 جي رهواسي محمد وسيم سولنگي ولد لڪمير سولنگي طور ٿي آهي ٻڌايو وڃي ٿو ته نوجوان مرگهي جو دورو پوندڙ هو اڄ جڏهن پاڻي ۾ مڇي ماري رهيو هو ته سندس کي مرگهي جو دورو پيو ۽ پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 27

جي رهواسين عطا محمد جتوئي، اسلم جتوئي، علي جتوئي، جاني جتوئي جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو. مظاهرين چيو ته مرتضيٰ جتوئي ۽ سندن سائين کي سياسي انتقامي ڪاروائي ڪري کين نا حق گرفتار ڪيو ويو آهي. مرتضيٰ جتوئي خلاف ڪوڙا ڪيس ۽ گرفتاري جي مذمت ڪيون ٿا مرتضيٰ جتوئي جي ساٿي دادو واسي غلام مصطفيٰ جتوئي کي دادو مان گرفتار ڪري کي اين شاهه ۾ منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، هنن چيو ته جتوئي خاندان خلاف سياسي انتقامي ڪاروايون جو سلسلو بند ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ پوري ملڪ ۾ روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪيا ويندا

بقايا 28

حزب الله جي شهيدن کي خراج عقيدت، دعائيه تقريب ۽ شمعون روشن ڪيون ويون ان سلسلي ۾ مجلس وحدت مسلمين ضلع سکر پاران حزب الله جي شهيدن جي عظيم قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ سکر پريس ڪلب اڳيان هڪ شاندار دعائيه تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي وئي ۽ شمعون روشن ڪري انهن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو.تقريب جي قيادت مجلس وحدت مسلمين جو صوبائي سيڪريٽري چوڌري اظهر حسن. ضلعي صدر محسن سجاد اتراءُ ايڊوڪيٽ ، مولانا ارشاد انقلابي، مولانا سيد اسلم شاهه، احسان علي شر ايڊوڪيٽ ۽ مولانا عباس ڪاظمي ڪئي.ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن حزب الله جي شهيدن جي قربانين کي خراج عقيدت تحسين پيش ڪندي چيو ته مزاحمت ختم ناهي ٿي، حزب الله هاڻ وڌيڪ مضبوط آهي.حسن نصرالله ۽ هاشم صفي جي قيادت هيٺ حزب الله ڏهاڪن تائين اسرائيل کي فلسطين مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ قربانيون ڏنيون.

بقايا 29

مئجسٽريٽ سيد نصير حسين شاهه ڪوٽڙي محمد ڪبير جي ڪئمپس اسڪولن جنهن ۾ هائير سيڪنڊري اسڪول، مڊل گرلس اسڪول، پرائمري گرلس اسڪول ۽ پرائمري بوائز اسڪول جي اوچتو وزٽ ڪئي، وزٽ دوران سائس گڏ چٽي ڪئمپس اسڪولن جو پرنسپال منظور حسين ڪيريو سائس گڏ هو ان دوران گرلس پرائمري اسڪول ،بوائز پرائمري اسڪول ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول سميت تنهي اسڪولن ۾ فرنيچر جي سخت کوٽ کي ڏسي ۽ تنهي اسڪولن جون عمارتون ناڪاره ڏسي تعليم ڪاتو نوشهروفيروز جي نااهلي تي ناراضگي جو اظهار ڪندي چيائين ته لکت ۾ تعليم ڪاتي کي درخواست پيش ڪيو جيڪو مان جواب اچي مون کي اطلاع ڏيو ته جيئن مان پنهنجي اعلي قيادت کي لکت ۽ آگاهه ڪري مسئلن کي حل ڪرائي سگهان. جنهن بعد شاگردن کان مختلف سبجيڪٽن مان سوال ڪيائين ۽ شاگردن جي جوابن مان مطئمن ٿيڻ تي شاگردن کي مئجسٽريٽ ويري ڳڊ ڏني.

بقايا 30

عورت ڏٽي تي فوت ٿي وئي جڏهن هڪ شخص معمولي زخمي ٿي پيو فوت ٿيل عورت ۽ زخمي شخص کي فلاحي اداري حسوا جي رضاڪارن ايمبولنس ذريعي تعلقه اسپتال پهچايو،اسپتال ۾ فوت عورت جي سڃاڻپ جماعتي زخمي شخص جي سڃاڻپ فوتي عورت جي پٽ پيارو ٻروهي طور ٿي، ٻڌايو وڃي ٿو ته موٽرسائيڪل سوار ڏال مڙس محراب پور کان پنهنجي ڳوٺ پري روڊ وڃي رهيا ته ساڻن حادثو پيش آيو.

بقايا 31

پاران ٽرالر ڊرائيور عالمگير ۽ ڪلينر سعيد احمد کان هٿيارن جي زور تي مارڪٽ ڪرڻ بعد پنجاهه هزار روڪ ۽ ٻه ٽچ موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، جڏهن ته ڊرائيور جي ڏانهن تي پيٽرول پمپ جي گارڊ پاران هوائي فائرنگ ڪئي وئي جنهن باوجود هٿيارٻند فرار ٿي ويا.

بقايا 32

۾ ڇوڪرين ۽ مردن جي ميراٿن ريس منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان حوالي سان راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڌر ريگستان ملي ۾ 2 ڏينهن جو ٿر اسپورٽس فيسٽيول منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. فيسٽيول ۾ ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جي ميراٿن ۾ لڳ ڀڳ 1500 رانديگر حصو وٺندا. ان کان علاوه گهوڙن ۽ اٺن جي ڊوڙ رس ڪشي، ڪوڏي
ڪوڏي، ڇوڪرين جي ڪرڪيٽ، ونجهه وٽي، گڏوگڏ ميوزڪل نائيٽ پروگرام پڻ منعقد ڪيو ويندو هي اسپورٽس فيسٽيول 26 کان 27 فيبروري تائين جاري رهندو جنهن جو افتتاح 26 فيبروري تي صبح 10 وڳي مٺي جي ماروي ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ ٿيندو. راندين واري وزير وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت پهريون ڀيرو مٺي ۾ ڇوڪرين جي ميراٿن منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ٿر ميراٿن ۾ 600 ڇوڪريون ۽ 900 ڇوڪرا حصو وٺندا. ٿر جي ماڻهن کي راندين جي ميلي ۾ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي. ترجمان جي مطابق، صوبائي وزير، چونڊيل نمائندا، راندين جو سيڪريٽري عبدالعليم لاشاري ۽ ٻيا ٿر اسپورٽس فيسٽيول ۾ شرڪت ڪندا

بقايا 33

۾ اسپرنگ فلورل فيسٽيول 2025 جو رنگين ۽ شاندار انعقاد ڪيو ويو جيڪو بهار جي آمد جو جشن ۽ ماحولي خوبصورتي سان گڏوگڏ پائيدار شهري ترقي لاءِ يونيورسٽي جي واعدي جو ثبوت هو تقريب جو مهمان خصوصي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر سيد خورشيد احمد شاهه هو جنهن سکر کي "گلن جو شهر" بڻائڻ واري عزم جو اظهار ڪيو وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ پنهنجي استقباليه خطاب ۾ يونيورسٽي جي باغباني ٽيم ۽ مالين جي محنت کي ساراهيندي چيو ته هيءَ فيسٽيول نه رڳو قدرت جي خوبصورتيءَ جو جشن آهي، پر سموري شهر لاءِ سائي ماحول اختيار ڪرڻ جي ترغيب پڻ آهي هن يونيورسٽيءَ سان پنهنجي وابستگي تي روشني وجهي، ماحول دوست پاليسين جي واڌاري جي واعدي کي ورجايو مهمان خصوصي سيد خورشيد احمد شاهه سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي تعليمي ۽ ماحولي خدمتن جي واکاڻ ڪئي هن ماحول جي خوبصورتي، تعليم ۽ سماجي ترقي جي اهميت تي روشني وڌي، ۽ زور ڏنو ته اهڙيون سرگرميون شهر کي ماڊل سٽي بڻائڻ ۾ مددگار ٿينديون هن پنهنجي خواب جو اظهار ڪيو ته سکر جي هر گهٽي، هر علائقي کي گلن سان سينگاريو وڃي ته جيئن شهر جي سونهن وڌي اوڙ يونيورسٽي جي وائس چانسلر انجنيئر ڊاڪٽر زاهد حسين کنڊ به تقريب ۾ شرڪت ڪئي، ۽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي باغبانيءَ جي ڪوشش کي ساراهيندي، ماحولياتي پائيداري لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي فيسٽيول دوران گلن جا رنگا رنگ نمونا ۽ شاندار لينڊ اسڪيپنگ پيش ڪئي وئي باغباني سپروائيزر خدا بخش ۽ ريما جي ٽيم جي ڪوشش کي تمام گهڻو ساراهيو ويو جن سڄو سال محنت ڪري يونيورسٽيءَ جي باغن کي حسين بڻايو پرو وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سيد مير محمد شاهه پنهنجي اختتامي تقرير ۾ يونيورسٽي جي سائي قدمن جي اهميت تي روشني وڌي.

بقايا 34

جنيد غفار تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ پيڪا ترميمي ايڪٽ 2025 خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. عدالت پيڪا ترميمي ايڪٽ خلاف درخواست ٻڌڻي لاءِ آئيني بينچ ڏانهن موڪلي ڇڏي. عدالت چيو ته آئيني بينچ 11 مارچ تي پيڪا ترميمي ايڪٽ خلاف سيني درخواستن تي گڏيل ٻڌڻي ڪري رهي آهي. ٻڌڻي دوران عدالت ۾ وفاقي حڪومت درخواستن جا جواب جمع ڪرائڻ لاءِ وقت گهري ورتو. چيف جسٽس ريمارڪس ڏيندي چيو ته هي آئيني عدالت جو ڪيس آهي. درخواستگذار جي وڪيل چيو ته هي ڪيس آئيني ناهي، پر عدالت کان هڪ ڊڪلريشن طلب ڪئي وئي آهي. وقتي چيف جسٽس محمد جنيد غفار چيو ته جيڪڏهن هي ڪيس بنيادي انساني حقن جي آرٽيڪل 19 اي تحت نه هجي ها ته اڄ ئي خارج ٿي وڃي ها. درخواستگذار جي وڪيل بئريسٽر علي طاهر چيو ته ٻه رڪني بينچ واضح ڪري ڇڏيو آهي ته ڊڪلريشن بينچ ڏئي سگهي ٿي. وقتي چيف جسٽس جنيد غفار چيو ته هن فيصلي جو فائدو وٺڻ جي ڪوشش نه ڪريو هي فيصلو هن ڪيس ۾ لاڳو نه ٿيندو. جسٽس جنيد غفار چيو ته ڪيس آرٽيڪل 19 اي تحت ناهيو پيو وڃي درخواست کي توڙي مروڙي ان کي باقاعده ڪيس بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، اهو نامناسب آهي. عدالت چيو ته سيني ڌريون آئيني بينچ، عدالت جي سامهون پيش ٿيڻ. پيڪا ترميمي ايڪٽ 2025 کي مختلف درخواستن ذريعي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويو آهي.

بقايا 35

ذڪر ڪيو پروگرام ۾ رٿابندي، ترقي ۽ خاص قدمن (MoPDSI)بابت وفاقي وزير احسن اقبال، سينيئر وزير شرجيل ميمڻ، منصوبابندي ۽ ترقي واري صوبائي وزير ناصر شاهه، وڏي وزير جو خاص مددگار سيد قاسم نويد، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه ۽ صوبائي ۽ وفاقي سيڪريٽرين شرڪت ڪئي. وڏي وزير برآمدات ۾ گهٽتائي تي زور ڏيندي چيو ته معاشي ترقي لاءِ توانائي ۽ انفراسٽرڪچر جي ترقي تمام ضروري آهي. هن چيو ته قابل اعتماد توانائي ۽ جديد انفراسٽرڪچر ڪانسواءِ اسان برآمدات وڌائي نٿا سگهون. هن نشاندهي ڪئي ته بندرگاهن کي رسد جي گهٽتائي سبب استعمال نه ڪيو ويو ۽ تجويز ڏني وئي ته هيوي ٽريفڪ کي لياري ايڪسپريس وي ڏانهن موڪليو وڃي ته جيئن سامان جي چرپر کي آسان بڻائي سگهجي. انفراسٽرڪچر ۽ اقتصادي ترقي: وڏي وزير اعلان ڪيو ته شاهراهه ڀٽو کي هلندڙ سال جي آخر تائين مڪمل ڪيو ويندو، هيوي ٽريفڪ لاءِ متبادل رستو فراهم ڪيو ويندو هن ٽرانسپورٽ کي هٿي وٺرائڻ ۽ اقتصادي سرگرمين کي تيز ڪرڻ لاءِ رنگ روڊ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو ۽ ڌابيجي ۽ خيرپور اقتصادي زونن جي صلاحيت کي اجاگر ڪيو ۽ اسٽيڪ هولڊرن تي زور ڏنو ته هو ايڪسپورٽ انڊسٽريز کي سپورٽ ڪن. وڏي وزير چيو ته ٿر ڪول جو استعمال گهٽ آهي ۽ جهمپير ڪوريڊور جي 50 هزار ميگاواٽن گنجائش هجڻ باوجود پاڪستان رڳو 2 هزار ميگاواٽ بجلي پيدا ڪري رهيو آهي. هن قابل تجديد توانائي ۾ سيڙپڪاري وڌائڻ تي زور ڏنو ته جيئن درآمد ٿيل تيل تي دارومدار کي گهٽائي سگهجي. ڊجيٽل ۽ ٽيڪنالاجي ترقي: ڊجيٽل ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقيءَ بابت ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته پاڪستان جي نوجوانن وٽ بي پنا صلاحيتون آهن پر تيز رفتار انٽرنيٽ ۽ ڊجيٽل انفراسٽرڪچر جو فقدان سندن عالمي سطح تي مقابلو ڪرڻ جي صلاحيت ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيو آهي هن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڊجيٽل ڪنيڪشن بابت خدشن جو اعتراف ڪندي آءِ ٽي جي شعبي ۾ وڌيڪ سيڙپڪاري تي زور ڏنو آبادي ۾ واڌ: آبادي ۾ واڌ بابت ڳالهائيندي مراد علي شاهه آبادي کي پاڪستان جو سڀ کان وڏو چئلينج قرار ڏيندي چيو ته پاڪستان ملڪ علائقائي رجحانن تي عمل ڪري ها ته ملڪ جي آبادي موجوده سطح بدران 130 ملين هجي ها. هن چيو ته پاڙيسري ملڪن موثر طريقي سان آبادي جي واڌ تي ڪنٽرول ڪيو آهي جڏهن ته پاڪستان اهڙين حڪمت عملين تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. موسمياتي تبديلي: موسمياتي تبديليءَ بابت ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته بينظير ڀٽو 2008ع جي منشور ۾ موسمياتي تبديليءَ بابت منصوبو شامل هو جنهن کي تازي ٻوڏ ڪانپوءِ وڌي اهميت حاصل ٿي آهي. هن اعلان ڪيو ته سنڌ حڪومت پاڻي جي بچاءَ جي منصوبن ۾ وڏي پئماني تي سيڙپڪاري ڪري رهي آهي پر وڏي پئماني تي پاڻي جي بنيادي انفراسٽرڪچر جي شروعاتن ۾ وفاق جي مدد جي ضرورت آهي. وڏي وزير پاڪستان جي خوشحال مستقبل ڏانهن وڌي وڃڻ لاءِ اتحاد ۽ اجتماعي عمل جي ضرورت تي زور ڏنو هن چيو ته اسان کي پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ هڪ ملڪ ڇڏڻ گهرجي جتي هو حقيقي طور عروج ماڻي سگهن. پريس ڪانفرنس: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ وفاقي وزير احسن اقبال گڏيل پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي موسمياتي آفتن بابت سنڌ جي خطري کي اجاگر ڪندي چيو ته 2022ع جي ٻوڏ ۾ صوبو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيو هن موسمياتي تبديليءَ جي سخت ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته سمنڊ جي سطح ۾ واڌ سنڌ جا ساحلي علائقا تباهه ٿي رهيا آهن. وڏي وزير احسن اقبال چيو ته هن بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي گرين ريوليوشن 2.0 تي عمل ڪرڻو پوندو. توانائي ۽ بنيادي انفراسٽرڪچر جي ترقي: پاڪستان جي توانائي جي مستقبل جو ذڪر ڪندي احسن اقبال چيو ته سنڌ وٽ 400 سال پراڻا ڪوئلي جا ذخيرا آهن جن کي سنڌ حڪومت جي سهڪار سان صوبي کي توانائي جو مرڪز بڻائڻ لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي. هن اهو پڻ اعلان ڪيو ته ڪراچي-حيدرآباد موٽر وي جي بحالي سان گڏ سکر-حيدرآباد موٽر وي پروجيڪٽ هن سال شروع ڪيو ويندو ۽ ان کي بندرگاهن جي رابطن لاءِ وڌيڪ موثر بڻايو ويندو. احسن اقبال پاڪستان جي وڌندڙ آبادي ۾ 2.55 سيڪڙو واڌ جي شرح تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن روڪيو نه ويو ته اها معيشت کي تباهه ڪري سگهي ٿي. هن زور ڏنو ته ترقي يافته قومون، مسلم ۽ غير مسلم ٻنهي، اقتصادي ترقي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي آبادي تي ڪنٽرول ڪيو آهي. پاڪستان جي معاشي تاريخ جو حوالو ڏيندي احسن اقبال چيو ته 77 سالن ۾ اسان ٽي اقتصادي ٽيڪ آف ڪريش ڪيا آهن هاڻي اسان چوٿين ڪوشش ۾ آهيون ۽ اسان ترقي ڏانهن وڌي رهيا آهيون. هن برآمدات، توانائي، مهانگائي ڪنٽرول ۽ اسٽاڪ مارڪيٽ جي اشارن ۾ بهتري کي اجاگر ڪيو پر ان ڳالهه تي زور ڏنو ته پاڪستان جي ڪاميابي جي ڪنجي سياسي استحڪام ۾ آهي. هن چيو ته هن وقت اسان کي سياسي لانگ مارچ جي ضرورت ناهي پر معاشي لانگ مارچ جي ضرورت آهي. هن قومي ترقياتي منصوبن ۾ ڀرپور سهڪار تي سنڌ حڪومت جي ساراهه ڪئي ۽ خانگي شعبي ۽ سول سوسائٽي کي معاشي ترقي جي لاءِ
ڪوشش ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني. وڏي وزير جي پاڻي جي بحران تي ڳالهيون: وڏي وزير صوبي ۾ پاڻي جي کوٽ تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي واضح ڪيو ته چولستان ڪينال جي منظوري جي رپورٽن باوجود مستقبل ۾ نوان ڪينال ٺاهڻ لاءِ پاڻي موجود ناهي. هن يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت پنهنجي پاڻي جي حقن لاءِ روڊن تي احتجاج بدران قانوني ۽ آئيني طريقي سان وڙهندي، وڏي وزير چيو ته اسان کي روڊن تي اچڻ جي ضرورت ناهي. اسان حقيقي انگن اکرن سان پنهنجو مقدمو ثابت ڪري سگهون ٿا. هن وڌيڪ چيو ته ٽيلي ميٽر سسٽم آخرڪار پاڻي جي ورڇ جي حقيقي بيٺا کي ظاهر ڪندو سوشل ميڊيا قانون: هڪ سوال جي جواب ۾ احسن اقبال ميڊيا جي آزادي لاءِ حڪومت جي عزم کي ورجايو پر هراسان ڪرڻ ۽ نفرت انگيز تقريرن لاءِ سوشل ميڊيا جي غلط استعمال کان پڻ خبردار ڪيو. اظهار جي آزادي جو مطلب اهو ناهي ته ماڻهن ۽ پيرن کي لاٽن تنگ ڪجي ۽ هيسائڻ گهرجي. جيئوٿيڪ برطانيه ۾ هتڪ عزت لاءِ هڪ مهيني اندر 50 هزار پائونڊ ڏنڊ رکيل آهي. هن تشدد جو شڪار بڻيل پنهنجي تجربي بابت ٻڌايو ته گولي اڃا تائين سندس جسم ۾ پيل آهي. احسن اقبال پي ٽي آءِ جي دور ۾ سنڌ سان ماضيءَ ۾ ٿيندڙ ناانصافين جو اعتراف ڪيو ۽ هن وڏي وزير جي سنڌ جي حقن جي دفاع ۾ بيٺا تي ٻڌل نقط نظر کي ساراهيو. هن چيو ته وڏي وزير جي درخواست تي اسان سنڌ جي ڪيترن ئي منصوبن کي پبلڪ سيڪٽر ڊولپمينٽ پروگرام (PSDP) ۾ شامل ڪيو آهي، وفاقي وزير احسن اقبال چيو ته اختلاف هر اتحادي حڪومت ۾ ٿيندا آهن پر حل به هوندا آهن. هن يقين ڏياريو ته پاڪستان مسلم ليگ (ن) ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي پي) وچ ۾ اتحاد مضبوط آهي چوته ٻنهي پارٽين وٽ خدشاختم ڪرڻ جو ميڪنزم موجود آهي. هن چيو ته حڪومتي اتحاد کي ڪو به خطرو ناهي. نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي سربراهي ۾ هڪ ڪميٽي فعال طور تي ٻنهي پارٽين وچ ۾ رابطي کي برقرار رکيو اچي پئي. هن ان ڳالهه جي به تصديق ڪئي ته وزيراعظم شهباز شريف جلد گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) جو اجلاس طلب ڪندو احسن اقبال يقين ڏياريو ته سمورن صوبن کي وسيلن مان منصفانه حصو ملندو ۽ ڪو به صوبو پنهنجي حق کان محروم نه رهندو هن چيو ته 9 مئي ڪانپوءِ پاڪستان ۾ صورتحال تبديل ٿي وئي، 9 مئي کان اڳ ڪڏهن به دفاعي ادارن تي حملو نه ٿيو هو. اڳوڻي صدر عارف علوي تي پاڪستان جو عالمي اميج خراب ڪرڻ جو الزام لڳائيندي هن چيو ته عارف علوي پروپيگنڊا ڪري رهيو آهي ۽ دعويٰ ڪري رهيو آهي ته پاڪستان جي صورتحال ڪشمير ۽ غزه کان به خراب آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان خلاف آءِ ايم ايف کي خط لکڻ معاشي دهشتگردي آهي. پي ٽي آءِ را (RAW) کان به وڏي پاڪستان مخالف مهم هلائي رهي آهي. احسن اقبال پاڪستان تحريڪ انصاف کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته 9 مئي کان اڳ ڪيترائي جلسا ڪرڻ باوجود حڪومت ڪڏهن به رڪاوٽون نه وڌيون. بهرحال هن دعويٰ ڪئي ته پي ٽي آءِ هاڻي پاڪستان خلاف مهم هلائي رهي آهي جيڪا را (پارٽ جي انٽيليجنس ايجنسي) کان وڌيڪ نقصانڪار آهي. مالي بدعنواني بابت احسن اقبال چيو ته لنڊن ۾ ڦرلٽ جو پيسو پاڪستاني عوام کي واپس ڪرڻ هو پر پي ٽي آءِ اصل چور کي واپس ڪيو آهي. هن چيو ته اڄ سڄي پي ٽي آءِ ان ڏوهاري جو دفاع ڪري رهي آهي. هن چيو ته پي ٽي آءِ سچي مني ٽريل کي پوئتي ڇڏي دنيا جي شفاف ترين چوري ڪئي. پي ٽي آءِ تي عوام جا 190 ملين پائونڊ چوري ڪرڻ ۽ پوءِ متاثر ٿيڻ جو ڪردار ادا ڪرڻ جو الزام لڳائيندي هن چيو ته عوام جو چوري ڪيل پئسو چور کي واپس ڏئي پوءِ سياسي ظلم ۽ انتقام جو روئڻ به روئن ٿا.

بقايا 36

منشيات فروشي جي الزام ۾ گرفتار اداڪار ساجد حسن جي پٽ جوابدار ساحر حسن جي انٽروگيشن رپورٽ سامهون اچي وئي. انٽروگيشن رپورٽ موجب جوابدار ساحر 13 سالن کان منشيات استعمال ڪري رهيو آهي ۽ ٻه سال اڳ وڪرو شروع ڪيو. هو بازل ۽ يحيٰ نالي شخص کان منشيات خريد ڪندو آهي، ٻئي ڪوريئر ذريعي ساحر کي منشيات گهر موڪليندا هئا. انٽروگيشن رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته جوابدار ٻنهي ڄڻن کان منشيات خريدڻ جا 4 کان 5 لک رپيا ڏيندو هو ۽ هڪ مهيني ۾ ٻه ڀيرا 1200 گرام منشيات گهرائيندو هو ۽ هڪ گرام منشيات 10 هزار روپين ۾ وڪرو ڪندو هو انٽروگيشن رپورٽ موجب جوابدار ڪسٽمرن سان فون تي ڳالهائيندو هو ۽ اهي سندس گهر مان منشيات خريد ڪندا هئا. منشيات جي وڏي مقدار ۾ وڪري تي رقم پيءَ جي مينيجر جي اڪائونٽ ۾ گهرائيندو هو رپورٽ ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته مصطفيٰ قتل ڪيس جو مک جوابدار ارمغان جوابدار ساحر کان منشيات خريد ڪندو هو.

بقايا 37

۾ ڊالر جي مٺهه ۾ واڌ جو سلسلو نئين ڪاروباري هفتي ۾ به جاري رهيو. اسٽيٽ بئنڪ جي جاري ڪيل انگن اکرن موجب اڄ انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 9 پئسا مهانگو ٿيڻ بعد 279 رپيا 66 پئسن تي بند ٿيو. ياد رهي ته گذريل هفتي انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 279 رپيا 57 پئسن تي بند ٿيو هو.

بقايا 38

اڄڻ جي حوالي سان اڳڪٿي ڪري ڇڏي. سپارڪو ترجمان موجب پاڪستان ۾ رمضان المبارڪ 2 مارچ 2025 کان شروع ٿيڻ جو امڪان آهي. ترجمان ٻڌايو ته نئون چنڊ 28 فيبروري 2025 تي پاڪستاني وقت موجب صبح 5 لڳي 45 منٽن تي پيدا ٿيندو. 28 فيبروري تي سج لٿي وقت چنڊ جي عمر 12 ڪلاڪ هوندي. سپارڪو ترجمان چيو ته سعودي عرب ۾ 28 فيبروري تي چنڊ نظر اچي سگهي ٿو سعودي عرب ۾ رمضان پهرين مارچ کان شروع ٿيندو. ترجمان وڌيڪ چيو ته شوال جي چنڊ 30 مارچ تي نظر اچڻ جو امڪان آهي ۽ عيدالفطر 31 مارچ تي ٿي سگهي ٿي. ترجمان واضح ڪيو ته رمضان جي چنڊ جي حوالي سان حتمي فيصلو مرڪزي چنڊ ڏسڻي ڪميٽي ڪندي.

بقايا 39

آذربائيجان جي گادي واري شهر باڪو جي صدارتي محل ۾ صدر الهام عليوف سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار، دفاع، موسمياتي تبديلي ۽ تعليم سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ٿيو. تقريب دوران ڪيترن ئي معاهدن تي صحيحون پڻ ڪيون ويون. ان موقعي تي آذربائيجان جي صدر الهام عليوف چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار ۽ اقتصادي سهڪار کي هٿي وٺرائڻ جا ڪيترائي موقعا موجود آهن. هن چيو ته اڄ جن منصوبن تي ڳالهيون ٿيون آهن، انهن کي هڪ مهيني اندر حتمي شڪل ڏني ويندي. صدر الهام عليوف هاڻوڪن معاهدن کي ٻنهي ملڪن لاءِ اهم اڳڀرائي قرار ڏنو. وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان ۽ آذربائيجان جي وچ ۾ ٿيل معاهدا عوام لاءِ فائديمند ثابت ٿيندا. هن چيو ته آذربائيجان پاڪستان ۾ ٻه ارب ڊالر جي سيڙپڪاري ڪندو. جڏهن ته اپريل دوران ٻنهي ملڪن وچ ۾ ٻه هزار ڊالرن جي معاهدن تي صحيحون ٿينديون. سندس چوڻ هو ته آذربائيجان جي ڪارا باغ واري مسئلي تي پاڪستان جي حمايت جاري رهندي، وچ اوڀر ۾ امن لاءِ ٻن رياستن وارو حل اثر آهي ۽ غزا جي پٽي سميت سموري فلسطين ۾ جنگبندي جي ضرورت آهي. ان کان اڳ وزيراعظم شهباز شريف آذربائيجان جي صدر سان ملاقات لاءِ صدارتي محل پهتو جتي صدر الهام عليوف مک دروازي تي سندس آذرياءَ ڪيو ٻنهي اڳواڻن پرجوش هٿ ملايو ۽ وزيراعظم کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو جنهن دوران ٻنهي ملڪن جا قومي ترانا پڻ وڄايا ويا. وزيراعظم شهباز شريف آذربائيجان جي صدر الهام عليوف جي دعوت تي ٻن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي باڪو پهتو. باڪوايئرپورٽ تي آذربائيجان جي پهرين ڊپٽي وزيراعظم ۽ ڊپٽي پرڏيهي وزير ڪيس آذرياءَ ڪيو ان موقعي تي آذربائيجان جي سفير فرخ دوف ۽ پاڪستاني سفير قاسم محي الدين پڻ موجود هئا.

بقايا 40

اندر اير وي آءِ (موٽر وهيڪل انسپيڪشن) سينٽرز هڪ هفتي جي اندر فعال ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ٽرانسپورٽ کاتي کي حڪم ڏنو آهي ته هڪ هفتي جي اندر اير وي آءِ (موٽر وهيڪل انسپيڪشن) سينٽرز فعال ڪيا وڃن. جڏهن ته سکر رستي سنڌ ۾ داخل ٿيندڙ سيني گاڏين لاءِ اير وي آءِ لازمي قرار ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ڪراچي ۾ سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ کاتي جو هڪ اعليٰ سطح جو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي ايم ڊي ڪمال ڏايو، سيڪريٽري پرووينشل ٽرانسپورٽ اٿارٽي اوڪاش ميمڻ ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ هدايتون جاري ڪيون ته روڊ سيفٽي جي قاعدن تي عمل کي يقيني بڻائڻ لاءِ هڪ هفتي جي اندر اير وي آءِ سينٽرز کي فعال ڪيو وڃي. هن چيو ته گاڏين جي فٽنس کي يقيني بڻائڻ لاءِ فيصلائتا قدم کنيا پيا وڃن. ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ بهتري لاءِ سخت فيصلا ضروري آهن. جيئن ٽريفڪ جي مسئلن تي ضابطو آڻي سگهجي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي ۾ چار اير وي آءِ سينٽرز قائم ڪيا پيا
وڃن. جن مان ٻه گلبائي، هڪ بنارس ۽ هڪ ڪورنگي ۾ قائم ڪيا پيا وڃن سکر، ميرپورخاص، حيدرآباد ۽ شهيد بينظيرآباد ۾ هڪ هڪ اير وي آءِ سينٽر قائم ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته اهڙن قدمن جو مقصد غير معياري گاڏين خلاف هڪ جهڙي ڪارروائي ڪرڻ ۽ صوبي ۾ ٽريفڪ جي نظام کي بهتر بڻائڻ آهي. هن اختيارين کي هدايتون ڏنيون ته گاڏين جي معائني جي عمل ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ڪوشش ڪئي وڃي ته شهري ڪنهن به قسم جي ڏکيائي جو منهن ڏسڻو نه پوي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سکر رستي سنڌ ۾ داخل ٿيندڙ گاڏين لاءِ اير وي آءِ لازمي هوندي جيئن ٻين صوبن مان ايندڙ غيرمعياري گاڏين جي روڪٿام ڪري سگهجي. هن چيو ته سنڌ حڪومت پرعزم آهي ته رستن تي رڳو جوڳيون گاڏيون هلن ته جيئن نه رڳو حادثن کي روڪي سگهجي پر ماحولياتي گدلاڻ ۾ به گهٽتائي آڻي سگهجي. حڪومت وڌيڪ سخت قدمن تي غور ڪري رهي آهي ته جيئن ناقص ۽ غير معياري گاڏين خلاف ڪارروائي کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي. اجلاس ۾ ڪمرشل ۽ نان ڪمرشل گاڏين جي موٽر وهيڪل انسپيڪشن فيس جو پڻ جائزو ورتو ويو.

بقايا 41

احمد جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي بغير ڪنهن ڪارروائي جي اڄ تائين ملتوي ڪري ڇڏي. سرڄاني ٽائون ۾ پيٽرول پمپ کي ساڙڻ جي الزام ۾ آفاق احمد خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو هو آفاق احمد بابت اڳ به عدالت جاچ آفيسر جي ريمانڊ واري درخواست رد ڪندي آفاق احمد کي عدالتي ريمانڊ تي جيل اماڻيو هو.

بقايا 42

عملدرآمد ڪندي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب سنڌ حيدرآباد جي آفيس ۾ هڪ شڪايتي سيل قائم ڪيو ويو آهي _ ان قدم جو مقصد شهرين کي درپيش مختلف بلدياتي مسئلن جي فوري ۽ موثر حل کي يقيني بڻائڻ آهي _ 13 جنوري 2025 تي جاري ڪيل هڪ نوٽيفڪيشن موجب ان شڪايتي مرڪز جو مقصد حيدرآباد،ٽنڊو الهيار ۽ ڄامشورو جي شهرين کي درپيش شڪايتن جو ازالو ڪرڻ آهي _ ان عوامي مسئلن ۾ سيوريج جي نيڪالي ، روڊن رستن تي گڏ ٿيل ملبي جي ڍيرسميت گند ڪچري جي صفائي ، اسٽريٽ لائيٽس جي خرابي سميت ٻيا بنيادي شهري مسئلا شامل آهن _ ان حوالي سان حيدرآباد ميونسپل ڪمشنر پاران ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ ۽ مينجنگ ڊائريڪٽر واسا کي هدايت ڪئي وئي ته اهي لاڳاپيل مسئلن جي ترت ازالي لاءِ پنهنجي مخصوص نمائندن کي نامزد ڪن ۽ متاثر شهري پنهنجن شڪايتن جي تدارڪ لاءِ ڄاڻايل فوڪل پرسن سان لهه وچڙ ۾ اچن جڏهن ته شڪايتن جي تدارڪ لاءِ ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب سنڌ حيدرآباد جي آفيس سان پڻ رجوع ڪري سگهجي ٿو _هن چيو ته اميد آهي ته عوامي سهوليت جي ان قدم سان بلدياتي مسئلن جي حل ۾ تيزي ايندي ۽ شهرين کي فوري رليف مهيا ٿي سگهندو

بقايا 43

جي جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ ست رڪني آئيني بينچ فوجي عدالتن ۾ سويلينز جي ٽرائل خلاف انٽرا ڪورٽ اپيل تي ٻڌڻي ڪئي. جتي پي ٽي آءِ باني جي وڪيل عزير ڀنڊاري دليل ڏنا،وڪيل عزير ڀنڊاري دليل ڏيندي چيو ته جيڪڏهن آرمي ايڪٽ کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي ته به دهشتگردي ڪورٽ جو قانون موجود آهي. جڏهن ته هڪ ڪان وڌيڪ فورمز موجود هجن ته ڏسڻو پوندو ته جوابدار جي بنيادي حقن جو تحفظ ڪٿي يقيني هوندو آئين جو آرٽيڪل 245 فوج کي عدالتي اختيار نٿو ڏئي. جسٽس جمال مندوخيل سوال ڪيو ته ڇا ڪورٽ مارشل عدالتي ڪارروائي ناهي؟ جنهن تي عزير ڀنڊاري جواب ڏنو ته ڪورٽ مارشل عدالتي اختيار ته آهي پر اهو رڳو فوجي اهلڪارن لاءِ لاڳو ٿئي ٿو عام شهرين لاءِ نه. جسٽس امين الدين چيو ته عام شهرين جي هڪ ڪيٽيگري به آرمي ايڪٽ جي دائري ۾ اچي ٿي، اهو ڪيئن طئي ٿيندو ته ڪهڙو شهري آرمي ايڪٽ جي زمري ۾ اچي ٿو ۽ ڪهڙو نه؟ جسٽس مندوخيل ريمارڪس ڏنا ته آئين ۾ فوج کي ٻن قسمن جا اختيار ڏنا ويا آهن هڪ دفاع لاءِ ۽ ٻيو سول حڪومت جي مدد لاءِ. جسٽس امين الدين چيو ته جيڪڏهن آرٽيڪل 245 واري قبول ڪجي ته فوج پنهنجي ادارن جو دفاع ڪيئن ڪندي؟ جيڪڏهن جي ايڇ ڪيو تي حملو ٿئي ته ڇا آرٽيڪل 245 جي نوٽيفڪيشن جو انتظار ڪيو ويندو؟ ان تي عمران خان جي وڪيل جواب ڏنو ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو گوليون هلائي رهيو هجي ته دفاع لاءِ ڪنهن جي اجازت وٺڻ جي ضرورت ناهي، حملو ٿيڻ جي صورت ۾ پوليس ۽ فوج سميت سيئي ادارا متحرڪ ٿين ٿا. هن وڌيڪ چيو ته سپريم ڪورٽ ماضي ۾ لياقت حسين ڪيس ۾ اهو فيصلو ڏئي چڪي آهي ته جيڪڏهن فوج ڪنهن حملي آور کي گرفتار ڪري ته ڪيس سول اختيارين حوالي ڪيو ويندو. جسٽس نعيم افغان سوال ڪيو ته جيڪڏهن فوجي ۽ سويلين گڏجي آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي ڀڃڪڙي ڪن ته ٽرائل ڪٿي ٿيندو؟ جنهن تي وڪيل عزير ڀنڊاري جواب ڏنو ته اهڙي صورت ۾ ٽرائل دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ ٿي ٿيندو. جسٽس مندوخيل چيو ته جيڪڏهن آرمي ايڪٽ ناهڻ جو مقصد سمجهي وڃجي ته اهو مسئلو حل ٿي ويندو. آئين ۾ واضح لکيل آهي ته آرمڊ فورسز سان لاڳاپيل قانون موجود آهن. پر عام شهرين خلاف فوجي عدالتن کي سزا ڏيڻ جو اختيار ناهي. هن وڌيڪ چيو ته آئين ۽ قانون سازي جو دارومدار آئين تي آهي، ڪو به قانون جيڪو آئين سان هڪجهڙائي نٿو رکي، اهو ناهي نٿو سگهجي. جسٽس علي مظهر راءِ ڏني ته آرٽيڪل 245 تحت فوج گهرائڻ جو مطلب هرگز اهو ناهي ته ڪن عدالت هلائڻ جو اختيار به ملي ويو. جسٽس جمال مندو خيل چيو ته ڇا وزيراعظم جي آرڊر کي اسان ڪالعدم قرار ڏئي سگهون ٿا؟ وڪيل عزيز ڀنڊاري جواب ڏيندي چيو ته عدالت آئين ڪري سگهي ٿي. جسٽس امين الدين ريمارڪس ڏنا ته هوندي اڄ تائين ڪنهن وزيراعظم پنج سال مڪمل ناهن ڪيا. جسٽس مسرت هلالي چيو ته اهڙو ڪو بهادر وزيراعظم ناهي آيو جنهن پنج سال مڪمل ڪيا هجن. جسٽس مندوخيل چيو ته اسان فوجي آمرن جو مدو به وڌايو. ان ڪانپوءِ آئيني بينچ فوجي عدالتن ۾ عام شهرين جي ٽرائل بابت ڪيس جي ٻڌڻي سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 44

جي سروس بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ڪراچي کان راولپنڊي ويندڙ سر سيد ايڪسپريس سياڻي کان بند ڪئي ويندي، اها ٽرين راس لاجسٽڪس جي انتظام هيٺ هلائي پئي وئي. گذريل سال سيپٽمبر ۾ سر سيد ايڪسپريس ٻيهر بحال ڪئي وئي هئي. هي ٽرين پبلڪ_پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت هلائي پئي وئي. جنهن ۾ اي سي سليپر، اي سي بزنس، اي سي اسٽينڊرڊ ۽ اڪانامي ڪوچز شامل هيون. جڏهن ته ٽڪيٽنگ ڪار ۾ ٽرين جو حصو هئي. ريلوي اختيارين موجب. هڪ اعليٰ سطحي ڪمپني ريل ۾ ڪاتي جي فراهمي پاڻي ۽ صفائي جا خاص انتظام ڪري رهي هئي. مسافرن لاءِ مفت واءِ فاءِ جي سهولت پڻ موجود هئي. جڏهن ته ٽڪيٽن جي ادائيگي لاءِ موبائل ايپ ذريعي بڪنگ جي سهولت به فراهم ڪئي وئي هئي.

بقايا 45

ادائيگي سميت ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو. ان موقعي تي محمد جمن چنا، نور محمد ڪوسو، سخاوت علي چانڊيو ۽ ٻين چيو ته ملازمن جي 7 مهينن جي پگهار ۽ پينشن بند ڪئي وئي آهي. 2016 کان وڌايل پگهار ناهي ڏني وئي جڏهن ته سال 2012 کان گروپ انشورنس واري رقم ختم ڪئي وئي آهي.هنن چيو ته رٽائرڊ ملازمن کي سروس بينيفٽس ڏنا وڃن. هنن چيو ته پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ ڪري سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهيون

بقايا 46

بازيابي لاءِ داخل درخواستن تي سنڌ حڪومت ۽ ٻين کان رپورٽ طلب ڪندي گر ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت 18 مارچ تائين جواب جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. جسٽس راڄپوت پڇائو ڪندي چيو ته گر ٿيل شهري شاهه جلال ڇا ڪندو هو؟ ڇا هو ڪنهن سياسي يا مذهبي پارٽي سان لاڳاپيل هو؟ جاچ آفيسر جو چوڻ هو ته شاهه جلال پان جو دڪان هلائيندو هو عدالت چيو ته ڳالهين مان ظاهر ٿيو آهي ته هو هڪ مذهبي گروهه سان تعلق رکي ٿو عدالت پڇائو ڪندي چيو ته ڇا هن جو ڪو ڏوهاري رڪارڊ آهي؟ ڇا ڪي ثبوت آهن ؟ جاچ آفيسر چيو ته ڪو به لکت ۾ ثبوت ناهي مليو. درخواستگذار جي وڪيل چيو ته گر ٿيل شهري حاتم ۽ دلوش جي گر ٿيڻ کان پوءِ هڪ نامعلوم نمبر تان ڪال آئي. عدالت درخواستگذار کي جاچ آفيسر کي فون نمبر فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي. عدالت حڪم ڪندي چيو ته پوليس ٻنهي سگهي پاڻ اقبال حسن ۽ محمد حسن جي گمشدگي جو ڪيس داخل ڪري رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪري. عدالت عبدالحق جي بازيابي جي درخواست تي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا.

بقايا 47

ويندڙ ٽريفڪ جام ٿي وئي جتي هنن هٿن ۾ تنظيمي جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن محمد مراد جتوئي، ابرار علي منڱائي، عبدالجبار ڏاهاڻي، مجاهد سولنگي، يحيٰ سولنگي، محمد عثمان ڪوسو ۽ ٻين چيو ته زرداري مافيا طرفان سنڌو درياهه مان 6 ڪئنال ڪڍڻ جي اجازت ڏني وڃي آهي. سنڌو درياهه سنڌين جو جياپو آهي جڏهن ته ڪئنال ٺهڻ سان سڄي سنڌ ڪڪ ۽ بنجر بڻجي ويندي، اسين ڪئنالن خلاف جدوجهد جي ميدان ۾ آهيون ۽ زرداري مافيا کي ڪنهن به
صورت ۾ ڪئنال ٺاهڻ نه ڏينداسين. اسين مطالبو ٿا ڪيون ته فوري طور ڪئنال ٺاهڻ وارو منصوبو واپس وٺي سنڌ واسين ۾ ڇانيل بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 48

واسي کي جهان خان ٿاڻي جي حد ۾ هٿيارٻندن سي اين جي هوٽل تي ماني کائڻ لاءِ ويٺل هئا ته هٿيارٻندن مٿان اڻڌاڌند فائرنگ ڪري صحافي غلام رسول ڪرسي جتوئي جو نوجوان پٽ غلام شبير ولد غلام رسول ڪرسي جتوئي کي بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو هٿيارٻند فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا اطلاع تي لکي ۽ جهان خان پوليس پهچي لاش ڪٺائي نوجوان غلام شبير پٽ غلام رسول ڪرسي جتوئي ويٺل ڳوٺ عبدالمجيد ڪرسي جتوئي جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقه اسپتال لکي ۾ آندو ويو جتان پوسٽ مارٽم ٿيڻ بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو ان موقعي تي مقتول جي پاءِ غلام سرور ڪرسي جتوئي صحافين کي ٻڌايو ته منهنجو پاءِ غلام شبير ڪرسي جتوئي چاچي ۽ ماڻٽن سان گڏجي ڪري مال پڙي تي دودو جي تان مال خريد ڪرڻ جي ارادي سان مال پڙي تي ويل هو مال خريد ڪري واپسي ضمير سي اين جي تي ماني کائڻ جي ارادي سان آيا هئا ظالمن هٿيارٻندن حملو ڪري منهنجي پاءِ کي شهيد ڪري وڌو ۽ بغير ڪنهن ڏوهه بغير ڪنهن قصور جي جن مڙهه پوسٽ مارٽم لاءِ آندو آهي رابطي ڪرڻ تي لکي پوليس چيو ته اها خبر نه پئجي سگهي آهي ته ڪيترا هٿيارٻند هئا باقي بادي لکي اسپتال ۾ آيا آهيون پوسٽ مارٽم لاءِ نه اسان کي ڪا اهڙي انفارميشن نه ملي آهي.

بقايا 49

ڪيون. ايس ايس پي سکر جي بازار آمد تي شهري ۽ واپاري برادري پاران شاندار آجيان ڪئي وئي، جنهن دوران هن کي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا. دوري دوران ايس ايس پي سکر اظهر خان شهر جي سيڪيورٽي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ علائقي جي امن امان بابت مختلف جڳهن جو معائنو ڪيو. هن بازار ۾ موجود دوڪاندارن سان ويجهو رابطو قائم ڪندي سندن مسئلا ۽ خدشا معلوم ڪيا. ان موقعي تي، هن لاڳاپيل ايس ايچ او کي فوري طور ضروري هدايتون پڻ جاري ڪيون ته جيئن شهرين جي امن ۽ سلامتي جي بهتري خدمتون فراهم ڪري سگهجن.ايس ايس پي سکر اظهر خان موقعي تي اعلان ڪيو ته امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ لاءِ بازارن ۾ اضافي پوليس نفري مقرر ڪئي وئي آهي، جيڪا ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي کي روڪڻ لاءِ چوڪس رهندي. هن دوڪاندارن سان ڳالهائيندي چيو ته جيڪڏهن ڪو به مسئلو پيش اچي، ته بلاجهجڪ ساڻس رابطو ڪيو وڃي.

بقايا 50

بااختيار بڻائڻ ۽ غربت کي گهٽائڻ جي ڪوشش لاءِ بين الاقوامي سطح تي ساراهيو ويو آهي_ پنهنجي دوري دوران هن مستحق عورتن کي فنڊز جي ورهاست جي شفافيت، احترام ۽ وقار جي اهميت تي زور ڀريو_ ميئر حيدرآباد ڪاشف علي شورو، ڊائريڪٽر جنرل BISPذوالفقار علي شيخ ۽ ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ سان گڏ سينيٽر روبينا خالد قاسم آباد جي ديهه شاهه بخاري ۾ پروگرام مان لاڀ حاصل ڪندڙ عورتن سان ملاقات ڪئي_ هن چيو ته BISPشهيد بينظير ڀٽو جي عورتن لاءِ مشن جو هڪ اهم پروگرام آهي ۽ هن ان جي سالميت ۽ اثر پذيرائي کي يقيني بڻائڻ جو عهد ڪيو_ هن چيو ته پروگرام ۾ ڪرپشن جي خلاف "زيرو ٽالرنس" آهي _ سينيٽر روبينا خالد واضح ڪيو ته ادائيگي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪٽوتي يا ايجنٽ مافيا پاران استحصال برداشت نه ڪيو ويندو_ هن عورتن کي پنهنجن حقن لاءِ جاڳرڻ ۽ غير مجاز ڪٽوتين متعلق ڪنهن به مسئلي جي رپورٽ ڪرڻ جي ترغيب ڏني_ هن چيو ته اهو پروگرام هنر جي ترقي جي ذريعي عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۾ پڻ مددگار آهي_ چيئرپرسن پاران بينظير هنرمند پروگرام جو اعلان ڪيو ويو جنهن جو مقصد عورتن کي پائيدار بڻائڻ لاءِ هنرمند سان آراستا ڪرڻ آهي _ هن چيو ته جڏهن مستفيد عورتون بااختيار ٿي وينديون ته ڪين پروگرام کان ٻاهر ڪيو ويندو ته جيئن نئين مستحق عورتن کي موقعو ڏئي سگهجي_ هن ميڊيا سان "شفاف ادائيگين جي پائيلٽ پروجيڪٽ" شروع ڪرڻ جي خوشخبري شيئر ڪئي_ هن چيو ته ادائيگين ۾ ڪٽوتين متعلق مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ پائيلٽ پروجيڪٽ شروع ڪيو پيو وڃي ته جيئن اهو يقيني بڻائي سگهجي ته عورتن کي بنا ڪنهن رنڊڪ فنڊز مهيا ٿين. سينيٽر روبينا خالد ٻڌايو ته پروگرام جو مقصد پوري ملڪ ۾ 10 ملين عورتن کي فائدو پهچائڻ آهي ۽ ان جي ڪاميابي ۽ بين الاقوامي پذيرائي جي ڪري اهو پروگرام مستقبل ۾ پڻ جاري رهندو_ پنهنجي دوري دوران چيئرپرسن پاران ميڊيا جي نمائندن ۽ مستفيد عورتن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ۽ پروگرام جي نفاذ تي سندن راءِ ورتي _ عورتن پاران انتظاميا جي ڪاوشن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ويو ۽ BISPجي تحت مهيا ٿيندڙ مدد جي ساراهه ڪئي وئي بعد ۾ سينيٽر روبينا خالد لطيف آباد ۾ واقع نشتر پاڪستان سينٽر جو دورو ڪيو جتي هن بينظير نشونما پروگرام جي تحت لاڀ حاصل ڪندڙ عورتن سان ملاقات ڪئي ۽ چيو ته ان قدم جو مقصد ماءُ ۽ ٻار جي غذائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ آهي جنهن لاءِ غذائيت سان ڀرپور خوراڪ جا پيڪٽس ۽ مالي سهائتا فراهم ڪئي ويندي آهي_ آخر ۾ سينيٽر روبينا خالد ان ڳالهه جو يقين ڏياريو ته عورتن کي سندن حق مهيا ڪرڻ وقت احترام ۽ وقار سان پيش اچڻ کي يقيني بڻايو ويندو_ هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته BISP فقط هڪ مالي امداد جو پروگرام ناهي بلڪ عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ سندن زندگين کي تبديل ڪرڻ جي هڪ جدوجهد آهي_ دوري جي پڄاڻي اميد ۽ عزم جي هڪ مضبوط پيغام سان ٿي ته بينظير ڀٽو جي ميراث کي برقرار رکندي پٺتي پيل طبقي کي بلند ڪيو ويندو ۽ عورتن ۾ معاشي خود انحصاري کي فروغ ڏنو ويندو_ ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو، ڊائريڪٽر جنرل BISPذوالفقار علي شيخ ۽ زونل ڊائريڪٽر حيدرآباد فيض علي اعوان پڻ دوري دوران موجود هئا

بقايا 51

هارون , محمد عمر جتوعي ۽ ٻين چيو ته سنڌ سرڪار انتقامي ڪاروائين تي لهي آئي آهي هڪ سينئر سياستدان مٿان ڪوڙا داخل ڪرائي ڪيس گرفتار ڪري سنڌ جي عوام پاران ڪئنالن خلاف هلندڙ تحريڪ کي پوئتي ڪرڻ جي سازش آهي پر حڪمرانن کي اها پل آهي ته سنڌ جو عوام خاموش ٿيندو هنن مطالبو ڪيو ته مرتضي جتوئي کي آزاد ڪري سنڌ جي پاڻي مٿان ڌاڙو هڻڻ بند ڪيو وڃي. هنن چيو ته سنڌ حڪومت جي سرپرستي ۾ سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙي هڻڻ جي سازش رچي وعي آهي 6 ڪئنال ناهي سنڌ جي ماڻهن کي سخت ويرشان ڪيو پيو وڃي هي پنهجا جي سازش آهي اسين ڪئنالن کي رد ڪيون ٿا. هنن مطالبو ڪيو ته جي يي آءِ اڳواڻ غلام مصطفي جتوعي نعان داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري سنڌو درياهه مان نڪرندڙ ڪئنالن کي رد ڪيو وڃي.

بقايا 52

صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا جي هدايتن تي، سنڌ نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ جي هڪ اطلاع جي بنياد تي، سول وفاقي انٽيليجنس بيورو سکر جي تعاون سان، روهڙي چيڪ پوسٽ تي سال جي سڀ کان وڏي ڪارروائي دوران هڪ مسافر ڪرچ ۾ هڪ شڪي شخص کان 800 ملين روپين جي ايڪسپورٽ ڪواليٽي هيروئن هٿ ڪئي وئي. ايڪسائيز کاتي جي ترجمان مطابق ڪارروائي دوران گرفتار ٿيل جوابدار علي رضا پشاور جو رهواسي هو جيڪو پشاور کان ڪراچي جي رهيو هو. شروعاتي جاچ موجب هيروئن پشاور کان ڪراچي منتقل ڪرڻ کان پوءِ ٻاهرين ملڪ سمگل ڪئي ويندي هئي، جڏهن ته جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي. ٻئي طرف، ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول سنڌ جي صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا انٽيليجنس بيورو سکر جي تعاون تي شڪرگذاري جو اظهار ڪيو ۽ خاص طور تي انهن جي قدمن جي تعريف ڪئي. هن سنڌ جي نارڪوٽڪس ڪنٽرول کاتي کي هدايتون جاري ڪيون ته منشيات کي روڪڻ لاءِ ٻي ترتيب آپريشن تيز ڪيا وڃن. انٽيليجنس نيٽ ورڪ کي وڌيڪ وسيع ۽ فعال بڻايو وڃي، ۽ روڊ چيڪنگ مهم کي پوري هفتي ۾ بنا ڪنهن فرق ۽ رڪاوٽ جي جاري رکيو وڃي. مڪيش ڪمار چاولا چيو ته صوبي کي منشيات کان پاڪ بڻائڻ اسان جي اولين ترجيح آهي.

بقايا 53

انتظاميا ايمبولنس نه ڏني بيوس امڙ روئندي ڦٽا رڪشا تي پٽ جو لاش ڪڻائي وئي وارثن جو سمس اسپتال انتظاميا خلاف احتجاج، شهدادپور پرسان ڳوٺ فقير ڏني بخش پنهور جو رهواسي پورهيت عبدالڪريم پنهور دل جو مريض دل دوري دوران شهدادپور جي سمس اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ فوت ٿي ويو جنهن جو لاش ڳوٺ ڪڻائي وڃڻ لاءِ ايمبولنس نه ملڻ سبب ڦٽا رڪشا تي سندس امڙ ڳوٺ ڪڻائي وئي فوت ٿيل پورهيت جي امڙ ڪريمان اقبال پنهور ۽ ٻين ٻڌايو ته اسان جو پورهيت عبدالڪريم ڊاڪٽرن جي بي ڌياني ۽ صحيح علاج نه ڪرڻ سبب اسپتال ۾ فوت ٿي ويو جنهن جو لاش ڳوٺ ڪڻائي وڃڻ لاءِ اسان اسپتال انتظاميا کان ايمبولنس جي گهر ڪئي ته اسان کان 3000 ڪرايو گهريو ويو اسان جو ڳوٺ شهر کان 3 ڪلو ميٽر پري آهي پر اسان کان ڪرايي جي مد ۾ رشوت طلب ڪئي وئي آهي اسان مجبوري ڦٽا رڪشا تي لاش ڪڻائي وڃي رهيا آهيون اسان جو مطالبو آهي ته ملوث عملي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، ٻئي طرف ڊائريڪٽر سمس اسپتال ڊاڪٽر بشير جمالي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته مونکي ان معاملي بابت ڪا به ڄاڻ نه آهي جاچ ڪري ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

ٽائون ڪميٽي جتيا جي 8 ڪائونسلرن چيئرمين خلاف بي اعتمادي ظاهر ڪري ڇڏي

پ پ جي 10 ڪائونسلرن مان 8 ڪائونسلر ترقياتي ڪمن ۾ نظرانداز ڪرڻ تي ناراض

ٽائون ڪميٽي جتيا چيئرمين اسان جي وارڊن ۾ ٽڪي جو به ڪم ناهي ڪرايو: ناراض گروپ

ڪائونسلرن جي حصي جو ترقياتي فنڊ جاري ڪري ضروري ڪم ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهدادپور۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

شهدادپور: پ پ جا 8 ڪائونسلر چيئرمين خلاف پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ڪنڊڪوٽ ۾ بغير لائيسنس هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ هڪ ڄڻو گرفتار، ڪيس داخل، لاڪپ حوالي

ڪنڊڪوٽ رپورٽ (ذوالفقار علي سومرو) ڪنڊڪوٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 2

ضمير ويلفيئر طرفان اسڪول ۾ تقريب شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام تقسيم

سکر/ڏسو صفحو 2 بقايا 3

ڪشمور پرسان سولنگي برادري ۾ زميني تڪرار تان جهيڙو، ڌرين جا 4 ڄڻا زخمي، هڪ جي حالت نازڪ

ڳوٺ چوهاڻ سولنگي ۾ ٻنهي ڌرين جي ماڻهن هڪ ٻئي مٿان لٺين ۽ ڪهاڙين جو آزادانو استعمال ڪيو

جهيڙي ۾ ٻنهي ڌرين جا 4 ماڻهو رتورت ٿي پيا، طبي امداد جي لاءِ مختلف اسپتال منتقل ڪيو ويو

حد جي پوليس اطلاع تي پهچي ڪجهه ماڻهن کي گرفتار ڪري ٿاڻي ڪٺي وئي، علائقي ۾ خوف ڇانيل

ڪنڊڪوٽ (ذوالفقار علي سومرو) ڪشمور سولنگي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ زميني تڪرار تان /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

اسڪيمن جو افتتاح، انسانيت جي خدمت عبادت سمجهي ڪندا آهيون : نظير پيٽو

ابراهيم حيدري ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن چيئرمين يوسي ريڙهي ۾ مڪمل اسڪيمن جو افتتاح ڪيو

عوام کي پيئڻ جو پاڻي، سيوريج، روڊ ۽ ٻيون بنيادي سهولتون ڏئي اسان فرض ادا ڪيو آهي: چيئرمين

اسان صدين کان هتي آباد آهيون پر اسانجي ڪنهن به مالڪي نه ڪئي، اڄ اسان خوش آهيون: رهواسي

ملير(ڊ ر) ابراهيم حيدري ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جي چيئرمين نظير احمد پيٽو يوسي ريڙهي جي مختلف علائقن ۾ عوام کي پيئڻ جي صاف پاڻي، پيور بلاڪ ۽ سيوريج سميت ٻين مڪمل ٿيندڙ ڏهن اسڪيمن /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

نوشهروفيروز: پورهيت مدي خارج دوائون ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

سول اسپتال نوشهروفيروز مان مريض کي مدي خارج گوريون ملڻ جو انڪشاف

پيٽ ۾ تڪليف پوڻ سبب سرڪاري اسپتال ويس: رياض حسين سولنگي جي دانهن

معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي ايڪشن ڪٺي مريضن جون زندگيون بچايون وڃن: مطالبو

نوشهروفيروز (ڊ ر) سول اسپتال نوشهروفيروز جي ايم ايس مريض کي مدي خارج گوريون ڏئي ڇڏيون. ان سلسلي ۾ شهر جو رهواسي / ڏسو صفحو 2 بقايا 6

خيرپور ناٿن شاهه جي اسڪول مان لوهه، در ۽ دريون چوري، واقعي خلاف احتجاج

ڳوٺ ٻرڙا جي اسڪول مان مبينا سامان چوري خلاف شاگردياڻين ۽ ماسترياڻين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ٺيڪدار اسڪول جا مبينا تالا ٽوڙائي لکين روپين جو سامان چورائي ويو آهي: هيڊ ماسترياڻي آپا حميده جو الزام

تعليم وارو صوبائي وزير ۽ ٻيون اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺن، ٺيڪيدار خلاف ڪاروائي ڪري، سامان موٽرايو وڃي

خيرپور ناٿن شاهه (قربان علي ٻگهيو)تعلقي خيرپورناٿن شاهه جي ڳوٺ ٻرڙا جي سرڪاري نياڻين جي پرائمري اسڪول مان نامعلوم چورن پاران تالا ٽوڙي چوري ڪرڻ ۽ اسڪول جي پراڻي عمارت کي ڊاهي ان مان گارڊر ,ٽيئر ,/ڏسو صفحو 2 بقايا 7

خيرپور ناٿن شاهه: ڳوٺ ٻرڙا اسڪول مان ٺيڪيدار پاران مبينا سامان جي سوزوڪي ڀري پئي وڃي، ٻئي پاسي شاگرد، ماسترياڻيون احتجاج ڪري رهيون آهن

ٻٺورو ۾ تاجدار ختم نبوت ۽ نظام مصطفيٰ صہ جي عنوان سان ڪانفرنس

ڪانفرنس ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي ناليواري عالم سوڳورن پڻ شرڪت ڪئي

دلبر سائين، مفتي وزير احمد رضوي ۽ ٻين پاڻ ڪريمن صہ جو شان پڻ بيان ڪيو

سجاول (رپورٽر) تحريڪ لبيڪ پاڪستان ضلعي سجاول طرفان ميرپور ٻٺورو شهر ۾ تاجدار ختم نبوت ۽ نظام مصطفيٰ صہ جي عنوان سان /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

خيرپور ناٿن شاهه مان ڳوٺاڻي جي مينهن چوري، ڀاڳي قرآن پاڪ گھمايو

ڳوزو ۽ ڀرپاسي ۾ بدامني وڌي وئي، چور ڳوٺاڻي عمر ڪوسو جي گهر مان مينهن چوري ڪري ويا

ڀاڳي عمر ڪوسو مينهن جي واپسي لاءِ قرآن پاڪ کڻي علائقي ۾ گھمايو پر سندس مينهن نه ملي

خيرپور ناٿن شاهه (قربان علي ٻگهيو) بدامني چوٽ چڙهي وئي. خيرپور ناٿن شاهه پرسان ڳوزو پوليس جي حد ۾ بدامني چوٽ چڙهيل چور بادشاهه /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

اڏيرو لال واسڻ جو ڀيڻ ۽ پيٽوي خلاف احتجاج، ڌمڪيون ڏيڻ جو الزام

ننڍي ڀيڻ ۽ سندس مڙس اسان جي امڙ مٿان تشدد جو جو الزام لڳايو آهي: نور نساءَ چنا

ڪوڙا ڪيس ۽ ڪنيرائڻ جون ڌمڪيون پيون ملن، ايس ايس پي تحفظ فراهم ڪري: اپيل

اڏيرو لال (ن پاڪ) ٽائون ڪاميٽي اوڏيرولال اسٽيشن جي رهواسڻ مهتاب چنا، نور انساءَ چنا ۽ ٻين پريس ڪلب ۾ صحافين اڳيان دانهيندي /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

پريس ڪلب اڏيرولعل
ايٽ اسٽيشن
اڏيرو لال : عورت مائٽن سان گڏ ڀيڻ ۽ سندس پيٽوي خلاف پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

حيدرآباد ۾ ڊي سي کير ۽ گوشت جا سرڪاري اگهه مقرر ڪري ڇڏيا

کير في ليٽر 220، وڏو گوشت 800، ٻاڪرو 1850 رپيا في ڪلو مقرر ڪيو ويو

انتظاميا پاران سرڪاري اگهن تي عمل نه ڪندڙ خلاف سخت ڪاروائي جو فيصلو

حيدرآباد (بيورو) ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ جي صدارت هيٺ کير ۽ گوشت جا اگهه مقرر ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ اجلاس /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

ملير ۾ فيسٽيول جي پڄاڻي، آخري ڏينهن تي مفت طبي ڪيمپ قائم

رمضان لاسي ڳوٺ ۾ ٻن ڏينهن وارو فيسٽيول شاندار طريقي سان پڄاڻي تي پهتو

ڊي ايڇ او طرفان مفت طبي قائم، چڪاس ڪري مريضن کي دوائون پڻ ڏنيون ويون

ملير(ڊ ر) رمضان لاسي ڳوٺ، ملير ۾ علي ايونٽ ۽ مائي وليج ويلفيئر(منهنجي ڳوٺاڻي تنظيم) پاران ٻن ڏينهن کان جاري عوامي فيسٽيول /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

ڪراچي اورنگي ٽائون ۾ پير سائين پاڳاري جي 69هين سالگره ملهائي وئي

چوڌري هائوس ۾ سالگره تقريب ٿي، حرجماعت وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

تقريب جي آخر ۾ ڪيڪ ڪاٽي پير سائين پاڳاري جي ڊگهي ڄمار لاءِ دعا گهري وئي

ڪپرو(ن پاڪ) فقير محمد ارشد چوڌري ۽ حرنوجوانن پاران چوڌري هائوس ڪراچي اورنگي 10 شهيد واجد چوڪ ويجهو موجوده پيرسائين پاڳارا /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

ٺٽو پرسان گنڌارا پرائيويٽ لميٽيڊ جي برانچ جو افتتاح

سي اي او خورشيد خان ۽ ايڇ آر سي مالڪ رحمت الله خان افتتاح ڪيو

هتي ٽيڪنيڪل اسٽاف ۽ جينيئن پارٽس جو سامان ميسر هوندو: سي اي او

ٺٽو(رپورٽ: رمضان ميمڻ) ٺٽي لڳ باءِ پاس وٽ جيڪ ايڪس 200 شهزور گاڏين سميت مختلف گاڏين ۽ انهن جي پُرزن کي مارڪيٽ ڪندڙ /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

ڪراچي ۾ سنڌي ادبي سنگت عورت شاخ جي گڏجاڻي، آڪاش انصاري جي قتل جي شفاف جاچ جي گهر

ٻولي مرندي تڏهن آهي جڏهن ان سان محبت ڪرڻ ڇڏي ڏبي آهي: عابده گهانگهرو

ارغون ترخان دور ۾ هراس ڦهلائي لکن جي تعداد ۾ موجود علم ۽ ادب جي ڪتابن کي ساڙيو ويو: رضيه ڪوڪر

ٻوليءَ کي زنده رکڻ لاءِ اجتماعي طور تي اپاءُ وٺڻ جي ضرورت آهي: آمنه ابڙو/ خالده نسرين ۽ ٻين جون ڳالهيون

ڪراچي اوير(ن پاڪ) سنڌي ادبي سنگت عورت شاخ ڪراچي جي دستوري گڏجاڻي ٿي گذري. گڏجاڻي /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

ڪراچي اوير: سنڌي ادبي سنگت عورت شاخ جي دستوري گڏجاڻي ۾ شريڪ ميمبرن جو گروپ فوٽو

ادارن مان ڪرپشن، بدعنواني ۽ رشوت جو خاتمو آڻڻ گهرجي: مهراڻ ليبر فيڊريشن پاڪستان اڳواڻ

سکر (بيورو رپورٽ) مهراڻ ليبر فيڊريشن پاڪستان جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل راحب علي سميجو مهراڻ ليبر فيڊريشن جي قيادت سان گڏ، /ڏسو صفحو 3 بقايا 3

ميمڻ ڳوٺ ۾ گهر اندر ڪروڙين روپين جو ڌاڙو، ڌڻي يرغمال، گرفتارين لاءِ احتجاج

8 هٿياربندن سماجي اڳواڻ قمر بلوچ جي گهر ۾ داخل ٿي سمورين گهرڀاتين کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻايو

ڌوهاري گهر مان 21 لک نقد، 50 تولا سون ۽ قيمتي سامان بغير نمبر پليٽ واري شهزور گاڏي ۾ کڻي فرار ٿي ويا

ڪيس داخل ٿيڻ بعد گرفتاري عمل ۾ نه آئي، متاثرن جو احتجاج، پوليس شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو

گهرن ڌڻين سان گڏ شهرين پاران جوابدارن جي گرفتارين لاءِ احتجاج پڻ ڪيو ويو، ڌوهاري گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

ملير(ڊ ر) ملير جي سماجي اڳواڻ قمر بلوچ جي گهر مان 8 هٿياربندن آچر ۽ سومر واري ڏير سان هٿيارن جي زور تي گهر ۾ گهڙي گهرڀاتين کي يرغمال بڻائي 21 لک روپيا روڪ رقم، 50 تولا سون ۽ گهر جو قيمتي سامان بغير نمبر پليٽ جي شهزور گاڏي ۾ کڻي فرار ٿي ويا آهن. /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

رتوديري واسي پاران قرآن پاڪ کڻي زال جي ڳولا ۾ مدد جي اپيل

ٽي مهينا اڳ انڊس اسپتال علاج لاءِ آيس ته گهرواري گم ٿي وئي: چيزل شاهه

گهرواري نيڪ بيبي جو دماغي توازن ٺيڪ ناهي، سنڌس ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي

ملير(ڊ ر) رتوديرو جي غلام خان ڪوهري جو رهواسي سيد چيزل شاهه پنهنجي پٽ سيد ڪامران شاهه سان گڏ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 5


ملير: رتوديرو واسي پيرسن پٽ سان گڏ گهرواري جي ڳولا لاءِ هٿ ۾ قرآن پاڪ کڻي اپيل ڪندي

خيرپور اڪنامڪ زون ۽ زرعي ڪاليج وچ ۾ يادداشت نامي تي صحيحون

هي شراڪت تعليمي ادارن ۽ صنعتن وچ ۾ لاڳاپا مضبوط ڪندي: پروفيسر مرتضيٰ سهتو

اسان جو مقصد تعليم، تحقيق، جدت ۽ معاشي ترقي کي فروغ ڏيڻ آهي: محمد علي مهيسر

خيرپور (ڊ ر) خيرپور زرعي ۽ مينيجمينٽ سائنسز ڪاليج (KCAMS) ۽ سنڌ اڪنامڪ زونز مينيجمينٽ ڪمپني (SEZMC)/ڏسو صفحو 3 بقايا 6

شاهپورچاڪر ۾ منشيات جي وڪري ۽ واهپي خلاف سماجي تنظيمن جي ريلي

قومي ڪميشن برائي انساني حقوق، اينٽي ڪرائم اينڊ نارڪو ٽيڪس ۽ ٻين تنظيمن طرفان ريلي ڪڍي وئي

شهر ۾ سرعام منشيات خاص ڪري آئس جي نشي جو وڪرو عروج تي پهتل آهي: خادم عمراڻي/اخلاق ٽالپر

آئس جي نشي جو ڪاروبار ڪندڙن خلاف سخت ڪاروائيون ڪري نوجوان نسل کي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

شاهپورچاڪر (ن پاڪ) شاهپورچاڪر ۾ منشيات جي وڪري خلاف مختلف سماجي تنظيمن پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا 7

شاهپورچاڪر: سماجي تنظيمن پاران منشيات خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي، ٻئي پاسي اڳواڻ خطاب ڪندي

سردار خان چانڊيو جي سهڪار سان ڪاڇي ۾ مستحق هزارين ماڻهن ۾ ٻئي ڏينهن به راشن تقسيم ڪرڻ وارو عمل جاري

فريدآباد (ن پاڪ) پ پ ايم پي اي نواب سردار خان چانڊيو جي سهڪار سان ڪاڇي ۾ غريب مسڪين مستحق هزارين ماڻهن ۾ ٻئي ڏينهن /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

ڪمالديرو شهر جو فلٽر پلانٽ مهينن کان بند پيل، شهري ڪارو پاڻي پيئڻ تي مجبور

ڪنڊيارو ۾ ڪچي واري علائقي ڪمالديرو شهر جو فلٽر پلانٽ ڪيترن ئي مهينن کان بند پيل آهي: شهري

فلٽر پلانٽ بند هجڻ سبب نامعلوم موالي فلٽر پلانٽ ٻاهران لڳل پاڻي جون ٽوٽيون به پٽي چورائي ويا آهن

انتظاميا جي بي ڌياني سبب شهر ۽ ڀرپاسي جو عوام ڪارو پاڻي پيو پيئي، خدارا فلٽر پلانٽ بحال ڪرايو وڃي

ڪنڊيارو(ن پاڪ) ڪمالديرو شهر جو فلٽر پلانٽ ڪيترن ئي مهينن کان بند پيل، شهري جر جو ڪارو پاڻي پيئڻ تي مجبور، فلٽر پلانٽ مسلسل بند هجڻ سبب نامعلوم موالي فلٽر پلانٽ ٻاهران لڳل پاڻي جون ٽوٽيون به پٽي چورائي /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

غوثپور ۾ جماعت اصلاح المسلمين جي تقريب، اختلاف نه رکڻ جو عزم

سڄڻ آباد ۾ نون عهديدارن جي حلف برداري ۽ تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪرايو ويو

تربيتي ورڪشاپ ۾ اڳواڻن پاران ڪنهن سان به اختلاف نه رکڻ جو عزم ڪيو ويو

غوثپور (ن پاڪ) جماعت اصلاح المسلمين ضلع ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ طرفان المرڪز سڄڻ آباد نزد غوثپور ۾ برانچن جي نئين چونڊيل عهديدارن /ڏسو صفحو 2 بقايا 9

ميهڙ: ڳورڙ برادري جي چڱي مڙس جي ورسي دوران سنڌس پٽ کي پڳ ٻڌرائي پئي وڃي

ڳورڙ برادري چڱي مڙس سائين ڏتو خان جي ٻي ورسي ملهائي وئي، پٽ جي دستاربندي

سائين ڏتو خان تڪرارن جي نبيري لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو: امتياز پاشا

هو فقير قسم جو ماڻهو هو، هن جون وڏيون خدمتون هيون: معززين جو خطاب

ميهڙ(رپورٽ عظيم جانوري) ميهڙ پرسان ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ جي پڳدار، برادرين ۾ تڪرارن جي نبيري لاءِ متحرڪ ڪردار سرانجام ڏيندڙ سائين ڏتو /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

جمال شاهه ۾ ايس ٽي پي پاران سنڌ دشمن رٿائن خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪارڪن امداد علي ڏاهري، نادر علي مغيري جي اڳواڻي ۾ رستن تي اچي ويا نعريبازي ڪئي

ڪئنال ٺاهڻ سان سنڌ تباهه ٿي ويندي، پاڻي جو وڏو بحران پيدا ٿيندو: امداد علي ڏاهري

قومپرست پارٽيون ڪئنالن جي رد ٿيڻ تائين پنهنجو احتجاج جاري رکنديون: نادر علي ۽ ٻيا

جمال شاهه : (رپورٽ احسان علي جمالي) وفاقي حڪومت پاران سنڌو درياءَ مان غير قانوني طور تي 6 ڪئنال ڪڍڻ خلاف ايس ٽي پي پاران /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

شاهه لطيف واسڻ جو امڙ سميت ڏيرن خلاف احتجاج

ڏيرن تشدد ڪري جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي: ثناءِ ابڙو

حد جي پوليس الٽو منهنجي ڀائرن خلاف رڻ ٻاريو آهي: دانهن

ملير(ڊ ر) ملير جي علائقي ڪٽي محلي جي رهواسڻ ثناءِ ابڙو پنهنجي امڙ الله وسائي لاکو ۽ معصوم ٻارڙي سان گڏ پنهنجي ڏير عارف علي ابڙو /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

ملير: شاهه لطيف واسڻ امڙ سان گڏ ڏيرن ۽ نڻانن خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

ڊان اڪيڊمي اسڪول ۾ امتحانن ۾ ڪامياب ٿيل شاگردن لاءِ تقريب ڪوٺائي وئي

پرياروڊ (راشد ملڪ) پرياروڊ ڊان اڪيڊمي اسڪول ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

آل پاڪستان ڪلرڪ ايسوسيئيشن چاچڙ گروپ جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

سکر (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان ڪلرڪ ايسوسيئيشن /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

ڪي اين شاهه سي آءِ اي پوليس خلاف عورت جو عزيزن سميت احتجاج

سي آءِ اي پوليس بيگناهه پٽ کي ڪنيي گم ڪري ڇڏيو آهي: گلان خاتون

ٽن ڏينهن کان ٻچڙي جي ڪا خبر ناهي، 5 لک گهريا پيا وڃن: انور سولنگي جي والده

فريدآباد (رپورٽ سڪندر علي بروهي) ڪي اين شاهه سي آءِ اي پوليس بيگناهه پٽ کي ڪنيي گم ڪري ڇڏيو آهي، پٽ جي حياتيءَ کي خطرو آهي، /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

فريدآباد: عورت مائٽن سان گڏ ڪي اين شاهه جي سي آءِ اي پوليس خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

لاڙڪاڻي ۾ قمبر شهدادڪوٽ جي رهواسڻ ڊاڪٽر مختيار خاتون جو ڀائرن ۽ پوليس خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ضلعي قمبر شهدادڪوٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

ميهڙ پرسان اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي، پ پ اڳواڻ امتياز علي پاشا ۽ ٻين پاران افتتاح

ميهڙ(رپورٽر)ميهڙ: ميهڙ پرسان ڳوٺ صابن ٻلهڙو ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

نمائندگي جو اعلان

روزاني پاڪ ڪراچي پاران ڪنڊيارو اسٽيشن لاءِ آزاد علي گويانگ کي نمائندو مقرر ڪيو ويو آهي. خبرن، اخبارن ۽ اشتهارن لاءِ ساڻس موبائل نمبر 0300_08637460 رابطو ڪيو وڃي.

ادارو..................

آريجا پوليس پاران سِرڻ جو ٻٺو لڳائيندڙ مٿان مبينا تشدد، اسپتال منتقل

آريجا ٿاڻي جي منشي امان هليو شاهد مگريو مٿان وحشياڻو تشدد ڪيو: نديم مگريو

تشدد سبب شاهد مگريو بيهوش ٿي ويو، ڪيس اسپتال پهچايو آهي، انصاف ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) باقراڻي تعلقي جي شهر خير محمد آريجا پرسان مبينا پوليس تشدد ۾ زخمي ٿيل خيرمحمد آريجا واسي رٽائرڊ /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

ڪنڊيارو ۾ صحافي جي مان ۾ تقريب، ڪين خدمتن تي ڀيٽا پيش

جميعت علماءِ اسلام طرفان صحافين جي مان ۾ چانهه پارٽي منعقد ڪئي وئي

صحافي سماج جي ٽئين اک آهن، جنهن سبب مسئلا اجاگر ڪيون ٿا: صحافي اڳواڻ

ڪنڊيارو (آزاد گويانگ)ڪنڊيارو ۾ جي يو آءِ پاران صحافين جي مان ۾ چانهه پارٽي منعقد ڪئي وئي شهر جي هڪ مشهور هوٽل ۾ جمعيت /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

دادو ۾ ملازمن جو احتجاج، رهيل پگهارون ۽ پينشن ڏيڻ جو مطالبو

سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن ملازمن پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

پگهارون نه ملڻ سبب فاڪا ڪشي جو شڪار آهيون، انصاف ڪيو وڃي: سرفراز چنا

دادو (ڊ ر) سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن جي ملازمن پاران 7 مهينن کان پگهارون ۽ پينشن بند هجڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري دادو /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

دادو: سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن جا ملازم پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڳيريلو ۾ پورهيت پاران گهر سروي قسط نه ملڻ جي دانهن، مظاهرو

برساتن ۾ گهر ڊهي پيو، سرسو وارن قسط اماڻي، بئنڪ عملو نٿو ڏي: غلام نبي جتوئي

سرسو توڙي بينڪ عملي جون شڪايتون ڪيون آهن، تدارڪ نٿو ٿي، انصاف ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ٽائون ڪميٽي ڳيريلو جي ابڙا پاڙي جي رهواسي پورهيت طرفان گهر سروي قسط جي رقم نه /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

دادو ۾ ڪراچي جو رهواسي 8 ورهين جو نينگر لاوارث حالت ۾ هٿ

هٿ آيل نينگر پنهنجو نالو علي ٻڌائي رهيو آهي: چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر

وارثن جي ڳولا ڪريون پيا، فلحال چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي حوالي ڪيو آهي

دادو(ڊ ر) ڪراچي جو رهواسي 8 سالا معصوم نينگر دادو ۾ لاوارث حالت ۾ هٿ آيو آهي لاوارث حالت ۾ هٿ آيل نينگر کي دادو جي شهري /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

ڊي ايڇ او خيرپور ليڊي هيلٿ ورڪر جا الزام بي بنياد قرار ڏئي ڇڏيا

شبانا ٻرڙدي کان سپروائيزري واپس ورتي ته ناراض ٿي الزام پئي لڳائي: نديم اشرف جوکيو

شبانه ٻرڙدي پاران مون مٿان لڳايل حراساني جا الزام بي بنياد آهن: ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر

خيرپور (ڊ ر) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر خيرپور /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

گهوٽڪي ريجنل ڊائريڪٽر پاران ڊسٽرڪٽ جيل جو دورو قيدين جا مسئلا ٻڌا

فضل محمد شيخ واردن، بورچيخاني، مسجد ۽ اسڪول جو دورو پڻ ڪيو

محتسب اعلي سنڌ جو مقصد ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ آهي: ريجنل ڊائريڪٽر

ميرپور ماٿيلو (راجيش ڪمار سنڌي) گهوٽڪي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي سنڌ گهوٽڪي فضل محمد شيخ ڊسٽرڪٽ جيل /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

ڪرمپور ڪيڊٽ ڪاليج ۾ ساليانِي تقريب، پوزيشن کڻندڙ ڪيڊٽس ۾ انعام تقسيم

ڪاليج ۾ ٽيون ساليانو والدين جو ڏهاڙو ملهايو ويو، جنهن ۾ ڪميل حيدر شاهه مهمان خاص طور شرڪت ڪئي

2024ع ۾ پوزيشن کڻندڙ ٻارڙن ۾ انعام تقسيم ڪيا ويا ۽ نئين بئچ کي اسڪالر شپ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو

تقريب ۾ سهراب سرڪي، سردار تيغو تيغاڻي، ڊي سي ۽ ٻين شرڪت ڪري پريڊ سميت ثقافتي رانديون ڏٺيون

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: ذوالفقار علي سومرو) ڪيڊٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 9

شڪارپور ضلعي جي صحافين لاءِ ”ڊجيٽل دور ۾ ترقياتي صحافت“ جي عنوان هيٺ ورڪشاپ

سرسو پاران ورڪشاپ ڪوٺايو ويو، ڪراچي کان آيل سينيئر صحافين پڻ شرڪت ڪئي

ورڪشاپ ۾ صحافتي ڪردار جي اعتراف طور صحافين کي شيلڊ ۽ سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنو ويو

لکي غلام شاهه(رپورٽ گوگي رام) سرسو پاران شڪارپور ۽ لکي جي صحافين لاءِ ترقياتي صحافت تي اوريئنٽيشن ورڪشاپ ڪرايو ويو /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

لکي غلام شاهه: ورڪشاپ ۾ پاڪ جي عيوضي گوگي رام کي شيلڊ پيش ڪئي پئي وڃي

ورڪرز فيڊريشن بورڊ پاڪستان ۾ ڪا به اسڪيم نه هلائي وئي: صدر

پورهيت اڳواڻ شفاف فلاحي اسڪيمن تي اعتماد پيدا ڪري اڳتي وڌ: رضوانه پيٽو

ليبر سيڪريٽري خلاف جيڪا مهم شروع ڪئي آهي اها غلط آهي: راهب سميجو جي پريس ڪانفرنس

ڍهرڪي (رپورٽ وجي ڪمارچاولا) مهراڻ ليبر فيڊريشن /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

ڪنڊيارو پرسان ڳوٺاڻي جي گهرن مان پلوڙ نسل جو ٻڪريون چوري

ڪنڊيارو(ن پاڪ) ڪنڊيارو پرسان ڳوٺاڻي جون گهر مان /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

پريس ڪلب سيوهڻ شريف
سيوهڻ: عورت ۽ نوجوان ٻن ٻارڙن سميت گم ٿيل عورت جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪندي

قلندر جي مزار تان عورت ٻن نياڻين سميت گم، مڙس کي اغوا جو شڪ، احتجاج

زال کي مزار تي ويهاري سامان وٺڻ ويس، واپس آيس ته نياڻين سميت نه هئي: خالد سرڳاٽي

وقعي جي رپورٽ داخل ڪرائي آهي، ڳولا ۾ منهنجي مدد ڪئي وڃي: لاڙڪاڻي واسي جو مطالبو

سيوهڻ، (عبدالستار ملاح) لاڙڪاڻي شهر جي ٻريل سرڳاٽي واسي درگاهه قلندر لعل شهباز مزار تي حاضري لاءِ آيل عورت معصوم نياڻين سميت گم ٿي آهي جنهن سبب مڙس خالد حسين سرڳاٽي سيوهڻ پريس /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

چيما ۽ جٽ برادري کير ڪنڊ، هڪ ڌر تي 5 لک ڏنڊ، اڳرائي ڪندڙن تي 10 لک ڏنڊ وجهڻ جي فتويٰ

ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار جو فيصلو رئيس عبدالواحد جمالي جي سرپنچي ۾ ٻانڌي ۾ ٿيو، چڱا مڙس شريڪ

فيصلي ۾ ڳالهين کان پوءِ معززن رياض حسين چيما واري ڌر کي ڏوهي قرار ڏئي 5 لک روپيا ڏنڊ رکيو

اڳرائي ڪندڙ ڌر مٿان 10 لک روپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو، ٻئي ڌريون ڪيس تان هٿ کڻڻ جون پابند هونديون

دريا خان مري (ن پاڪ) دريا خان مري ۾ گذريل ستن سالن کان چيما برادري جي رياض حسين چيما ۽ جٽ برادري جي محمد ياسين جٽ جي ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار جو فيصلو رئيس عبدالواحد جمالي جي سرپنچي ۾ ٻانڌي ۾ ٿيو ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد فيصلي جي امينن غلام سرور ڏاهري اختر خاصخيلي ۽ فيصلي ڪندڙ رئيس عبدالواحد جمالي ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

چوٽياريون سانحو: 11 جوابدارن جي ڪچي ضمانت ۾ چئن ڏينهن جي واڌ

سانحي جي ايف آءِ آر ۾ نامزد جوابدارن عطاءالله جوٽيجو ۽ ٻين کي نواب شاهه جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

جج عبدالغفور ڪلهوڙي جوابدارن جي وڪيل جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ جوابدارن جي ضمانت ۾ چئن ڏينهن جو واڌارو ڪيو

سانحي جا 7 جوابدار اڃا تائين روپوش آهن، عدالت گرفتار جوابدارن جي ضمانت ۾ 28 تاريخ تائين واڌ ڪئي آهي

چوٽياريون (رپورٽ سيد لعل خان شاهه) چوٽياريون سانحي جي ايف آءِ آر ۾ نامزد جوابدارن عطاءالله جوٽيجو سيف الله جوٽيجو ايس ايڇ او غلام محمد سهتو سميت 11 جوابدار جن جي 24 تاريخ تائين ڪچي ضمانت هئي اڄ نوابشاهه جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ پيش ٿي ويا عدالت سندن ضمانت چئن ڏينهن جو اضافو ڪري 28 تاريخ تائين /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

ميرپور ماٿيلو: ريجنل ڊائريڪٽر محتسب ڊسٽرڪٽ جيل جو دورو ڪرڻ دوران قيدين جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سمر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي-آر-آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي